# ......آرياڻي اگواڻ

## سيرت النبي ﷺ متعلق چونڊ مضامين



CADET COLLEGE LARKANA

Marfat.com

Collection of Prof. Muhammad Iqbal Mujaddidi
Preserved in Punjab University Library.

پروفیسر محمد اقبال مجددی کا مجموعہ
پنجاب یونیورسٹی لائبریری میں محفوظ شدہ

Marfat.com

For:

**Prof. Muhammad Iqbal Mujaddadi**
Ex-Chairman, Department of History,
Government Islamia College,
Civil Lines, Lahore.

From: SIKANDER ALI CHANNA
**Vice Principal (Academics)**
**Cadet College Larkana**
15-4-2014

سر! اس کتاب کا پیش لفظ بھی میرا ہی لکھا ہوا
ہے جو کہ پرنسپل کے نام سے دیا گیا ہے۔ پھر پیش لفظ کے
بعد "یہ آکر" میرا اداریہ ہے۔ اور "ازواجِ
رسولﷺ" میرا ملفوظ ہے۔ جبکہ "اولادِ رسولﷺ" بھی
اصل میں میرا ہی لکھا ہوا ملفوظ ہے جو کہ ایک شعبہ
استاد الفت علی قاقا کے نام سے شائع کیا گیا۔ اس
کی [illegible]

Marfat.com

8292

# ....آرياڻي اگواڻ

سيرت النبي ﷺ متعلق چونڊ مضامين

مرتب

سڪندرعلي چنا

ڪيڊٽ ڪاليج، لاڙڪاڻو

Marfat.com

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

137008

ڪتاب جو نالو: آرياٽي اڳواڻ
مرتب: سڪندر علي چنا
ڇپائيءَ جو سال: 2006ع
ڪمپوزنگ: طارق حسن هيسباڻي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. فون: 2737290
ڇپائيندڙ: ڪيڊٽ ڪالج لاڙڪاڻو.

ملڻ جا هنڌ

نيشنل بوڪ ڊپو، بندر روڊ لاڙڪاڻو. فون: 4042574
مسٽر بُڪس، سپر مارڪيٽ، اسلام آباد. فون: 2278843
ٿامس اينڊ ٿامس، ريگل چوڪ، صدر ڪراچي. فون: 5682200
اظهار سنز، اردو بازار، لاهور. فون: 7220761
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي. فون: 2638025
ڪتاب مرڪز، فريئر روڊ، سکر

Marfat.com

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ
كَمَا صَلَّيْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ
اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ○

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ
كَمَا بَارَكْتَ عَلٰى اِبْرَاهِيْمَ وَ عَلٰى اٰلِ اِبْرَاهِيْمَ
اِنَّكَ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ○

Marfat.com

# فهرست


| صفحو | ليکڪ/ مترجم | عنوان |
|---|---|---|
| 5 | پروفيسر محمد يوسف شيخ | ☆ پيش لفظ |
| 8 | مرتب پاران | ☆ ٻه اکر |
| 11 | پروفيسر محمد يوسف شيخ | ☆ پيغمبرِ انقلاب |
| 17 | ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ | ☆ عشقِ رسول: عظمتن جي واٽ |
| 23 | سڪندر علي چنا | ☆ ازواجِ رسول ﷺ |
| 32 | حافظ عبدالوهاب مگريو | ☆ پاڻ سڳورن ﷺ جا معجزا |
| 39 | اياز علي لاکير | ☆ رسولِ ﷺ سان محبت جا ڪجهه نمونا |
| 44 | الفت علي قاضي | ☆ اولادِ رسول ﷺ |
| 50 | آفاق احمد شيخ | ☆ سيرت جو مطالعو ڪيئن ڪجي؟ |
| 63 | عبدالقيوم شاهه | ☆ سيرت جو روشن سچ |
| 69 | شيخ سليم الرحمٰن | ☆ ڪلامِ نبوي: فصاحت ۽ بلاغت جو نمونو |
| 77 | فهيم الدين سومرو | ☆ انسانِ ڪامل |
| 80 | سميرگل خواجه | ☆ نبوتِ محمديءَ جو عقلي ثبوت |
| 97 | اظهرالدين پنو | ☆ وحيءِ محمدي ۽ ڪيفيتِ نزول |
| 103 | راشد ڪلوڙ | ☆ حضور ﷺ جن بحيثيت سپهه سالار |
| 117 | راڻا محمد علي | ☆ حضور اڪرم ﷺ جن جو لباس |
| 121 | سعيد احمد شيخ | ☆ حضور اڪرم ﷺ بطور طبيب |
| 128 | محمد يونس رند | ☆ حجتہ الوداع |
| 136 | فضل الرحمٰن | ☆ قدسي ظهور |
| 139 | علي حيدر پيرزادو | ☆ محمد رسول الله ﷺ |
| 147 | غلام حسين چانڊيو | ☆ حضور اڪرم ﷺ جن جا اخلاق ۽ خوبيون |
| 155 | عمران بدر سولنگي | ☆ سيرتِ رسول ﷺ هڪ نظر ۾ |


Marfat.com

# پيش لفظ

سن 1978ع ۾، آمريڪا جي شهر نيويارڪ مان هڪ شخص، جيڪو مذهبي طور عيسائي ۽ تعليمي طور سائنسدان هو، هڪڙو ڪتاب لکي شايع ڪيو. ڪتاب جو نالو هو:

"The 100: A Ranking of most Influential Prersons in the History"

ان ڪتاب ۾ هن دنيا جي سئو مشهور هستين جو ذڪر ڪيو ۽ ان ۾ انهن جي احوال سان گڏ سندن ڪارناما ۽ انساني تاريخ تي انهن جا اثرات بہ بيان ڪيائين. ڪتاب جو ليکڪ هو Dr. Michael H. Hart

ليکڪ باوجود هڪ عيسائي ۽ يورپي هجڻ جي، فهرست ۾ نمبر هڪ تي نہ حضرت عيسىٰ السلام جو نالو رکيو ۽ نہ ئي نيوٽن جو بلڪ سڀ کان اول حضرت محمد ﷺ جن جو نالو رکيائين. ليکڪ حضرت محمد ﷺ جن جي ساراه ڪندي جيڪي لفظ استعمال ڪيا آهن اُهي اسان جي عقيدت سان لکيل سيرت جي ڪيترن ئي ڪتابن کان وڌيڪ وزني آهن. ڊاڪٽر مائيڪل ايچ هارٽ، حضور ﷺ جن جي ڪامل شخصيت جي تعريف ڪندي لکي ٿو:

"He was the only man in history who was supremely successful on both the religious and secular levels.: P:1:" "The 100"

روايت آهي تہ حضور ﷺ جن جيڪا دائمي دعا گهرندا هئا ان ۾ بہ آخرت جي ڪاميابي ۽ پلاين سان گڏ دنيا جي ڪاميابي ۽ پلائي بہ گهرندا هئا:

رَبَّنَا اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّار

ان کان اڳ برطانوي دانشور ۽ ليکڪ طامس ڪارلائل، حضور ﷺ جن کي "نبين جو هيرو" ۽ سندس ساٿين کي "هيرن جي نرسري" قرار ڏنو



Marfat.com

هو. مشهور تاريخ دان فلپ ڪي حطي چيو هو ته:

"Muhammad (S.A.W) was born in the full light of history"

مٿي امريڪي ۽ برطانوي دانشورن جا بيان صرف ان ڪري نه ڏنا ويا آهن ته ان سان محمد ﷺ جن جي ڪردار جي عظمت لاءِ ڪا شاهدي گهرجي بلڪ انهن بيانن ڏيڻ جو مقصد اِهو ظاهر ڪرڻ آهي ته محمد ﷺ جن انساني تاريخ جا اُهي عظيم انسان آهن جو دنيا جو هر انسان، جيڪڏهن غير جانبدار ٿي سندن شخصيت جو مطالعو ڪندو ته اهو سندن ساراه جا گيت ڳائيندو.

انساني تاريخ گواه آهي ته حضرت محمد ﷺ جن ڪان وڌيڪ ڪنهن به انساني سماج تي ايڏو گهرو اثر نه ڇڏيو آهي جيترو محمد ﷺ جن.

مذهبي دنيا ۾ شخصيت پرستيءَ جي جاءِ تي خداپرستي، انساني ذهن ڪي وهمن جي ٻاٽ اونداهيءَ مان ڪڍي، يقين ۽ ايمان جي پختگي، فطري مظاهر ڪي پوڄڻ ۽ پرستش ڪرڻ بدران اُنهن جي تسخير ڪرڻ، علمي دنيا ۾ هوائي قلعا اڏڻ بجاءِ حقيقت شناسي ۽ حقيقت نگاري، سياسي دنيا ۾ آمريت، شهنشاهيت ۽ ملوڪيت جي جاءِ تي جمهوريت، سماجي نظم و ضبط ۾ ظلم ۽ ڏاڍ جي جاءِ تي عدل ۽ انصاف ڪرڻ.

اهي سڀ شيون محمد مصطفيٰ ﷺ جن جون عطا ڪيل آهن. تنهن ڪري بجا طور تي حضور ﷺ جن ڪامل انسان آهن ۽ سندن تربيت هيٺ، سندن اسوه حسنه جي پيروي ڪندي اُهي هيرا پيدا ٿيا جو وري دنيا نه ڏٺا. محمد ﷺ جن جي اسوه حسنه جا پيروڪار اُهي سندن ساٿي جن لاءِ پنهنجن ڪان سواءِ غير به گواهي ڏين ٿا ته انهن جو مثال دنيا ۾ ڪٿي به نه ٿو ملي: فلپ ڪي هٽي لکي ٿو ته:

"After the death of the Prophet (S.A.W) sterile Arabia seems to have been converted as if by majic into a nursary of heroes the like of whom both in number and quality is hard to find anywhere."

P.K. Hiitti, History of Arabs (1979) P-142.

مقصد ته حضور ﷺ جن جي ڪردار جي ساراهه دنيا جو هر هوشمند انسان ڪري رهيو آهي. مسلمانن کي ته الله تعاليٰ هدايت ڪئي آهي ته



Marfat.com

جيڪڏهن اُهي الله سان ملڻ جي اميد رکن ٿا ته محمد ﷺ جن جي اسوه حسنه جي پيروي ڪن.

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو شروع ڪان وٺي پنهنجي ڪيڊٽس جي تعليم ۽ تربيت تي توجه سان گڏ سندن ڪردار سازيءَ لاءِ به ڪوشان رهيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ اهي شخصيتون جيڪي ميجيل ڪردار جون حامل رهيون آهن، انهن جي سوانح ۽ ڪارنامن تي ڪتاب شايع ڪري نوجوانن لاءِ پيش ڪندو رهيو آهي ته جيئن اڄ جو نوجوان انهن کي پنهنجو آئيڊيل بنائي پنهنجو مستقبل روشن ڪري. انهن شخصيتن ۾ محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شخصيت سڀ کان مٿانهين آهي.

هن کان اڳ 1999ع ۾ سيد الڪونين ﷺ، 2002ع ۾ ”نورِ هدايت“ ۽ 2005ع ۾ ”سرورِ ڪائنات ﷺ“ جا سيرت تي ٽي ڪتاب ڪاليج طرفان شايع ٿي چڪا آهن ۽ هي ان سلسلي جو چوٿون ڪتاب آهي.

هن ڪتاب جي مقالن جي سهيڙ، انهن جي ترتيب ۽ تدوين لاءِ آءٌ ڪاليج جي اسسٽنٽ پروفيسر محترم سڪندر علي چنه کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ٿو ڏيان ۽ سيني ڪيڊٽس ۽ استادن کي پڻ جس هجي جن هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ اشاعت ۾ تعاون ڪيو.

**محمد يوسف شيخ**

پرنسپال

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو



Marfat.com

# ٻه اکر

سيرت جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ جڏهن سن 2 هجري ۾ حق ۽ باطل جي وچ ۾ پهرين جنگ "غزوه بدر" واقع ٿي جنهن ۾ 313 ڪمزور مسلمانن تي هر قسم جي هٿيارن سان هڪ هزار ڪافرن جي لشڪر حملو ڪيو ۽ جڏهن جنگ زور ورتو تہ محمد ﷺ جن بي اختيار پنهنجي رب آڏو سجدي ۾ ڪري پيا ۽ پنهنجي پروردگار ڪان نصرت ۽ مدد لاءِ هي لفظ سندن زبان مبارڪ تي هئا:

اَللّٰهُمَّ اَنجزْلِيْ مَاوَعَدْتَنِيْ اللّٰهُمَّ اَنْشُدُكَ عَهْدَكَ وَوَعْدَكَ اَللّٰهُمَّ اِنْ تَهْلِكْ هٰذِهِ الْعِصَابَةُ الْيومَ لاَ تُعْبَدْ، اَللّٰهُمَّ اِنْ شِئْتَ لَمْ تُعْبَدْ بَعْدَ الْيَوْمِ اَبَداً

(اليسره النبويہ ابن ڪثير 2/411)، (رحيق المختوم ـ 294)

"اي الله! تو مونسان جيڪو (ڪاميابيءَ جو) وعدو فرمايو آهي سو پورو فرماءِ. اي الله! آءٌ توکان تنهنجي عهد ۽ وعدي جو سوال ٿو ڪريان. اي الله! جيڪڏهن اڄ هي ٿورڙي جماعت هلاڪ ٿي وئي تہ پوءِ تنهنجي عبادت نہ ٿيندي. اي الله! جيڪڏهن تون چاهين تہ اڄ کان پوءِ تنهنجي عبادت ڪڏهن بہ نہ ٿئي."

محمد ﷺ جن جي دعا جا مٿيان الفاظ صرف الفاظ ئي نہ آهن بلڪ هڪ سادي حقيقت جو اظهار هئا. حقيقت اها هئي تہ غزوه بدر ۾ باطل جي طاقتن سان ٽڪر کائيندڙ 313 اصحابن جي پاڪيزه جماعت ڪا عام انسانن جي جماعت نہ هئي بلڪ هن جماعت جي پٺيان حضرت ابراهيم عليہ السلام جن جي دعا گهرڻ کان پوءِ جا اڍائي هزار سال لڳل هئا. دعاءِ ابراهيمي ۽ بعثت محمدي درميان اڍائي هزار سالن دوران مخصوص حالتن اندر جيڪا قوم پيدا ٿي چڪي هئي، انهن جو جوهر ۽ تت ۽ انهن منجهان چونڊ انسانن تي مشتمل 313 ماڻهن جي اها جماعت هئي جنهن کي قرآن ڪريم "خير امت" سڏيو آهي. اِهوئي اُهو



Marfat.com

گروهہ ۽ جماعت هئي، جيڪي وقت جي خونخوار ۽ ظالم قوتن خلاف مهاڏو اٽڪايو بيٺا هئا. جيڪڏهن اُهي، اُن وقت هلاڪ ٿي وڃن ها تہ شايد دنيا جو نقشو ڪو ٻيو هجي ها، پر پروردگار ڪي ان تيار ٿيل قوم جي چونڊ ماڻهن کي قيامت تائين جي انسانن لاءِ هڪ مثال ۽ نمونو پيش ڪرڻو هو، تنهن ڪري اهي ڪامياب ٿيا ۽ دنيا ڏٺو تہ محمد رسول الله ۽ سندن ساٿين، دنيا جي تهذيبن جا رخ ڦيرائي ڇڏيا.

اِها "اَلعِصَابَہ" جنهن دنيا جي گولي تي ظلم ۽ ڏاڍ کي ختم ڪيو ۽ انسان کي، انسان جي غلاميءَ مان ڪڍيو ۽ صرف حق ۽ انصاف جو علم بلند رکيو، جن عربستان جي ٻيٽ تي 23 سالن جي مختصر مدت ۾ توحيد کي غالب ڪيو شرڪ ۽ گمراهيءَ جي مڙني نظامن کي مليا ميٽ ڪيو ۽ اسلام کي غالب ڪيو. جيتوڻيڪ اڄ پوري دنيا ۾ فڪري غالب دين صرف اسلام ئي آهي ۽ نظرياتي ۽ عملي طور اُن "اَلعِصَابَہ" جي تسلسل طور دنيا ۾ مسلمان بہ موجود آهن پر اڄ پوري دنيا ۾ نشر و اشاعت جي شعبن جي ترقي ۽ ڦهلاء جي ڪري دنيا هڪ فڪري گمراهي، شرڪ ۽ الحاد جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل آهي.

ڪيڊٽ ڪالج لاڙڪاڻو، ڪالج جي پرنسپال محترم پروفيسر محمديوسف شيخ صاحب جي رهنمائيءَ ۾ نوجوانن جي اهڙي ئي هڪ "اَلعِصَابَہ" تيار ڪرڻ ۾ رڌل آهي جيڪي نظرياتي ۽ عملي طور تي ساڃهہ وند مسلمان هجن، جن جا هيرو خلفاءِ راشدين وانگر مجاهدينِ اسلام هجن، جيڪي فڪري طور هر عقيدي جي گمراهي کان پاڪ ۽ پختي يقين ۽ ايمان سان ڀريل هجن.

ان ڪري ڪالج جي نصابي سرگرمين سان گڏ هم نصابي سرگرمين ۾ اِها ڳالهہ بہ شامل رهي آهي تہ سيرت ڪانفرنس، يومِ لطيف، يومِ اقبال ۽ ٻين موقعن تي پنهنجي اسلاف جي فڪر ۽ ڪارنامن کان پنهنجن نوجوانن کي روشناس ڪرائڻ لاءِ ٻين سرگرمين سان گڏ ڪانئن ان تي مضمون لکرائجن تہ جيئن هو وڌ ۾ وڌ تسلسل سان رابطي ۾ رهن، مطالعو ڪن ۽ سندن ڪردار "اسوه حسنہ" جي پيرويءَ ۾ دين ۽ دنيا جي خوبين جو حسين امتزاج هجي.

هن کان اڳ سيرت ڪانفرنس جي موقعي تي ٽي ڪتاب شايع



Marfat.com

تي ڇپيل آهن ۽ هي ان سلسلي جو چوٿون ڪتاب آهي، جيڪو پڻ نوجوان ڪيڊٽس ۽ سندن استادن جي طبع زاد لکڻين ۽ ترجمن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب جي اشاعت جي جملي مرحلن ۾ محترم پروفيسر محمد يوسف شيخ صاحب جيڪا رهنمائي ۽ رهبري عطا ڪئي ان لاءِ آءٌ سندن تهہ دل سان شڪرگذار آهيان. آءٌ سيني استادن ۽ ڪيڊٽس جو بہ شڪرگذار آهيان جن پنهنجين لکڻين ذريعي سهڪار ڪيو. آءٌ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي جي مالڪ ۽ پرنٽر محترم نور احمد ميمڻ صاحب جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن ڪتاب کي سهڻي انداز ۾، ٿوري وقت ۾ شايع ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

سڪندر علي چنہ

اسسٽنٽ پروفيسر اسلاميات



Marfat.com

# پيغمبر انقلاب ﷺ

قائد اعظم محمد علي جناح
مترجم: محمد يوسف شيخ

حضرت ابراهيم عليہ السلام جي سيني پٽن ۾ وڏو پٽ حضرت اسماعيل عليہ السلام هو، جنهن کي بائبل ۽ تورات جي روايت موجب ٻارنهن پٽ ڄاوا، جن مان هڪ جو نالو قيدار هو، جنهن جي اولاد عرب جي صوبي حجاز ۾ آباد ٿي، عرب وارا قيدار جو اولاد آهن.

سمورا تاريخدان ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ ٻنهي جهانن جي سردار، نبي ڪريم ﷺ جن جو شجره نسب عدنان سان ملي ٿو، جيڪو ٽاليهين پيڙهيءَ ۾ حضرت اسماعيل عليہ السلام سان وڃيو ملي. اهڙيءَ ريت حضور ڪريم ﷺ جن جو سلسلہ نسب حضرت ابراهيم عليہ السلام سان ملي ٿو. حضرت ابراهيم عليہ السلام جي نائين پيڙهيءَ ۾ نضر بن ڪنانہ جو نالو ملي ٿو، جيڪو مڪي جي قريشن جو مورث اعليٰ هو، مطلب تہ شرافت ۽ وجاهت جي لحاظ کان پڻ حضور ڪريم ﷺ جن جو خاندان معززہ باوقار هو.

جاگرافي جو هڪ عام شاگرد پڻ اهو ڄاڻي ٿو، تہ جزيرہ العرب، وڏي کنڊ ايشيا جي ذڪڻ اولهہ طرف آهي، جتي ايشيا، يورپ ۽ آفريڪا جهڙا ٽي وڏا کنڊ پاڻ ۾ ملن ٿا. اسلام جو سج اڀرڻ کان اڳ، دنيا گهٽي ٻاڱي جهالت جي اونداهيءَ ۾ ٻڏل هئي. عرب جي تہ حالت ماڳهين خراب هئي. اتي ماڻهن جو ڏار ڏارہ مختلف مذهبن تي ويساهہ هو، پربت پرستيءَ ۾ سيئي هڪ ٻئي جا ساٿي هئا. ايتريقدر جو ڪعبتہ الله ۾ پڻ حضرت ابراهيم عليہ السلام، اسماعيل عليہ السلام، عيسيٰ عليہ السلام ۽ مريم صديقہ ع جي بتن جي پوڄا ٿيندي هئي.

عرب جي ماڻهن جي زندگيءَ جو دارومدار تلوار بازيءَ تي هو ۽ جيئن تہ سندن پرورش اهڙي ئي ماحول ۾ ٿيندي هئي، ان ڪري سفاڪي ۽



Marfat.com

خونخواري سندن فطرت جو حصو بڻجي وئي هئي. سندن ڏينهن توڙي راتيون هڪ ٻئي سان وڙهڻ ۽ خونريزيءَ ۾ گذرنديون هيون. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي تلوارون مياڻ مان نڪري ايندڙيون هيون ۽ گهڙي کن ۾ ئي لاشن جا ڍير لڳي ويندا هئا. اهڙين حالتن ۾ انساني رت جي تقدس ڏانهن تہ ڪنهن جو خيال بہ ڪونہ ويندو هو. ان کان علاوه نياڻين کي جيئري پورڻ، شراب نوشي ۽ عياشيءَ ۾ زندگي گذارڻ وارين حقيقتن تي دنيا جي تاريخ جا ورق شاهد آهن.

قدرت جو اهو قانون آهي تہ سرءُ جي مند ۾ جڏهن وڻن جا پَن سُڪي ڇڻي پوندا آهن تہ پوءِ بهار جون دلفريب هوائون بہ گهڻو پنتي ڪونہ رهنديون آهن. ڪومائيل ٻوٽن ۽ سڪل وڻن ۾ وري گونچ ڦٽڻ لڳندا آهن، اهڙيءَ طرح سڄو ماحول ڪنوار وانگر سينگارجي ويندو آهي. ساڳيءَ ريت، عرب جو علائقو جڏهن گمراهيءَ جي اونداهين ۾ ٿوڪرون کائي رهيو هو تہ الله تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اهڙو سج اڀاريو، جنهن جي تابناڪ ڪرڻن ٻاٽ اونداهين واٽن کي بہ نورسان روشن ڪري ڇڏيو. اهو 22 اپريل 571ع جو ڏينهن هو جڏهن مڪي ۾ رسالت جو آفتاب طلوع ٿيو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جوانيءَ جي شروع ٿيڻ تائين ڌراڙ طور ڪم ڪيو، ان مان جڻ تہ اهو ظاهر پئي ڪيو ويو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جهڙيءَ ريت رڍن، ٻڪرين کي خونخوار جانورن کان محفوظ رکندا هئا، تهڙيءَ طرح انسانن جي ڌڻ جا پڻ ڌراڙ هئا.

چوڏهن سالن جي عمر ۾ پاڻ سڳورا ﷺ هڪ تجارتي قافلي سان گڏ شام ڏانهن ڏيسارو سانگي روانا ٿيا. ڪجهہ ورهين بعد عرب جي سرزمين تي قريش ۽ بني قيس ۾ خوفناڪ جنگ شروع ٿي وئي. ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ اها خونريزي پنهنجي اکين سان ڏٺي جنهن جو سندن حساس دل تي نهايت گهرو اثر ٿيو ۽ پاڻ حق ۽ صداقت جو جهنڊو بلند رکندي امن ۽ آشتي جي حفاظت جو پڪو پهہ ڪيائون ۽ نيٺ ڌرين ۾ صلاح صفائي ڪرائڻ ۾ سوڀارا ٿيا. تاريخ ۾ ان صلح کي "حلف الفضول" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي ذريعي هيڻن ۽ مظلومن جي مدد ۽ حفاظت جو وچن ڪيو ويو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن بلوغت جي عمر کي پهتا تہ پنهنجي



Marfat.com

وڏڙن جي پوئواريءَ ۾ تجارت شروع ڪيائون. سندن ديانت، صداقت، خلوص ۽ ايمانداريءَ مومنن جي ماءُ حضرت خديجه رضہ تي ايترو تہ اثر ڪيو جو هن پاڻ سڳورن ﷺ کي حساب ۾ نهندڙ حصي کان ٻيڻو منافعو ڏيڻ تي زور ڀريو.

عرب جي معتبر ۽ شريف گهراڻن ۾ رواج هو تہ مائرون پنهنجن ٻارڙن کي پنهنجي ٿڃ پيارڻ بدران ڪين ڳوٺن جي سنگهارين عورتن جي حوالي ڪنديون هيون. پاڻ ﷺ جن جي ولادت کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين سندن امڙ سائڻ ٿي ڪين کير پيياريو. ان بعد ابولهب جي ٻانهيءَ ثوبيه رضہ کين ٿڃ پيئاري ۽ ان کان پوءِ کين بيبي حليمہ سعديہ رضہ جي حوالي ڪيو ويو. جنهن وٽ ٻہ سال گذارڻ بعد پاڻ پنهنجي والده محترمہ وٽ موٽي آيا. پر مکي ۾ وبا ڦهلجڻ ڪري ستت ئي کين وري ٻاهر ڳوٺ ڏانهن روانو ڪيو ويو. جتي پاڻ ﷺ ڇهہ سال بيبي حليمہ سعديہ رضہ وٽ رهڻ بعد واپس آيا. ان دوران سندن امڙ پنهنجي خاوند (حضرت عبدالله) جي قبر جي زيارت لاءِ مسافريءَ ۾ هئي تہ رستي ۾ وفات ڪيائين. ان بعد پاڻ سڳورن ﷺ جي پرورش جو ذمو سندن ڏاڏي عبدالمطلب ڪنيو.

حضور ﷺ جن ۾ محبت، امانت ۽ صداقت جا جوهر ننڍپڻ کان ئي نمايان هئا. جيئن تہ اڳ ۾ ذڪر اچي چڪو آهي تہ حضرت خديجہ رضہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي امانت ۽ ديانت کان ايترو تہ متاثر هئي جو هن پاڻ حضور ﷺ جن جي زوجيت ۾ اچڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. حالانڪ ان کان اڳ عرب جا وڏا وڏا سردار حضرت خديجہ رضہ سان نڪاح جي خواهش ظاهر ڪري چڪا هئا. جنهن کي هن رد ڪري ڇڏيو هو.

شاديءَ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جن جي عمر 25 سال هئي ۽ حضرت خديجہ رضہ کانئن پندرهن ورهيہ وڏي هئي. پر عمر جي انهيءَ تفاوت هوندي بہ سندن پاڻ ۾ بيحد محبت هئي. انهن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ هر ماڻهوءَ کي اها اجازت هئي تہ ڪيس جيتريون وڻن اوتريون شاديون ڪري. پر حضور ﷺ جن حضرت خديجہ رضہ جي حياتيءَ ۾ ڪنهن ٻي عورت سان شادي نہ ڪئي. هاڻ اهي مت جا موڙهيل جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شادين تي اعتراض ورايندا آهن، ٻڌائن تہ هڪ شخص جيڪو ڀرپور جواني ۾ هڪ چاليهن سالن جي بيوه سان پرڻجي ٿو ۽ سندن حياتيءَ ۾ ٻئي نڪاح جو دل ۾ خيال بہ نٿو آڻي، ڇا ڪو بہ بد باطن کان



Marfat.com

بد باطن ماڻهو بہ اهو چئي سگهي ٿو تہ حضورﷺ جن جون بعد واريون شاديون دنياوي لذتن خاطر هيون؟

شاديءَ کان پندرهن سالن کان پوءِ پاڻ سڳورن کي نبوت عطا ٿي. حضرت خديجہ رضہ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ شخص حضورﷺ جن جي قلب مبارڪ جي اونهائين کان واقف ڪونہ هو. هن حضور جن جي زندگيءَ ۾ هر هڪ پهلوءَ کي نويڪلائيءَ ۾ باريڪ نگاهُن سان ڏٺوهو. اهوئي سبب آهي جنهن وقت پاڻ ڪريمﷺ جن حضرت خديجہ رضہ سان پنهنجي نبوت جو ذڪر ڪيو تہ هن سندن ديانت ۽ سچائيءَ کان واقف هئڻ ڪري هڪدم مٿن ايمان آندو.

شاديءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ مڪي ۾ هڪڙو واقعو پيش آيو. جنهن سان ماڻهن تي پاڻ ڪريمﷺ جن جي ڏاهپ ۽ معاملہ فهميءَ جي ڌاڪ ويهجي وئي. انهن ڏينهن ۾ قريش ڪعبي جي اڏاوت ۾ مصروف هئا ۽ جڏهن حجر اسود کي سندس اصل هنڌ تي رکڻ جو سوال اٿيو تہ هر قبيلو پنهنجو حق اڳرو سمجهڻ لڳو تہ اهوئي حجر اسود کي سندس اصلي جڳهہ تي رکي. ان قبائلي جهيڙي جا نهايت اگرا نتيجا نڪري پئي سگهيا. نيٺ طئہ اهو ٿيو تہ ٻئي ڏينهن علي الفجر جيڪو شخص سڀ کان اول ڪعبي جي چوديواريءَ ۾ داخل ٿيندو اهو جيڪو فيصلو ڪندو سو سڀني کي منظور هوندو.

قريش جي خوشقسمتي ڏسو، جو ٻئي ڏينهن سڀ کان اول ڪعبي جي چوديواريءَ ۾ جيڪو شخص داخل ٿيو اُهو سرورِ ڪائنات محمدﷺ هو. اهو ڏسي سيئي خوش ٿيا. پاڻﷺ جيڪڏهن چاهين ها تہ پاڻ ئي حجر اسود کي ڪٽي مقرر هنڌ تي رکن ها، پر حضورﷺ جن ۾ خود غرضيءَ جو تہ نالو نشان ئي ڪونہ هو. ان ڪري پاڻﷺ پنهنجي چادر ڪلهن تان لاهي زمين تي وڇايائون ۽ چادر مٿان حجر اسود کي رکي سمورن قبيلن جي نمائندن کي چادر جون ڪنڊون جهلڻ لاءِ چيائون ۽ بعد ۾ حجر اسود کي پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ڪٽي سندس مقرر هنڌ تي رکيائون. اهڙيءَ ريت عرب ملڪ هڪ وڏي خانہ جنگيءَ کان بچي ويو.

ان واقعي مان حضورﷺ جن جي معاملہ فهمي، بيمثال رواداري ۽ سوچ جي ڪشادگيءَ جو ثبوت ملي ٿو.

نبي ڪريمﷺ جن جي زندگي جا بہ پهلو پنهنجو مٽ پاڻ ۽ نهايت



Marfat.com

اهم آهن: هڪ اهو ته پاڻ بلڪل اڻپڙهيل (اُمي) هئا. پر خدا جي قدرت سان ساڳئي اُمي ﷺ علم ۽ ڏاهپ ۽ تمدني معاشرت جو اهڙو عظيم الشان مينار اڏيو جنهن جي روشنيءَ جهالت ۽ ٻاٽ اونداهيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو.

ٻيو پهلو اهو آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي حياتيءَ جا چاليهه ورهيه اهڙي ماحول ۾ گذاريا، جنهن ۾ شراب خوري، بت پرستي ۽ عياشيءَ جو دور دورو هو، پر سندن دامن مبارڪ جملي ڪڌاين کان هميشه پاڪ رهيو. سندن بدترين دشمن به ڪڏهن سندن اخلاقي زندگيءَ تي ڪا آڱر کڻي نه سگهيا.

نبوت جي منصب تي فائز ٿيڻ کان اڳ سندن زندگي هڪڙو پڌرو معجزو هئي ۽ هر اهو شخص جنهن نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ جو گهري نگاهه سان مطالعو ڪيو آهي، حضرت ابوطالب وانگر اها راءِ ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو:

”مون محمد ﷺ کي ڪڏهن ڪوڙي ڳالهه چوندي نه ٻڌو، سندن چپن (مبارڪن) تي ڪڏهن به غير مهذب ۽ اڻوندڙ لفظ نه آيا ۽ هو اڄ تائين ڪنهن اڻ سهائيندڙ محفل ۾ نه وينو آهي.“

حضرت محمد ﷺ جن جي زندگي ضبط نفس، پاڪيزگي ۽ صداقت جو نمونو هئي، پاڻ ﷺ ڪڏهن به پنهنجي ضرورت کي پنهنجي خاندان جي ضرورتن کان مٿيرو نه ڄاتائون. سندن گهراڻو سڄي عرب ۾ سيني کان مٿانهين مان واو هو، جڏهن به قريش مٿانئن ڪو اعتراض يا مخالفت ڪندا هئا ته پاڻ ﷺ کين سنئون سڌو چئي ڏيندا هئا ته:

”اي قريش! منهنجي زندگي جي هڪ هڪ گهڙي توهان جي آڏو گذري آهي، توهين ٻڌايو ته ڇا ان سڄي عرصي ۾ توهان مون منجهه ڪو عيب يا اوڻائي ڏٺي؟“ انهيءَ چيلنج جو پڙاڏو اڄ به ساڳي ريت اوير توڙي اولهه ۾ ٻڌجي پيو، پر حضور ﷺ جن جي ڪنهن بدترين دشمن کي به اها جرائت نه ٿيندي ته سندن زندگيءَ جي ڪنهن هڪڙي واقعي تي به آڱر کڻي سگهي.

نندپڻ ۾ ئي ماڻهو حضور جن جي شخصيت کان ايترو ته متاثر هئا جو کين ”الامين“ جهڙي مانائتي لقب سان مخاطب ٿيندا هئا. ”الامين“ جو مفهوم رڳو ڏوڪڙ پيسي ۾ امانت تائين محدود ڪونهي، بلڪ ان ۾ صداقت جو نهايت وسيع مفهوم رکيل آهي.



Marfat.com

اسلام جي سوڀائتي سيلاب ۾ دنيا جون سموريون وهم پرستيون ڪک پن وانگر لڙهي ويون ۽ جتي جتي بت پرستي، شرڪ ۽ جهالت جا ڪانڊيرا ۽ ٻوڙا هئا، اتي توحيد جا باغ بستان لڳي ويا.

اسلام دنيا ۾ هڪ پاڪيزه تهذيب جو چمڪندڙ باب آهي. هڪڙو يتيم جنهن جي مخالفت ۾ طاغوتي طاقتن ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو، جنهن کان پنهنجو وطن ڇڏايو ويو ۽ جنهن کي طرحين طرحين ايذاءَ ڏنا ويا، اهو نيت عزم ۽ همت وسيلي هڪ وحشي قوم کي سوڀ ۽ سرسيءَ جي بلندين تائين پهچائڻ ۾ بيمثال طور ڪامياب ٿيو.

اهي ماڻهو جيڪي سياسي، معاشي ۽ سماجي اونداهين جي اٿاهه اونهائين ۾ غرق ٿيل هئا، اهي پاڪيزگي، توحيد، حريت، صداقت ۽ سورهيائي جو اهڃاڻ ۽ استعارو بڻجي ويا.

هڪڙي چوٿائي صديءَ ۾ اهڙو زبردست انقلاب پيدا ڪرڻ تاريخ جو نهايت اهم ترين واقعو آهي، حضورﷺ هڪ ئي وقت ۾ مصلح اعظم، ڪمانڊر انچيف، منتظم، منصف ۽ قومن جي زندگيءَ ۾ انقلاب پيدا ڪرڻ وارا هئا.

ڏٺو وڃي ته انسانيت جا بنيادي اصول هميشه هر هنڌ هڪجهڙا رهيا آهن، ان ڪري زندگيءَ جا سمورا مسئلا به عموماً هر هنڌ ساڳيائي هوندا آهن. جهڙيءَ طرح اڄ کان ساڍا تيرهن (چوڏهن) سئو سال اڳ خدائي قانونن جي تاثير سان عربن جي مرده قوم نئين سِر زندگيءَ جي بلند ترين هنڌ تي پهتي هئي، تهڙيءَ ريت اڄ به ساڳين قانونن جي برڪت سان غلام هندوستان جي قسمت بدلائي سگهجي ٿي. اسلامي قانون اڄ به نه رڳو هندوستان جون، بلڪ بين الاقوامي مصيبتون حل ڪري سگهن ٿا.

حضورﷺ جن جي تعليم هڪ اهڙي سياسي مذهب جو بنياد رکيو جنهن دهليءَ کان غرناطه تائين زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هڪ خوشگوار انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو ۽ روحاني، ذهني، معاشي، معاشرتي ۽ سياسي پستين کي اک ڇنڀ ۾ بلندين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

اڄ به حضورﷺ جن جي تعليم اسان کي ور ور ڪري پاڻ ڏانهن سڏي رهي آهي. ڪاش! اسين اهو سڏ ورنائي سگهون!



Marfat.com

# عشقِ رسول ﷺ، عظمتن جي واٽ

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

ڏاڏي آدم کان اڄوڪي ڏينهن تائين، بيشمار انسان پيدا ٿيا ۽ اڳتي بہ پيدا ٿيندا، پر اڙين جي آڌار، نبين جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کا نسواءِ انساني تاريخ ڪوبہ اهڙو نالو پيش ڪري نہ سگهي آهي، جنهن جي واڪاڻ ولادت کان اڳ پورءِ ڪئي وئي هجي. بي بدل حيثيت ۽ عظمت جي ڏٺيءَ محمد ﷺ جي ولادت باسعادت جي حوالي سان هن دنيا کي اچا پنهنجي ديدارسان بہ مستفيد نہ فرمايو آهي تہ سالن جا سال اڳ حضرت عيسيٰ عليہ السلام منادي ڏين ٿا تہ:

مُبَشِّرًا بِرَسُوْلٍ يَّاتِىْ مِنْ بَعدِى اسْمُهٗ اَحْمَدُ

"مان اوهان کي هڪ اهڙي رسول جي خوشخبري ٻڌايان ٿو، جڪو مون کان پوءِ ايندوءِ ان جو نالو احمد(ﷺ) هوندو."

هي ڪيڏي غور فڪر جي ڳالهہ آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جو نالو مبارڪ ئي "محمد" آهي. "محمد" ۽ "احمد" جو مطلب ئي آهي، جنهن جي واڪاڻ ڪئي وئي هجي يا واڪاڻيل. ان ڪري اها اهل علم ۽ اهل قلم جي وس جي ئي ڳالهہ ڪانهي تہ هو "واڪاڻيل" جي وڌيڪ واڪاڻ ڪري سگهن. اهڙي ڪوشش سج کي ڏيئي ڏيکارڻ برابر ئي ٿيندي. ڪوبہ ماڻهو اها دعويٰ ڪري نہ ٿو سگهي تہ هن محبوبِ خدا جي واڪاڻ ڪرڻ جوڪو حق پاڙيو آهي.

هيءَ ڳالهہ پڻ ڏيان ۾ رکڻ جهڙي آهي تہ حضرت محمد ﷺ خدا پاڪ جو اهو پيارو رسول آهي، جنهن جو ذڪر ۽ جنهن جي تعريف خدا جي ٻين مقدس ڪتابن ۽ صحيفن ۾ بہ موجود آهي. جڏهن تہ انهن



Marfat.com

صحيفن ۽ ڪتابن موڪلڻ جو ڪارڻ ئي فقط اهو هئو تہ منجهيل انسانيت جي روحاني ۽ مذهبي واهر ڪن. جڏهن ڳالهہ هجي ماڻهن کي سمجهائڻ ۽ دڳ لائڻ جي ۽ ان ۾ ڪنهن غير لاڳاپيل رسول ۽ نبي جو ذڪر اچي تہ ان جو مطلب وٺڻ گهرجي تہ اهو ذڪر بہ هدايت ۽ رهبري واري تعليم جو اٽوٽ حصو آهي. ان جي سولي معنيٰ هيءَ ٿي تہ ذڪرِ رسول ﷺ ۽ سندن واڪاڻ کان سواءِ رشد و هدايت جو تصور ئي ڪرڻ عبث آهي. بلڪ هيئن چوڻ بہ مناسب ٿيندو تہ ذڪرِ رسول مقبول ﷺ کان سواءِ رشد و هدايت جي منزل ماڻڻ واري دعويٰ اجائي لباڙ آهي.

سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ رب تعاليٰ جي ذات هر ڳالهہ کان پاڪ آهي. هو سيڪجهہ ڪرڻ باوجود انسانن، جنن ۽ ملائڪن وانگر ڪو بہ ڪم نہ ٿو ڪري. پر جيڪڏهن ڪو ڪم ڪري ٿو، بلڪ پنهنجي انهيءَ ڪم ۾ انسانن کي شريڪ ڪرڻ جو تاڪيد فرمائي ٿو، اهو هي آهي تہ:

اِنَّ اللّٰہَ وَ مَلٰٓئِکَتَہٗ یُصَلُّوْنَ عَلَی النَّبِیِّ - یٰٓاَیُّھَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْہِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا

الاهي فرمان جي معنيٰ هيءَ ٿي تہ: " بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ نبي ﷺ تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارو! اوهان بہ مٿس درود ۽ خوب سلام موڪليو."

پرينءَ جي هن ريت پچار جي اهميت ۽ افاديت کي ڌيان ۾ رکندي، سچل سرمست چيو هو تہ:

"ايجها ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي."

نبي ڪرم ﷺ تي درود سلام موڪلڻ رب پاڪ جي روايت جي پيروي ڪرڻ برابر آهي.

لاشريڪ ۽ بي نياز رب جون اهي پاڪ ادائون ۽ روايتون نہ فقط محمد ﷺ جن جي شناسائيءَ جو ڏس ۽ ڏانءُ آهن، پر سندن واڪاڻ جو طريقو بہ طئي ڪن ٿيون.

روحاني رمزن کان واقف بزرگن، نبي ڪريم ﷺ جي ثناء ۽ واڪاڻ کي "افضل عبادت" طور ڄاتو ۽ مڃيو آهي. انهيءَ جو هڪ هي بہ ڪارڻ آهي تہ الله پاڪ پنهنجي رسول مقبول جو ذڪر خير پنهجي نالي سان جوڙي ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ کي اسان "رب العالمين"



Marfat.com

سڏيون ٿا تہ اهڙيءَ ريت نبي ڪريم ﷺ کي وري "رحمت للعالمين" جي حيثيت ۾ قبول ڪيون ٿا. اسان جڏهن ڪلمو پڙهون ٿا تہ لااله الا الله سان گڏ محمد رسول الله ضرور چئون، مڃيون ۽ تسليم ڪيون ٿا. معراج جي موقعي ۽ محل کان وٺي سمورن جڳن جهانن جي هر طرف تائين، رب سائين اسان کي پنهنجي محبوب ۽ اسان جي رسول جي قربت جو مثالي احساس ڏياريو آهي.

الله پاڪ بلاشبہ رحيم بہ آهي ۽ رحمان بہ آهي. اسان ڪنهن تي دعائن ۽ نيڪ تمنائن جي ورڪا ڪندا آهيون تہ چوندا آهيون: "الله جي رحمت ٿيئي،" "الله رحم ڪريس" وغيره وغيره. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ الله پاڪ جي رحمت ڇا آهي ۽ ڪهڙي آهي؟ جواب اسان ڄاڻون ٿا. اسان کي خبر آهي تہ اسان جو نبي ۽ سمورن نبين جو سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ رحمت للعالمين آهي. هن جو مطلب اهو ٿيو تہ الله تعاليٰ رحمان ۽ رحيم آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ سندن رحمت آهي. ان ڪري جنهن محمد ﷺ کي سچاتو ۽ مڃيو، تنهن رحمتون ۽ نعمتون ماڻيون.

نبي ڪريم ﷺ جي واکاڻ لاءِ پلي تہ عطر ۽ عنبير گڏ ڪجن، قلم ۽ ڪاغذن جا انبار ميڙجن، پر پوءِ بہ ثناء خوان پنهنجي انساني ذهني، فڪري، علمي ۽ روحاني قوتن ۽ صلاحيتن جي باوجود ائين ۽ اهڙي ثنا ڪري نہ ٿو سگهي، جيئن پاڪ پروردگار ۽ سيني جي پالڻهار پنهنجي محبوب رسول جي پاڻ تعريف ڪئي آهي. ان ڪري جيڪڏهن نبي ڪريم ﷺ جي قدسي اوصافن کي ڄاڻڻو ۽ سڃاڻڻو هجي تہ قرآن مجيد جا ورق ورائي ڏسجن:

پاڻ مڪ ڪولن تہ ڪلام پاڪ شاهدي ڏيئي تہ:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى اِنْ هُوَ اِلاَّ وَحْيٌ يُّوْحىٰ

يعني تہ: "محمد ﷺ پنهنجي نفس جي خواهش مطابق نہ ٿو ڳالهائي پر اهو ڪجهہ ڳالهائي ٿو، جيڪو الله جي طرفان کيس وحي ڪيو وڃي ٿو."

جنهن لاءِ تصديق ڪئي وئي تہ:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ

رب العالمين پنهنجي پرينءَ ۽ رحمت للعالمين جي رحمت پريل



Marfat.com

روين جي نشاندهي ڪندي فرمائي ٿو ته:

لَقَدْ جَآءَ كُمْ رَسُوْلٌ مِنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِاالْمُؤْمِنِيْنَ رَئُوْفٌ رَّحِيْمٌ

يعني: "بيشڪ اوهان وٽ اوهان مان هڪ اهڙو رسول آيو، جنهن تي اوهان جو تڪليف ۾ ڦاسڻ ڳورو گذري ٿو. اوهان جي ڀلائي جي تمام گهڻي خواهش اٿس ۽ ايمان وارن لاءِ نهايت شفيق ۽ رحمدل آهي."

ڪتان جو به انسان ۽ ڪهڙو به انسان تڪليف ۾ ڦاسي پوي ته اڙين جي آذار تي ڳورو گذري. انسانذات جي ڀلائي هن محبوب رب العالمين جي تمنا ۽ خواهش هجي. وري ايمان وارن کي ڏسن ته شفقت ۽ رحمت جي بارش ٻٽجي پون. انسان دوستيءَ ۽ ايمان دوستيءَ جا مثال انسانذات نه اڳ قائم ڪيا ۽نه وري پوءِ ئي قائم ڪري سگهيا آهن. رستن تي ڪنڊن اڇلائڻ وارا هجن يا طائف ۾ پاڪ رسول ﷺ جا پيير رتو ڇاڻ ڪرڻ وارا هجن، پر هر موڙ تي ۽هر حالت ۾ سندن زبان مبارڪ تي هي لفظ اچن ٿا ته:

"اي منهنجا خدا! اي رحم ڪرڻ وارن مان سڀ کان وڌيڪ رحم ڪرڻ وارا! تون ئي ڪمزورن جو پروردگار آهين، تون ئي منهنجو پالڻهار آهين، تون جيئن گهرين مون کي ان جي حوالي ڪر، خواهه ڪنهن انسانيت کان نڪتل شخص جي، جيڪو مون سان بدخلقيءَ ۽ ترش روئي سان پيش اچي يا ڪنهن دشمن جي."

ڳڻائتو نبي ﷺ پنهنجي اسم مبارڪ ۾، روين ۾، فڪر ۾، انداز ۾، سوچ ۾ ۽ ويچار ۾، هر طرح واڪاڻين جي سرچشمو آهي. سندن اهي فضيلتون ۽ حقيقتون ڪين انهيءَ رتبي جو ڏٺي ٻڌائن ٿيون، جن لاءِ انسان تصور به ڪري نه ٿو سگهي. سندن اطاعت کي رب پاڪ پنهنجي اطاعت تسليم ڪرڻ فرمايو. ساڻن محبت کي پاڻ سان محبت جو روپ قبول فرمايو:

مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ

يعني: "جنهن رسول ﷺ جي اطاعت ڪئي، ان درحقيقت الله جي اطاعت ڪئي."



Marfat.com

فرمايو ٿو ويجي:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِىْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ

يعني: اي نبي! اوهان فرمايو تہ، "جيڪڏهن اوهان الله سان محبت رکو ٿا تہ، منهنجي تابعداري ڪريو تہ هڪ الله بہ اوهان سان محبت رکندو."

واڪاڻ ڪرڻ لاءِ اجا ڪهڙي ڪارڻ يا جواز جي ضرورت آهي، جنهن عظيم المرتبت رسول ڪريم ﷺ جي اسان ثنا ڪيون ٿا. تنهن جي محبت رب ڪريم جي محبت جو باعث ٿئي ٿي ۽ جنهن جي اطاعت رب رحيم جي اطاعت جو سبب بڻجي ٿي.

نبي آخرزمان ﷺ جي سيرت ۽ ڪردار جي هرهڪ رخ تي رب ڪريم جو پاڪ ڪلام گواهي ڏئي ٿو. سوا لک نبين مان ڪوبہ اهڙو نبي ڪونهي، جنهن جي سيرت ۽ ڪردار تي متانهس نازل ڪيل ڪتاب يا صحيفي ۾ تمام وڏي ڪثرت سان ايترو بيان آيو هجي، جيترو حضور ﷺ جن لاءِ قرآن شريف ۾ آيو آهي. سندس پاڪ اوصاف هجن يا اخلاق، رب سان محبت هجي يا الله پاڪ جي اطاعت، خانگي زندگيءَ جو احوال هجي يا جنگين جو ذڪر، آڳاٽو زمانو هجي يا ايندڙ دور، هرهڪ رخ ڪان رهبر اعظم جي سيرت ۽ ڪردار تي ڪلام الله تفصيلي روشني وجهي ٿو.

اوهان قرآن مجيد جا ورق وارئي ڏسو، اوهان کي سندس چهري جو ذڪر ڏسڻو هجي تہ البقره جي آيت نمبر 144 جي مفهوم تي غور ڪيو. زبان مبارڪ جو ذڪر پڙهڻو هجي تہ سوره قيامت جي آيت نمبر 16 جو دور ڪيو، سچي نبيءَ ﷺ جي سيني پاڪ جو حوالو تلاش ڪرڻو هجي تہ سوره الم النشرح 21 جي پهرين آيت کولي ڏسو ۽ اهڙيءَ ريت دنيا جهان جي دلبر حقيقيءَ جي پاڪ دل جو اندازو لڳائڻو هجي تہ سوره البقره جي آيت نمبر 97 کي ڏسڻ جو اعزاز ماڻيو.

محمد ڪارڻي ﷺ جي ٻاجهہ، شفقت ۽ رب پاڪ جي هر مومن توڙي بي ايمان بندي جي خيرخواهيءَ جو اهو رنگ ۽ روپ آهي جو پاڪ پروردگار کي فرمائڻو پيو تہ:

اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ



Marfat.com

معني: ”جيڪڏهن اوهان انهن لاءِ ستر ڀيرا معافي گهرندا تہ بہ الله انهن کي هرگز معاف نہ ڪندو.“

عشق ۽ محبت جي معاملي جي هيءَ انتها آهي. رب پاڪ جي انساني مخلوق جي خيرخواهيءَ جو عالم هي آهي تہ ڪين سنئين دڳ ۽ سٺي ڀيچري تي آڻڻ لاءِ ڪين ڏٽي دران معافي وٺي ڏيڻ لاءِ سندن رحمت جي درياءَ کي هر وقت موجن ۾ ڏسي رب پاڪ کي قطعي فيصلو ٻڌائڻو پيو، جيڪي توکي نہ ٿا مڃن ۽ نہ ٿا سڃاڻن، انهن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو ويندو.

اڇو تہ واڪاڻ جا ورق ورائيندي، هيءَ ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکون تہ الله جي پاڪ ذات پنهنجي محبوب رسول الله ﷺ جي منڪر ۽ گستاخ کي ڪڏهن بہ معاف نہ فرمايو، نہ فقط ايترو پر انهن سان جهيڙو جوٽيو آهي. ابولهب ۽ سندس نياڳي زال تي رب پاڪ پنهنجي ڪلام مجيد ۾ ڪيڏو نہ قهر ۽ ڏمر ڏيکاريو آهي. پاڪ پروردگار جيڪڏهن ڪنهن کي پٽيو آهي تہ اهو اڙين جي آڌار ۽ سچن جي سردار احمد مجتبيٰ ﷺ جو دشمن، منڪر يا گستاخ ئي آهي.

هن مختصر بحث جو خاتمو ڪئين ڪري سگهجي ٿو تہ محبت تعريف کي جنم ڏيندي آهي، تعريف نسبت کي پروان چاڙهيندي آهي. نسبت وري قسمت کي سنواريندي آهي. خدا پاڪ پنهنجي محبوب ۽ رسول مقبول سان محبت ڪري ٿو، مٿس درود ۽ سلامن جون سوغاتون عنايت ڪري ٿو ۽ پنهنجي ذڪر سان گڏ سندن ذڪر کي نسبت ڏيڻ فرمائي ٿو. ان ڪري اهي انسان خوش بخت آهن، جن جي رسول ڪريم ﷺ سان محبت آهي. اهي انسان ڀلارا ۽ موچارا آهن، جيڪي سچي سردار ﷺ جي ثنا ۽ ساراهہ ڪرڻ مان نہ ٿا ڍاپن. جن انسانن جون نسبتون ۽ محبتون مديني جي مرسل ﷺ سان آهن، اهي ئي عظيم آهن ۽ اهي ئي امر آهن ۽ اهي ئي عشقِ رسول مقبول ﷺ جي توسط سان خدا پاڪ جي خوشنودي حاصل ڪن ٿا.

137008



Marfat.com

# ازواجِ رسول ﷺ

سڪندر علي چنہ

پيغمبر پنهنجي زندگيءَ ۾ ذاتي طور تي ۽ وفات کان پوءِ اصولي طور تي مومنن لاءِ سڄي دنيا جي انسانن کان وڌيڪ محبوب، معزز ۽ مقدم حيثيت جو حامل هوندو آهي. ان جو سبب اهو آهي تہ پيغمبر دنيا ۾ خدا جو نمائندو هوندو آهي. پيغمبر جي تعليم جي عظمت کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي تہ سندس وجود ماڻهن جي نظر ۾ مقدس وجود هجي ايستائين جو سندس زالون بہ ماڻهن لاءِ پنهنجي مائرن وانگر قابل احترم هجڻ گهرجن. اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ قرآن ڪريم جي سورت الاحزاب ۾ فرمايو آهي تہ "۽ نبيءَ جو حق مومنن تي انهن جي جانين کان بہ وڌيڪ آهي ۽ نبيءَ جون زالون انهن جون مائرون آهن" ساڳي سورت احزاب جي آيت نمبر 32 ۾ چيو ويو آهي تہ: " اي نبيءَ جون زالون ! توهين عام عورتن وانگر نہ آهيو." پيغمبر جي زالن جي انهن خصوصيتن جي ڪري سندن رابطو ٻين عورتن سان ٿيندو هو ۽ اهي ديني ڳالهين ۾ ڪانئن رهنمائي حاصل ڪنديون هيون.

خالق ڪائنات قرآن ڪريم ۾ حضور ﷺ جن جي زالن کي عام عورتن کان الڳ خصوصيت عطا ڪئي ۽ انهن کي " مومنن جون مائرون" قرار ڏنو ۽ آخر ۾ حتمي حڪم ڏنو تہ " توهان لاءِ جائز نہ آهي جو پيغمبر (جي وفات) کانپوءِ سندس زالن سان نڪاح ڪريو" . اهو حڪم سورت الاحزاب جي آيت نمبر 53 ۾ حڪم جي صيغي ۾ ڏنو ويو.

قرآن پاڪ جي سورت النساء جي آيت نمبر چار ۾ عام مسلمانن لاءِ هڪ ئي وقت ۾ زالن جو تعداد چئن تائين محدود ڪيو ويو آهي. پر پيغمبر ﷺ لاءِ اها پابندي نہ هئي. پاڻ سڳورن الله تعاليٰ طرفان مليل



Marfat.com

خصوصي اجازت تحت چئن کان وڌيڪ نڪاح ڪيا،ان جو سبب الله تعاليٰ سورت الاحزاب جي آيت نمبر 50 ۾ بيان ڪيو آهي تہ " جيئن توهان تي ( اي رسول ﷺ ) ڪا تنگيءَ نہ رهي". حضور ﷺ جن کي هڪ ئي وقت ۾ چئن زالن کان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ ۽ ان حڪم نازل ٿيڻ وقت جيترا نڪاح ڪري چڪا هئا ان کان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ تي پابندي يا موجود زالن کي ڇڏڻ جي ممانعت وغيره جا احڪام تفصيل سان سورت الاحزاب جي آيت نمبر 50 کان وٺي 52 تائين ۾ آيل آهن جن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

آيت نمبر 50 ۾ آهي تہ : "اي نبي اسان تو لاءِ حلال ڪيون آهن تنهنجون اهي زالون جن جو مهر تون ادا ڪري چڪو آهين ۽ اهي عورتون بہ جيڪي تنهنجون ٻانهيون آهن، جيڪي الله غنيمت ۾ توکي ڏنيون آهن ۽ تنهنجي چاچي جون ڌيئرون ۽ تنهنجي ڦپين جون ڌيئرون ۽ تنهنجي مامن جون ڌيئرون ۽ تنهنجي ماسين جون ڌيئرون جن توسان گڏ هجرت ڪئي هجي ۽ اها مسلمان عورت بہ جيڪا پنهنجو پاڻ نبيءَ کي هبہ ڪري بشرطيڪ نبي ان کي نڪاح ۾ آڻڻ چاهي . هي خاص تو لاءِ آهي مسلمانن کان الڳ اسانکي معلوم آهي جيڪو اسان عام مسلمانن تي انهنجي زالن ۽ ٻانهين جي باري ۾ فرض ڪيو آهي ( تنهنجي اها خصوصيت ان لاءِ آهي) تہ جيئن تو تي ڪا تنگي نہ رهي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي".حضور ﷺ جن کي چئن کان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ جو سبب قرآن ڪريم اهو بيان ڪيو آهي تہ جيئن مٿن ڪا تنگي نہ رهي تنگيءَ مان مراد پيغمبرانہ مشن جي ادائيگيءَ ۾ تنگي آهي. پيغمبر ﷺ جن کي مختلف تبليغي، دعوتي ۽ اصلاحي تقاضائن ۽ گهرجن تحت ضرورت محسوس ٿيندي هئي تہ وڌيڪ عورتن کي نڪاح ۾ آڻين، ان ديني گهرج ۽ مصلحت تحت کين چئن کان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ جي اجازت عطا ٿي.مثلا حضرت عائشہ صديقہ رضہ سان نڪاح ۾ بہ مصلحتون هيون:هڪ تہ پنهنجي پياري رفيق ۽ ساٿي ابو بڪر صديق رضہ سان قربت جو رشتو جوڙي ايماني تعلق سان گڏ رشتيداريءَ جو تعلق بہ پيدا ڪن ۽ ٻي مصلحت اها بہ ٿي سگهي ٿي تہ هڪ ڪم عمر ۽ ذهين خاتون هميشہ سندن صحبت ۾ رهي تہ جيئن ڪانئن پوءِ طويل عرصي تائين



Marfat.com

ماڻهن کي دين جي سکيا ملندي رهي. حضرت عائشه صديقه رضه حضور ﷺ جن جي وفات کان پوءِ اٽڪل پنجاهه سال کن زنده رهي ۽ امت لاءِ حضور ﷺ جن جي مدني زندگيءَ جو مڪمل ۽ براه راست ۽ مکي زندگيءَ جو حضور ﷺ جن جي واسطي سان مڪمل رڪارڊ محفوظ رکيو. اهو ئي سبب آهي جو عورتن مان حضورﷺ جن جي احاديث جو سڀ کان گهڻو ذخيرو امت کي ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضه جن جي روايتن ذريعي مليو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت اُمِ سلمه رضه ۽ حضرت اُمِ حبيبه رضه جن سان نڪاح ڪرڻ سان خالد رضه بن وليد ۽ ابو سفيان رضه بن حرب جي مخالفت هميشه لاءِ ختم ٿي وئي.

حضور ﷺ جن کي اهو به اختيار ڏنو ويو ته هو عام مسلمانن وانگر حقوق زوجيت ۾ مساوات جا پابند نه آهن، جيڪڏهن زالن جي حقن ۽ الله جي حقن ۽ اسلام جي حقن ۾ ٽڪراءُ ٿي پئي ته پيغمبر لاءِ جائز هوندو ته هو اسلام جي حقن کي زالن جي حقن تي ترجيح ڏئي. رسول الله ﷺ جن کي عام قاعدي کان مٿاهون يا مستثنيٰ ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته عورتن اندر شڪايتي ذهن جي پيدائش کي روڪجي ڇو ته جتي هڪ کان وڌيڪ زالون هونديون آهن اتي عورتن جي شڪايتن جو امڪان وڌي ويندو آهي، پر حضور ﷺ جن ان اختيار کي ڪڏهن به استعمال نه ڪيو ۽ نه ئي سندن ازواج مطهرات جيڪي پيغمبر تي ساهه ڏينديون هيون، ڪيس ڪڏهن ڪو خاص شڪايتي موقعو ئي فراهم ڪيو. روايتن مان پيغمبر ﷺ ۽ سندن زالن جو باهمي پيار ۽ احترام ڏسي هر قلب سليم ۽ نيڪ فطرت انسان جي دل ۾ انهن لاءِ پر مسرت ازدواجي زندگيءَ لاءِ رهنمائي عطا ٿئي ٿي.

## ازواج مطهرات جو تعداد:

اڪثريت جو ان تي اجماع آهي ته پيغمبر ﷺ جن جون 12 زالون ۽ هڪ ٻانهي هئي، اهڙيءَ طرح ازواج مطهرات جو ڪل تعداد 13 آهي، جن جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

### (1) اُم المومنين حضرت خديجته الڪبريٰ طاهره رضه:

556ع ۾ مڪي جي هڪ معزز قبيلي بنو اسد جيڪو خاندان قريش



Marfat.com

جي ٿي هڪ شاخ هو ۾ پيدا ٿي. سندس والد خويلد تجارت ڪندو هو. سندس پهرين شادي ابوهاله بن نباش تميميءَ سان ٿي. ان جي وفات ڪانپوءِ عتيق بن عائذ مخزوميءَ جي نڪاح ۾ آئي، ان جي وفات ڪان پوءِ چاليهن سالن جي عمر ۾ حضور ﷺ جن سان 595ع ۾ نڪاح ڪيائين. جڏهن پاڻ سڳورا پنجويهه سالن جا هئا . حق مهر ۾ ويهه اٺ ۽ پنج سو سونا درهم پاڻ سڳورن ڏنا.نڪاح حضرت ابو طالب پڙهايو.پاڻ سڳورن خديجه رضه جي وفات تائين ڪنهن به ٻي عورت سان شادي نه ڪئي . سواءِ هڪ پٽ حضرت ابراهيم رضه جي حضور ﷺ جن جو ٻيو سمورو اولاد هن ڀاڳجهاري خاتون جي بطن مان هو. هيءَ پنجويهه سال حضور ﷺ جن جي نڪاح ۾ رهي ۽ 621ع ۾ پنجهٺ سالن جي عمر ۾ 10 رمضان سن 10 نبويءَ ۾ مڪي ۾ وفات ڪيائين . ڪيس حجون جي مقام ۾ معلات جي آخر ۾ دفن ڪيو ويو. ان سال کي حضور ﷺ جن بيبي خديجه رضه ۽ ابو طالب جي وفات جي ڪري غم جو سال يعني عام الحزن قرار ڏنو.

## (2) اُم المؤمنين حضرت سوده بنتِ زمعه رضه :

سندس پهريو ن نڪاح حضرت سڪران رضه بن عمرو سان ٿيو. ان جي وفات کان پوءِ حضور ﷺ جن رمضان 10 نبويءَ ۾ ٿي هن سان 400 سو درهم مهر تي نڪاح ڪيو. سندس تعلق قريش جي هڪ شاخ بنو عامر سان هو. چوڏهن سال حضور ﷺ جن سان گڏ گذاري 72 سالن جي عمر ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿي.

## (3) اُم المؤمنينْ حضرت عائشه صديقه ـ رضه:

حضرت ابو بڪر صديق رضه جي نياڻي هئي جيڪو قريش قبيلي جي شاخ بنو تيم مان هو. شوال سن 11 نبويءَ ۾ حضور ﷺ جن ساڻن 400 درهم مهرجي عيوض نڪاح ڪيو. حضور ﷺ جن جي صحبت ۾ نو سال رهي، سندس وفات 17 رمضان 67 هجري مطابق 678ع ۾ 67 سالن جي عمر ۾ ٿي ۽ ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.



Marfat.com

## (4) اُم المؤمنين حضرت حفصہ رضہ بنت عمر رضہ بن الخطاب:

هن جو تعلق قريش قبيلي جي شاخ بنو عدي سان هو، شعبان 3 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن ساڻس نڪاح ڪيو. 59 سالن جي عمر ۾ شعبان 45 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿي.

## (5) اُم المؤمنين حضرت اُم حبيبہ رضہ بنت ابو سفيان رضہ:

سندس اصل نالو رملہ هو پر پنهنجي ڌيءَ حبيبہ جي ڪري ڪيس ام حبيبہ سڏيو ويو. پهريون نڪاح عبدالله بن جحش سان ٿيس. مسلمانن جي حبشہ ڏانهن هجرت ۾ ٻئي زال مڙس شريڪ ٿيا پر حبشہ ۾ سندس مڙس عيسائي ٿي ويو. جڏهن حضور ﷺ جن کي اها خبر پئي تہ حبشہ جي بادشاهہ نجاشيءَ ذريعي نڪاح جو پيغام مو ڪليائون جنهن پنهنجي طرفان حضور ﷺ جن جي نڪاح جو حق مهر 400 دينار پاڻ ڀريا ۽ خالد بن سعيد رضہ نڪاح پڙهايو. جمادي الاول سن 7 هجريءَ ۾ مديني واپس آئي ۽ ڇهہ سال حضور ﷺ جن سان گذاري سن 44 هجريءَ ۾ 73 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. ڪيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو، سندس تعلق قريش جي قبيلي شمس سان هو.

## (6) اُم المؤمنين حضرت اُم سلمہ رضہ هند بنت خذيفہ المغيريؒ:

سندس تعلق قريش جي قبيلي بني مخزوم سان هو. سندس پهريون نڪاح حضرت عبدالله رضہ بن عبدالاسد سان ٿيو جنهن مان ڪيس هڪ ڌيءَ سلميٰ ڄائي جنهن جي نسبت سان ڪيس اُم سلميٰ سڏيو ويو ورنہ سندس اصل نالو هند هو. عبدالله رضہ غزوه احد ۾ شديد زخمي ٿيو ۽ جمادي الثاني 4 هجري ۾ وفات ڪيائين. شوال 4 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن سان نڪاح ڪيائين. ست سال حضور ﷺ جن سان گڏ گهاري 84 سالن جي عمر ۾ 63 هجري ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿي.

## (7) اُم المؤمنين حضرت زينب بنت خزيمہ بن حارث قيسيہ:

سندس لقب اُم المساڪين هو ڇو جو مسڪينن کي کاڏو کارائڻ ۽



Marfat.com

انهن جي سارسنيال لھڻ سندس عادت هئي. ان ڪري مڪي جا ماڻهو
ڪيس ام المساڪين سڏيندا هئا.سندس تعلق قريش جي قبيلي عامر
بنو صعصعہ سان هو. سندس پهرين شادي حضرت عبدالله رضہ بن جحش
سان ٿي جيڪو غزوه احد ۾ شهيد ٿي ويو. اوائل رمضان سن 3 هجريءَ ۾
حضور ﷺ جن ساڻس نڪاح ڪيو ۽ ٽي مهينا حضور ﷺ جن سان گڏ
گذاري ٽيهن سالن جي عمر ۾ ربيع الاول سن 3 هجريءَ ۾ وفات
ڪيائين ۽ مديني جي قبرستان جنت البقيع ۾ دفن ٿي.

## (8) اُم الموء منين حضرت زينب رضہ بنت جحش اُم الحڪم:

هن جو تعلق قريش قبيلي بنو اسد سان هو۽ حضور ﷺ جن جي
سڳي ڦڦي اميمہ بنت عبدالمطلب جي ڌي هجڻ جي رشتي سان حضور
ﷺ جن جي سڳي ڦڦاٽ هئي. ان جو نڪاح حضور ﷺ جن انساني
مساوات جي درس خاطر پنهنجي آزاد ڪيل غلام ۽ پاليل پٽ زيد رضہ
بن حارث سان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪرايو. حالانڪ زينب جا گهر
وارا ان رشتي جي خلاف هئا. ڇو جو زيد هڪ آزاد ڪيل غلام هو ۽
زينب قريشن جي اعلي خاندان جي هڪ حسين ۽ جميل عورت هئي.پر
جڏهن سن 4 هجريءَ ۾ سورت احزاب ۾ هيءَ آيت نازل ٿي تہ "ڪنهن
مومن مرد يا ڪنهن مومن عورت لاءِ اهو جائز ناهي جو ڪنهن معاملي ۾
جڏهن الله ۽ ان جو رسول ڪو فيصلو ڏين تہ ان ڪان انڪار ڪري ۽
جيڪو شخص الله ۽ الله جي رسول جي نافرماني ڪندو تہ اهو صريح
گمراهيءَ ۾ هوندو"( احزاب آيت نمبر36). زينب ۽ سندس گهر وارا زيد
سان سندس شاديءَ تي راضي ٿي ويا پر نسبي فخر ۽ فرق جي ڪري نباه
نہ ٿي سگهيو. ذي القعد سال 5 هجريءَ ۾ باوجود حضور ﷺ جي
سمجهائڻ جي زيد زينب کي طلاق ڏني. زيد ۽ زينب جي نڪاح سان
پهرين تہ قديم دور جي ان رسم کي ٽوڙيو ويو تہ معاشرتي فرق کي نڪاح ۾
حائل نہ ٿيڻ کپي ۽ جڏهن انهن ۾ عليحدگي ٿي وئي تہ الله تعاليٰ زينب
کي هڪ ٻي غلط رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو.

قديم جاهليت ۾ اهو رواج هو تہ متبني يا پاليل پٽ ( Adopted
Son ) کي بلڪل حقيقي پٽ وانگر سمجهيو ويندو هو ۽ ان جا حق



Marfat.com

حقيقي پٽ وارا هوندا هئا. ان رسم کي ٽوڙڻ لاءِ الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي زينب سان شاديءَ جو حڪم سورت الاحزاب جي آيت 38 ذريعي ڪيو تہ"پيغمبر لاءِ ان ۾ ڪو حرج ڪونهي جيڪا الله ان لاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي،اها ئي الله جي سنت اڳين پيغمبرن جي معاملي ۾ بہ رهي آهي ۽ الله جو حڪم هڪ قطعي فيصلو هوندو آهي،اهي الله جي پيغام کي پهچائيندا هئا ۽ ان کان ڊڄندا هئا ۽ الله کان سواءِ ٻيو ڪنهن کان ڪونہ ڊڄندا هئاءِ الله حساب وٺڻ لاءِ ڪافي آهي. محمد توهان جي مردن مان ڪنهن جو بہ پيءُ ناهي پر هو الله جو رسول ۽ آخري نبي آهي ۽ الله هر شيءِ جي ڄاڻ رکي ٿو".

زيد بن حارث کي سڄي عربستان ۾ زيد بنؓ محمد جي نالي سان سُڃاتو ويندو هو. تنهن ڪري پاليل پٽ جي طلاق ڏنل زال سان حضور ﷺ جن جو نڪاح ڪرڻ ان رسم خلاف هڪ وڏو ڌماڪو هو ڇو تہ عربن جي رواج مطابق پاليل پٽ حقيقي پٽ مثل هو ۽ ان جي مطلقہ زال سان نڪاح ڪرڻ پيءُ جي لاءِ اهڙيءَ طرح ئي حرام هو جيئن حقيقي پٽ جي زال سان. پر ان رسم کي ختم ڪرڻ لاءِ الله جي حڪم تحت حضور ﷺ جن صفر سن 5 هجريءَ ۾ زينب سان .نڪاح ڪيو، ان نڪاح کان پوءِ حضور ﷺ جن جي خلاف سندن مخالفن زبردست پروپيگنڊا شروع ڪري ڏني تہ پيغمبر ﷺ پنهنجي نُنهن سان نڪاح ڪيو آهي. حالانڪ پٽ جي منڪوحہ پيءُ لاءِ حرام هوندي آهي . ان ڪري سورت الاحزاب ۾ فرمايو ويو آهي تہ محمد ﷺ جو معاملو تہ هي آهي جو ڪيس صرف نياٽيون آهن ۽ هو مردن مان ڪنهن جو پيءُ ناهي. سن 5 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن جو ڪو بہ پٽ زنده نہ هو ۽ حضرت ابراهيم سن 8 هجريءَ ۾ مديني ۾ ڄائو هو . ان نڪاح سان اهو قاعدو واضع ٿيو تہ پاليل پٽ حقيقي پٽ برابر ناهي تنهن ڪري سندس مطلقہ زال سان پاليندڙپيءُ جي شادي جائز آهي. زينب رضہ جي وفات سن 20 هجريءَ ۾ 53 سالن جي عمر ۾ ٿي حضور ﷺ جن وفات کان پوءِ ٿي .هيءَ سندن پهرين ڏهر واري هئي جنهن وفات ڪئي ۽ کيس مديني ۾ جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. ڇهہ سال حضور ﷺ جن سان گذاريائين.



Marfat.com

## (9) ام المومنين حضرت جويريہ رضہ بنت حارث:

سندس اصل نالو بره هو ۽ سندس تعلق خزاعہ بنو مصطلق سان هو. غزوه مريسيع ۾ قيد ٿي آئي. حضور ﷺ جن کيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو ۽ سندس نالو جويريہ رکيو. ڇهہ سال حضور ﷺ جن سان گذاري سن 50 هجري ۾ 65 سالن جي عمر ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

## (10) ام المومنين حضرت ريحانہ رضہ بنت شمعون:

سندس تعلق يهودين جي هڪ قبيلي بنو نضير سان هو. غزوه بنو قريضہ ۾ گرفتار ٿي آئي. سن 6 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن کيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو. چار سال حضور ﷺ جن سان گذاري سن 10 هجري ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. سواءِ ابن سعد ۽ حافظ ابن حجر جي ٻيا سڀ راوي ۽ مورخ متفق آهن تہ هيءَ حضور ﷺ جن جي گهرواري نہ بلڪ سندن ٻانهي هئي.

## (11) ام المومنين حضرت ماريہ رضہ قبطيہ:

صلح حديبيہ کان پوءِ حضور ﷺ جن سن 7 هجريءَ ۾ مختلف ملڪن جي بادشاهن ڏانهن تبليغي ۽ دعوتي خط لکيا. مصر جي صوبي اسڪندريہ جي هڪ سردار مقوقس کي بہ حضور ﷺ جن تبليغي خط لکيو. جنهن جي جواب ۾ مقوقس حضور ﷺ جن ڏانهن بہ سڳيون ڀيڻون شيرين ۽ ماريہ ۽ هڪ خچر جنهن کي دلدل چوندا هئا ۽ ٻيا تحفا موڪليا. حضور ﷺ جن ماريہ سان نڪاح ڪيو ۽ حضور ﷺ جو پٽ حضرت ابراهيم .سندس بطن مان ڄائو. سن 16 هجريءَ ۾ ماريہ وفات ڪئي ۽ کيس مديني جي قبرستان جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

## (12) ام المومنين حضرت صفيہ رضہ بنت حيي:

سندس اصل نالو زينب هو ۽ سندس تعلق يهودين جي قبيلي بنو نضير سان هو. غزوه خيبر ۾ سن 7 هجري ۾ اسير ٿي آئي. حضور ﷺ جن کيس آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو ۽ متس صفيہ نالو پئجي ويو. ڇو جو مال غنيمت جو بهترين حصو جيڪو بادشاهہ يا پيغمبر لاءِ مخصوص ڪجي ان کي عربيءَ ۾ صفيہ چوندا هئا. حضرت هارون عليہ السلام جي نسل مان هئي. سٺ سالن جي عمر ۾ سن 50 هجري ماهہ رمضان ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿي.



Marfat.com

## (13) اُم الموء منين حضرت ميمونہ رضہ بنت حارث:

هيءَ خاتون خالد رضہ بن وليد جي سڳي ماسي هئي. حضور ﷺ جن ذي القعد سن 7 هجريءَ ۾ عمره القضا جي سفر ۾ احرام جي حالت ۾ مڪي کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي سندس ڳوٺ"سرف" ۾ ساڻس نڪاح ڪيو.هيءَ خاتون امهات الموء منين مان آخري خاتون هئي جنهن سان حضور ﷺ جن نڪاح ڪيو. حنفيہ چون ٿا تہ حضور ﷺ جن ساڻس احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪيو تنهن ڪري احرام جي حالت ۾ نڪاح جائز آهي پر صحبت نہ ڪجي ۽ شافعي چون ٿا تہ حضور ﷺ جن حضرت ميمونہ رضہ جي پنهنجي بيان ڪيل روايت مطابق بغير احرام جي حالت ۾ نڪاح ڪيو. ان ڪري صحيح مسلم جي روايت مطابق شافعي حالت احرام ۾ نڪاح کي جائزنہ ٿا چون. جڏهن تہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ پنهنجي ڪتاب"بذل القوة في حوادث سني النبوت" ۾ چوي ٿو تہ حضرت ميمونہ رضہ سان حضور ﷺ جن عمرو ڪري جڏهن احرام کولي چڪا هئا تڏهن نڪاح ڪيو هئائون.ميمونہ رضہ حضور ﷺ جن جي وفات کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ "سرف" ۾ اچي رهي ۽ نهايت خوددار خاتون هئي ڪنهنجي بہ مدد قبول نہ ڪندي هئي ۽ پرت پري يا سلائي ڪڙهائي ڪري پنهنجو خرچ پورو ڪندي هئي. سن 51 هجريءَ ۾ 80 سالن جي عمر ۾ سرف ۾ وفات ڪيائين ۽ کيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. سندس تعلق قريش جي قبيلي عامر صعصعہ هلالي سان هو.



Marfat.com

# پاڻ سڳورن ﷺ جن جا معجزا

حافظ عبدالوهاب مگريو

## معجزي جو مفهوم:

لفظ معجزو عربي ٻوليءَ جي لفظ "عجز" مان ورتل آهي جنهن جو مادو عجز يعجز عجزاً آهي. جنهن جي معنيٰ آهي عاجز ڪرڻ، مجبور ڪرڻ، لاچار ڪرڻ، بي وس ڪرڻ.

شريعت جي اصطلاح ۾ معجزو اهڙي ڪم کي چئبو آهي جيڪو ڪم هر ماڻهو نه ڪري سگهي بلڪ ڪو خاص ماڻهو ڪري سگهي ۽ اهو پڻ پنهنجي طاقت ۽ وس سان نه بلڪ الله تعاليٰ جي ذات ۽ سگهه سان ڪري سگهندو هجي ۽ اهو ڪم رڳو انبياء عليهم السلام ئي ڪري سگهندا آهن.

## معجزي جي اهميت:

الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر جي سچائي کي ميڃائڻ ۽ تسليم ڪرائڻ لاءِ هر پيغمبر کي ڪو نه ڪو معجزو عطا ڪيو ته جيئن ماڻهو سندس پيغام کي مڃين ۽ تسليم ڪن. انهن اهي ڪم انجام ڏيئي ڏيکاريا جن کي عام ماڻهو انجام نه ڏئي سگهيا.

هتي رڳو پاڻ ڪريم ﷺ جا ڪجهه معجزا بيان ڪجن ٿا، جن جي ذريعي خبر پئجي سگهي ٿي ته انهن ۾ اهڙا راز ۽ رمزون رکيل آهن جيڪي عام ماڻهو نه ڪري سگهن ها پر پاڻ سڳورا صه الله تعاليٰ جي مرضيءَ سان اهڙا ڪم انجام ڏيئي سگهيا.

## (1) ڇڙيءَ جي تلوار:

واقديءَ اسامه بن زيد عن داوئود بن الحصين جي زباني بنو



Marfat.com

عبدالاشهل جي ڪئين ماڻهن جي اها روايت بيان ڪئي آهي تہ غزوه بدر ۾ سلمہ بن اسلم بن حريش جي تلوار ٽٽي پئي. ڪيس ان ڪان سواءِ وٽس ٻيو ڪوبہ اسلحو ڪونہ هو. تنهن ڪري تلوار جي ٽٽڻ سبب ڏاڍو پريشان ٿيو.

سو پاڻ سڳورن ﷺ جن کجيءَ جي تازي ۾ سنهي ڇڙي ڏنائونس ۽ فرمايائون:" ان سان دشمن جو مقابلو ڪر." هن ڇڙي هٿ ۾ ڪنئي تہ اها نئين تلوار وانگر ڪم ڪرڻ لڳي. اها تلوار سدائين حضرت سلمہ رضہ وٽ رهي. جيستائين هو وڃي جسرِ ابو عبيده جي جنگ ۾ شهيد ٿيو.
(البدايہ والنهايہ ج 3 ص291)

## (2)عُرجون واري تلوار:

زبير موفقيات ۾ بيان ڪيو آهي تہ حضرت عبدالله رضہ بن جحش جي تلوار جنگ جي ميدان ۾ ٽٽي پئي- پاڻ سڳورن ﷺ ڪيس کجيءَ جي هڪ ڇڙي ڏني تہ سندس هٿ ۾ اها تلوار بڻجي ويئي. ان جو هٿيو پڻ کجيءَ جو هو. اُها تلوار"عُرجون"جي نالي سان مشهور ٿي.
(البدايہ والنهايہ ج 4 ص 42)

## (3)اُحد جبل جو ذڪر:

امام بخاري رح حضرت انس بن مالڪ رضہ جي روايت بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري پاڻ سڳورا ﷺ اُحد جبل تي چڙهيا. ساڻن گڏ حضرت ابو بڪر صديق رضہ ، حضرت عمر فاروق رضہ ، حضرت عثمان غني رضہ ۽ حضرت علي رضہ پڻ هئا. جڏهن پاڻ سڳورا جبل تي ويئا تہ جبل ڏڪڻ لڳو. پاڻ ﷺ جن فرمايو " اي اُحد ثابت قدم ۽ پر سڪون ٿي وڃ. بيشڪ تنهنجي مٿان هڪ نبي صہ، هڪ صديق ۽ ٻہ شهيد آهن.
(صحيح البخاري ج 5 ص 11)

## (4)پاڻيءَ جي ڪلي:

امام بخاري رحہ حضرت جابر ضہ بن عبدالله جي حديث بيان ڪئي آهي ، جنهن ۾ هو روايت ڪري ٿو تہ "حديبيہ ڏهاڙي ماڻهن جو اُج جي ڪري برو حال ٿي پيو ، ڪنهن وٽ بہ پاڻي ڪين هو. پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ ڪَلي هئي - ماڻهو سندن وٽ گڏ ٿيا تہ پاڻ صہ ڪائنن پڇيو"ڇا



Marfat.com

ڳالهہ آهي؟ انھن وراڻيو تہ اسان وٽ پاڻي نہ آهي ، نہ وضوءَ ڪرڻ لاءِ ۽ نہ ئي پيئڻ جي لاءِ." بس اهوئي پاڻي آهي جيڪو اوهان وٽ آهي.
جابر رضہ چوي ٿو تہ انھيءَ موقعي تي رسول ﷺ پنھنجو هٿ ڪليءَ ۾ وِڌو تہ سندن آڱرين مان پاڻي ڦنڊيون ڪري وهڻ لڳو. اسان ڍءُ ڪري پيتو، وضو پڻ ڪيو. جڏهن جابر رضہ کان پڇيو ويو تہ " اوهان تعداد ۾ ڪيترا هئا تہ ٻڌايائين تہ جيڪڏهن اسان هڪ لک بہ هجون ها تہ اهو پاڻي اسان جي لاءِ پورو هو. بھرحال اسان ان موقعي تي پندرهن سوءَ جي لڳ ڀڳ هئاسون".( صحيح بخاري ج 4ص 234 )

## (5) رسول ﷺ جي چاڙ:

امام بخاري رحہ حضرت اَبو هريره جي ذريعي حديث بيان ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو"ڇا اوهان منهنجو قبلي ڏانھن مُنھن ڪرڻ جو طريقو ڏسڻ گھرو ٿا." خدا جو قسم ! مون کان اوهان جو خُشوع، رڪوع ۽ سجدا ڪڏهن بہ لڪيل ڪين هوندا آهن. آئون پنھنجي پويان پڻ ڏسي سگھان ٿو."امام بخاري رضہ وري حضرت انس رضہ بن مالڪ کان بيان ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن اسان کي نماز پڙهائي، پوءِ منبر تي چڙهيا ۽ فرمايائون:"جيئن آئون اوهان کي پنھنجي سامهون ڏسان ٿو ، اهڙي طرح مان اوهان کي نماز ۽ رڪوع ۾ پنھنجي پويان پڻ ڏسان ٿو."
(صحيح بخاري ج 1 ص 108)

## (6) ڪارڪن جو ڍير:

امام بخاري رحہ حضرت جابر رضہ بن عبدالله جي واسطي سان هيءَ روايت بيان ڪئي آهي تہ جابر رضہ چوي ٿو "منھنجو پيءُ عبدالله بن عمرو بن حرام جنگ اُحد ۾ شھيد ٿيو ۽ مٿس ڪجھہ قرض هو. مون پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو تہ قرض گھرندڙن کان منھنجي پيءُ جو قرض معاف ڪرائين." پاڻ سڳورن صہ انھن سان ڳالهايو ، پر انھن مڃڻ کان انڪار ڪيو. پاڻ سڳورن صہ مون کي فرمايو" وڃ ۽ پنھنجي ڪارڪن کي مختلف قسمن جي لحاظ کان ورهائي رک ۽ ان کان پوءِ مون کي گھرائج." مون سندن حڪم مطابق ڪارڪن جا ڪيئي ڍير لڳائي ڇڏيا ۽ ڪين اطلاع ڪيو. پاڻ سڳورا صہ تشريف فرما ٿيا ۽ ڪارڪن جي وچ ۾ ويھي



Marfat.com

رهيا ۽ پاڻ فرمايائون"قرض گهرندڙن کي توري ڏيڻ شروع ڪريو". جابر رضہ وڏيڪ بيان ڪري ٿو تہ سيني قرض گهرندڙن کي ڪارڪون توري ڏنيون ويون ۽ سيني جو قرض لاٿو ويو، پر ڪارڪن جا ڍير ساڳيا ئي موجود رهيا ڄڻ تہ انهن ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ٿي.( صحيح بخاري ج 3 ص 84)

## (7)ٻڪريءَ جو گوشت:

امام بخاري رحہ ابو عثمان جي واسطي سان بيان ڪري ٿو تہ حضرت عبدالرحمٰن بن ابو بڪر رحہ کين هيءُ واقعو ٻڌايو تہ اسان هڪ سوءِ ٽيهہ اصحابي نبي ڪريم صہ جن سان گڏ سفر تي ويا سون ـ هڪ جاءِ تي پاڻ سڳورن صہ اسان کان پڇيو تہ ڇا ڪنهن وٽ ڪا کائڻ جي شيءِ آهي ؟ هڪ ماڻهوءَ وٽ اٽڪل هڪ صاع اٽو هو. سو اٽو ڳوهيو ويو. انهيءَ وقت هڪ ڊگهو قداور بري حال ۾ مشرڪ پنهنجي ڌڻ سان گڏ ظاهر ٿيو. پاڻ سڳورن صہ کانئس پڇيو:" هي ٻڪريون وڪڻڻ جي لاءِ آهن يا تحفي جي لاءِ ؟ هن وراڻيو: وڪڻڻ جي لاءِ آهن. پاڻ صہ کانئس هڪ ٻڪري خريد ڪئي . اها ڪٺي وئي ۽ گوشت تيار ڪيو ويو. پاڻ صہ فرمايائون:-جيرو ۽ ٻڪيون پڪا وڃن. جڏهن پڪا ويا تہ پاڻ صہ انهن مان ٽڪرا ٽڪرا ڪٽي سيني موجود ماڻهن کي ورهائي ڏنائون ۽ جيڪي موجود نہ هئا، تن جي لاءِ بچائي رکيائون. باقي بيو گوشت پچائي پيالن ۾ وڌو ويو، ٻہ پيالا اسان کاڌا ۽ سيني خوب پيٽ ڀري کاڌو ۽ ٻہ پيالا بچي پيا جيڪي اٺ تي رکي کڻي هلياسون." (صحيح بخاري ج 3 ص203)

## (8)خوب صورتيءَ لاءِ دعا:

ابن عبدالبر بيان ڪري ٿو تہ عمرو بن اخطب رضہ پاڻ سڳورن صہ سان گڏ ڪئين جنگين ۾ شريڪ ٿيو. هڪ ڀيري پاڻ ڪريمن صہ مٿس مٿي تي هٿ ڦيري سندس خوب صورتيءَ جي لاءِ دعا ڪئي. حضرت عمرو رضہ سو سالن کان وڏيڪ عمر جو رهيو ۽ آخر تائين نهايت ئي حسين و جميل رهيو. سندس مٿي ۽ ڏاڙهيءَ ۾ ڳڻڻ جيترا مس اڇا وار هئا، باقي سڀ ڪارا وارهئا. (الاصابہ ج 4 ص 79)

## (9)پاڻ سڳورن صہ جي خبر:

قيس بن ابي حازم يزيد رضہ بن ابي شيبہ کان روايت ڪري ٿو تہ هو



Marfat.com

(يزيد رضہ) چوي ٿو تہ آئون مديني جي هڪ سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هوس تہ مون وٽان هڪ عورت لنگهي. مون سندس پلئہ پڪڙي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ کيس چمي ڏني. ٻئي ڏينهن پاڻ سڳورا صہ ماڻهن کان اسلام جي بيعت وٺڻ لڳا تہ آئون بہ بيعت جي لاءِ حاضر ٿيس. جڏهن مون پنهنجو هٿ وڌايو تہ پاڻ سڳورن صہ پنهنجو هٿ پري ڪيو ۽ فرمايائون :-ڇا تون ساڳيو ئي نہ آهين جنهن ڪالهہ چمي ورتي هئي؟ مون عرض ڪيو "يا رسول الله ! منهنجي بيعت قبول ڪندا، خدا جو قسم ! آئون آئنده ڪڏهن بہ اهڙي حرڪت ڪين ڪندس." اهو ٻڌي پاڻ ﷺ مون کي بيعت جو شرف بخشيائون.(الاصابہ ج 4 ص 104)

## (10)مسعده جو ڦٽ:

واقدي رحہ يحيٰ بن عبدالله بن ابي قتاده کان نقل ڪيو آهي تہ هو (ابو قتاده حارث بن ربعي الانصاري رضہ)رسول صہ جي حڪم سان ذي قرد جي ويجهو عينيہ بن حصن ۽ سندس گم ٿيل ساٿين جي مقابلي لاءِ ويا۔ ڪاميابيءَ کان پوءِ مديني موٽيا تہ پاڻ سڳورا صہ ڪين واٽ تي مليا. پاڻ صہ جن مون کي ڏسي فرمايو" يا الله ! هن جي جسم جي توانائي ۽ چهري جي خوب صورتيءَ ۾ برڪت وجهہ." وري وڌيڪ دعا ڪيائون ۽ فرمايائون: "تنهنجو چهرو روشن ٿئي يعني تون سرخرو ٿي وڃ." مون جواب ۾ چيو " يا رسول الله ! اوهين پڻ سرخرو ٿي وڃو."پاڻ صہ پڇيائون."تو مسعده ڪافر کي قتل ڪيو آهي؟ مون عرض ڪيو. جي ها يا رسول الله ﷺ ! پاڻ صہ پڇيائون: " هي تنهنجي چهري تي ڇا آهي؟ مون عرض ڪيو."دشمنن تير هنيو آهي، جنهن چهرو زخمي ڪري وڌو آهي." پاڻ صہ فرمايائون:" هيڏانهن مون ڏي اچ." آئون سندن ويجهو ويس تہ منهنجي زخم تي لعاب لڳايائون. منهنجو اهو زخم بلڪل ٺيڪ ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ مون کي ڪڏهن بہ ڦٽ نہ ٿيو." (الاصابہ ج 4 ص 157)

## (11)بُتن جو ڍهڻ:

عبيد الله بن عبدالله بن عباس رضہ بيان ڪري ٿو تہ پاڻ سڳورا صہ فتح مڪہ جي ڏينهن پنهنجي ڏاچيءَ تي سوار ٿي حرم ۾ داخل ٿيا ۽ ڪعبت الله جو طواف ڪيائون. ڪعبي جي چئني پاسن بُت شيهي جي



Marfat.com

ذريعي قابو ڪيا ويا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿ ۾ ڪجيءَ جي هڪ ڇڙي هئي. پاڻ ﷺ انهيءَ ڇڙيءَ سان بتن ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي رهيا هئا. جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ( حق اچي ويو ۽ باطل مٽجي ويو. بيشڪ باطل مٽجڻ وارو ئي هوندو آهي.) ابن عباس رضه جو چوڻ آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جنهن به بت جي ڇهري ڏانهن اشارو ڪري رهيا هئا، اهو هيٺانهون تي ڪريو ٿي ۽ جنهن جي هيٺان اشارو ڪري پڙهيائون ٿي ته اهو اونڌو ٿي ڪريو ٿي. ائين ئي سڀئي بُت ڪري پيا ۽ هڪ به باقي نه رهيو. ( البدايه والنهايه ج 4 ص 302)

## (12) پاڻ سڳورن ﷺ جي اڳڪٿي:

امام بخاري رحه حضرت عائشه رضه جي روايت بيان ڪري ٿو ته عائشه رضه فرمايو:"هڪ ڏينهن فاطمه رضه رسول ﷺ وٽ آئي. سندس هلڻي بلڪل پاڻ سڳورن ﷺ جي هلڻي جهڙي هئي. پاڻ سڳورن ﷺ کيس ڏسي يليڪار چئي ۽ پوءِ کيس پنهنجي ساڄي پاسي ويهاريائون. پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ کيس ڪن ۾ ڪا ڳالهه چئي ته هُن روئي ڏنو."مون پڇيو "فاطمه رضه تون ڇو روئي رهي آهين. پر هن ڪوبه جواب ڪين ڏنو." پاڻ سڳورن ﷺ وري کيس ڪن ۾ ڪا ڳالهه چئي ته هن کلي ڏنو. تنهن تي مون چيو ته " ڏک ۽ خوشي کي مون ڪڏهن به ايترو ويجهو ڪين ڏٺو هو."

مون فاطمه رضه کان ان بابت پڇيو ته هن ٻڌايو ته رسول ﷺ جو راز آهي جيڪو آئون کولڻ نه ٿي چاهيان."پاڻ سڳورن ﷺ جي رحلت کان پوءِ هڪ ڀيري مون کانئس پڇيو هو ته فاطمه رضه مون کي ٻڌايو ته حضور ڪريم ﷺ مون کي ٻڌايو هو ته جبرئيل ؑ پاڻ سڳورن ﷺ سان گڏ هر سال قرآن مجيد جو هڪ دور ڪندو هو، پر هن سال به ڀيرا دور پورو ڪيو اٿس، جنهن کي پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي رحلت سان تعبير فرمايو. تنهن تي آئون روئي پيس. ان کان پوءِ منهنجي پيءُ مون کي فرمايو: منهنجي اهل بيت منجهان تون مون سان سڀ کان اڳ ۾ ملندينءَ ۽ ڇا تون ان ڳالهه تي خوش نه آهين ته تون جنت ۾ مومن عورتن جي سردار آهين؟ پاڻ سڳورن ﷺ پاران اهو ٻڌائڻ تي آئون خوش ٿيس ۽ کلي ڏنو."(صحيح بخاري ج4ص248)



Marfat.com

## (13)هرڻيءَ جو واعدو:

ابو نعيم اصبهاني ڪيترن ئي راوين جي سلسلي سان حضرت ام سلمہ جي هڪ روايت بيان ڪئيآهي تہ هوءَ فرمائي ٿي تہ رسول صہ هڪ پيري ڪنهن پٿريلي واديءَ مان لنگهي رهيا هئا تہ پاڻ آواز ٻڌائون"يا رسول الله ! " پاڻ فرمايائون : "مون آواز ٻڌي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو تہ ڪو بہ نظر نہ آيو. نيٺ آئون اڳتي وڌيس تہ ڇا ڏسان تہ هڪ هرڻي رسين سان ٻڌل هئي. هڪ مسلح همراه اُس ۾ ستو پيو هو. هرڻيءَ چيو" يا رسول الله! هن همراه مون کي شڪار ڪيو آهي ۽ هن جبل ۾ منهنجا ٻہ ننڍا ڦر آهن. جيڪڏهن اوهان مون کي ڇوڙيندوءِ تہ آئون انهن کي کير پياري موٽي ايندس."پاڻ سڳورن صہ ڪيس فرمايو" ڇا واقعي تون ائين ڪندينءَ؟ هن جواب ۾ عرض ڪيو تہ" جيڪڏهن آئون واعدو پورو نہ ڪريان تہ خدا تعاليٰ مون کي سخت عذاب سان هلاڪ ڪري."تنهن تي پاڻ سڳورن صہ سندس رسيون ڇوڙيون . هوءَ ڀڄندي وئي ۽ پنهنجي ڦرن کي کير پياري واپس موٽي آئي . هن جي واپسيءَ تي پاڻ سڳورن صہ سندس رسيون ٻڌي ئي رهيا هئا تہ شڪاريءَ کي جاڳ ٿي. هن رسول صہ کي سچائي ورتو ۽ عرض ڪيائين." يا رسول الله ! منهنجا پيءُ ماءُ اوهان تي قربان. مون ٿوري دير اڳ هيءَ هرڻي پڪڙي هئي . ڇا اوهان کي ان جي ضرورت آهي؟ پاڻ فرمايائون:"هائو، مون کي ان جي ضرورت آهي.هن چيو اوهان خوشيءَ سان ان کي ڪاهي وڃو."پاڻ سڳورن صہ ان کي وٺي آزاد ڪري ڇڏيو. ان تي اها ايترو تہ خوش ٿي جو رڻ پٽ ۾ ڊوڙندي خوشيون ڪندي هلي ويئي ۽ خوشيءَ وچان زمين تي پير هڻڻ لڳي، پڻ الله جي هيڪڙائي ۽ رسول ﷺ جي رسالت جي شاهدي ڏيندي اتان هلي ويئي.



Marfat.com

# رسول ﷺ سان محبت جا ڪجھ نمونا

فضل الاهي عارف

ترجمو: اياز حسين لاکير-

رسول ﷺ سان عشق ۽ محبت ،مومن لاءِ بي بها سرمايو آهي ۽ ڪنهن مومن جي دل ان کان خالي نہ هوندي. ڇاڪاڻ تہ اِهوئي عشق ۽ محبت حقيقي مالڪ جي قُرب ۽ ان جي ذات ۽ صفات جي صحيح تصور جو واحد ذريعو آهي. صحابہ ڪرام رضہ وڏا خوش نصيب هئا جو اهو سرمايو سڀ کان وڌيڪ انهن جي حصي ۾ آيو هو. انهن جي سامهون حضور ڪريم ﷺ جن جو اهو چهرو مبارڪ بہ هيو جنهن جي هڪ هڪ نقش ۽ خد و خال ۾ انتها درجي جي خوبصورتي نظر ايندي هئي ۽ سيرت مبارڪ جو نور بہ جهلڪيون ڏيندي نظر ايندو هيو. حضور ڪريم ﷺ جن جي ڪچهري ، موڪلاڻي، ڳالهہ ٻولهہ جو انداز،سچائي ۽ امانت ، پنهنجي ۽ پرائي سان بي پناهہ همدردي،خوشي ۽ غم ۾ غير معمولي بردباري مطلب تہ انسانيت جي ڪمال جو هڪ خوبصورت نمونو هيو جو پنهنجي هر ادا جي دلڪشيءَ سان ڏينهن رات الله جہ جي دعوت جو فرض پورو ڪري رهيو هوءِ ماڻهو بنا سڏڻ جي بہ ان حسن جي ڪرشمہ سازي جيّ طرف ڇڪجي ايندا هئا . مطلب تہ رسول اڪرم ﷺ سان محبت جو بهترين نمونو اسانکي صحابہ ڪرام رضہ جي زندگيءَ ۾ ملي ٿو جن جي دلِ ان سان پريل هئي ۽ ان محبت جو اظهار مختلف طريقن سان ٿيندو هيو-

صحابہ ڪرام رضہ رسول ڪريم ﷺ جن جي اخلاق،ڪردارءِ پاڻ ڪريمن جي فرمان جي اطاعت ۾ وڏي کان وڏيون تڪليفون برداشت ڪندا هئا ۽ انهن ۾ راحت محسوس ڪندا هئا. مال ملڪيت تہ ڪائي اهميت نہ پئي رکي ايتري تائين جو هو پنهنجي جان کان بي پرواهہ ٿي ويا هُئا. انهيءَ عشق انهن ۾ اهڙو جذبو پيدا ڪيو هُيو. رسول اڪرم ﷺ جن



Marfat.com

جو پنهنجو فرمان مبارڪ به آهي تہ"توهان ۾ تيستائين ڪو بہ مڪمل ايمان وارو نٿو ٿي سگهي جيستائين"مان" توهان کي توهان جي اولاد ، پيءُ ماءُ ۽ سيني ماڻهن کان زيادہ محبوب نہ ٿي وڃان"جڏهن تہ صحابہ ڪرام رضہ جي سچي زندگي گواهہ آهي تہ انهن کي حضور صہ جي پاڪ ذات هر شيءِ کان وڌيڪ عزيز هُئي. مثلاً جڏهن تبوڪ جي جنگ لڳي تہ سخت گرميءَ جي موسم هُئي-حضرت خثيمہ رضہ ڪنهن سبب ڪري انهيءَ جنگ ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيو، هڪڙي ڏينهن هو گهر ۾ آيو. ڏٺائين تہ سندس گهر وارين مٽي بنگلي تي ڇٽڪار ڪيو آهي، پاڻي ٿڌو ڪيو اٿائون ۽ لذيذ کاڌا تيار ڪري رکيا اٿن، اهو سڄو اهتمام ڏسي ڪري چوڻ لڳو: رسول الله تہ هن جهولي ۽ شديد گرميءَ ۾ کليل ميدان ۾ آهن ۽ مان هن ٿڌي پاڻي ۽ لذيذ کاڌي مان لطف اندوز ٿيان،خدا جو قسم اهو هرگز نہ ٿي سگهندو، مان هرگز مٽي بنگلي تي نہ ويندس، انهيءَ وقت ئي رستو وٺي تبوڪ جي طرف روانو ٿي ويو.

مڪي جي قريشن حضرت خبيب رضہ کي ڪجهہ ڏينهن قيد ۾ بڪارو ۽ اجارو رکڻ کان پوءِ صليب جي هيٺان بيهاري چيائون تہ هن وقت بہ اسلام کان پري ٿي وڃ تہ تنهنجي جان بچي سگهي ٿي؟ پاڻ جواب ڏنائون تہ جيڪڏهن اسلام جهڙي دولت مون وٽ نہ ٿي رهي تہ جان کي بچائي ڇا ڪندس ، ڦاسي تي چڙهڻ کان پهريائين پاڻ بہ رڪعتون نماز پڙهڻ جي اجازت گهري، اجازت مليس بہ رڪعتون نماز پڙهيائين ان کان پوءِ ان کي سوليءَ تي مٿي چاڙهيو ويو، هڪ شڪي مزاج ان کي پيٽ ۾ گُرز هڻي چيو تہ ٻڌاءِ هاڻي تہ تون پسند ڪندين تہ محمد صہ ڦاسي پوي ۽ مان ڇُٽي وڃان ، حضرت خبيب رضہ جوشيلي انداز ۾ چيو تہ خدا ڄاڻي ٿو تہ مان تہ اهو بہ پسند نہ ڪندس تہ منهنجي جان بچي وڃي ۽ ان جي عيوض رسول الله ﷺ جن جي پيرن مبارڪن ۾ ڪو ڪنڊو چُڀي. ان سان گڏ حضرت زيد رضہ بہ گرفتار ٿي آيو هُيو، انهيءَ سان بہ اهڙو سلوڪ ڪيو ويو ۽ انهيءَ بہ اهڙا بي باڪ جواب ڏنا. انهيءَ کي بہ سوليءَ تي چاڙهيو ويو.

هڪڙي جنگ کان بعد جڏهن مسلمان جنگ کان واپس آيا تہ هڪ عورت ، جنهن جو پيءُ ، ڀاءُ ۽ مڙس جنگ ۾ شريڪ هئا، وڏي بي قراري سان ٻاهر نڪتي، ماڻهن ان کي ٻڌايو تہ تنهنجو پيءُ ، ڀاءُ ۽ مڙس ٽئي شهيد ٿي ويا ، انهيءَ عورت چيو تہ مان ٻئي ڪنهن جو نٿي پڇان مونکي رڳي اهو ٻڌايو تہ رسول الله ﷺ ڪيئن آهن؟ ماڻهن ٻڌايس تہ پاڻ ڪريم



Marfat.com

ﷺ جن خدا جي فضل سان صحيح سلامت آهن. انهيءَ عورت چيو: مونکي گهڙي کن ڏيکاريو تہ سهي، جڏهن پري کان حضور ڪريم ﷺ جن جو چهرو مبارڪ ڏٺائين تہ بي اختيار دانهن ڪري چيائين تہ پاڻ ڪريم ﷺ سلامت آهن تہ هر مصيبت برداشت ڪري سگهجي ٿي.

رسول ڪريم ﷺ مڪي کان هجرت ڪري مديني ڏانهن روانو ٿيا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ بہ ساڻن گڏ هيو. رات جي اونداهيءَ ۾ پئي وجي رهيا هئا، پويان ڪافرن جي اچڻ جو خطرو هيو. مڪي کان چار پنج ميلن جي مفاصلي تي غارِ ثور هو جتي رستو تمام ڏکيو هيو. پٿرن جي ڪري پير مبارڪ زخمي ٿي پيا هئا. حضرت ابو بڪر صديق رضہ کان حضور اڪرم ﷺ جن جي اها تڪليف برداشت نہ پئي ٿي سگهي، سائين جن جي تڪليف اکين سان ڏسي ڪونہ پيا سگهن. حضرت ابوبڪر صديق رضہ پاڻ ڪريمن کي ڪلهن تائين کڻي غار تائين پهچايو. غار جي ٻاهران پاڻ ڪريمن کي ويهاري اندر ويا. سڄي غار کي صاف ڪيائون، پنهنجي جسم جا ڪپڙا ڦاڙي غار جا سوراخ بند ڪيائون، هڪڙو سوراخ بند نہ ٿي سگهيو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ انهيءَ سوراخ تي پير جو آڱوٺو ڏئي ويهي رهيا. حضور ڪريم ﷺ جن سندن ران تي پنهنجو سر مبارڪ رکي آرام ڪرڻ لڳا. اتفاق سان انهيءَ سوراخ ۾ هڪ نانگ هيو جنهن حضرت ابو بڪر صديق رضہ جي آڱوٺي ۾ ڏنگ هنيو. شديد درد جي باوجود، اُف بہ نہ ڪيائين ۽ دانهن نہ ڪيائين، ان ڪري تہ متان حضور ڪريم جن جي ننڊ ڦٽي نہ وڃي. درد جي شدت جي ڪري اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ڳوڙها جهوليءَ ۾ ستل آمنہ جي لعل جي چهري مبارڪ تي ڪريا تہ پاڻ جاڳي پيا. جڏهن کين سڄي واقعي جي خبر پئي تہ پاڻ پنهنجي ڦيڻ مبارڪ زخم تي هنيائون جنهن سان زهر جو اثر ختم ٿي ويو.

هجرت ڪري حضور ڪريم ﷺ مديني پهتا تہ اُتي هر ڪنهن جي دل جي تمنا هئي تہ حضور جن جي مهمانيءَ جو شرف اسان کي نصيب ٿئي. آخر ڪار اهو شرف حضرت ابو ايوب انصاري رضہ جي حصي ۾ آيو. حضور جن ان جي جڳهہ جي هيٺين حصي ۾ رهڻ پسند فرمايو. هڪڙي ڏينهن اتفاق سان ڇت تي پاڻيءَ سان ڀريل دلو ڀڄي پيو. ڇت جيئن تہ مضبوط نہ هُئي، حضرت ابو ايوب انصاري رضہ کي خيال آيو تہ ممڪن آهي تہ ڇت وهي پوي ۽ پاڻيءَ جي ڪري حضور جن کي ڪا تڪليف نہ پهچي، انهن زال مڙس وٽ هڪ ئي لحاف هيو. ان کي ان پاڻيءَ تي



Marfat.com

وڏائون تہ جيئن پاڻي ان ۾ جذب ٿي وڃي ان کان بعد پاڻ زال مڙس کنڊن ۾ ويهي رات گذاري. صبح جو حضرت ابو ايوب انصاري رضہ حضورجن جي خدمت ۾ حاضرٿي رات جو واقعو ٻڌايو.ان کان پوءِ حضور جن کي عرض ڪيائون تہ اوهان مهرباني ڪري جڳهہ جي مٿين حصي ۾ رهڻ فرمايو. بعد ۾ حضورجن مٿي رهڻ لڳا.

حضرت ابو بڪر صديق رضہ جڏهن اسلام قبول ڪيو تہ سڀ کان پهريان توحيد جي باري ۾ هڪڙو خطبو ڏنائون. ڪافر انهيءَ حق جي ڪلمي کان پريشان ان ڪري بہ هئا تہ اهو حق جو آواز انهن جي ابن ڏاڏن جي عقيدي جي خلاف هيو. آواز ٻڌندي ئي حضرت ابو بڪر صديق رضہ تي ٽٽي پيا. ڪيس ايترو تہ ماريائون جو ڏسڻ وارن کي موت جو يقين ٿي ويو. سندس قبيلي بني تميم جي ماڻهن هڪ ڪپڙو ويڙهي ڪيس گهر کڻي ويا. شام جو جڏهن هوش ۾ آيو تہ بجاءِ پنهنجي تڪليف بيان ڪرڻ جي رسول ڪريم ﷺ جن جو پڇيائون. قبيلي جي ماڻهن ساڻس تعلق ختم ڪري ڇڏيو پر ڪيس هميشہ هڪ محبوب نالي جو ورد هوندو هيو. آخر ڪار ماڻهن ڪيس حضورجن وٽ پهچايو. حضورجن جڏهن ابو بڪر صديق رضہ جي اِها حالت ڏٺي تہ سندن دل پرجي آئي، مٿان اچي ڪيس چُمي ڏنائون. جنهن بہ ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪنهن سان عشق ٿي ويندو آهي تہ انهيءَ جي رضا منديءَ کي خيال ۾ رکڻ ۽ هر ڳالهہ ۾ انهيءَ کي راضي رکڻ ، سندس عادت بنجي ويندي آهي.

صحابہ ڪرام بہ هر ڪم ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جي مرضي ۽ پسند کي اوليت ڏيندا هئا ۽ خيال رکندا هُئا. حضورجن جي ناراضگيءَ کان ڏاڍو گهبرائيندا هُئا. مثلاً حضرت سعد رضہ رنگ جو ڏاڍو ڪارو هيو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سندس شمار اسلام جي جان نثارن ۾ ٿيڻ لڳو. هڪ دفعي حضور ڪريم ﷺ جن سندس قربانين تي خوش ٿي ڪيس فرمايائون: "سعد! شادي ڇو نہ ٿو ڪرين." ان تي عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ مون جهڙي ڪاري ڪٺ ۽ بد صورت ماڻهوءَ کي ڪير ڇوڪري ڏيڻ پسند ڪندو؟ پاڻ فرمايائونس تہ "وڃ ثقيف قبيلي جي سردار کي وڃي منهنجي نالي چئہ تہ مون کي رسول الله ﷺ جن موڪليو آهي تہ پنهنجي ڌيءَ جو نڪاح مون سان ڪريو. حضرت سعد رضہ حضور جن جو پيغام انهيءَ سردار وٽ پهچايو. سردار حضرت سعد رضہ جي شڪل ڏسي ڪجهہ ناراض ٿيو تہ پنهنجي خوبصورت ڌيءَ جي شادي



Marfat.com

# اولاد رسول ﷺ

## الفت علي قاضي

حضورﷺ جن کي ٽي پٽ ۽ چار نياڻيون هيون. ڇهه ٻار اُم المومنين حضرت خديجه الڪبريٰ رضہ مان ۽ هڪ ام المومنين حضرت ماريہ قبطيہ رضہ مان هو. انهن جو ترتيب وار ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

### حضورﷺ جن جي پٽن جو ذڪر:

### (1) حضرت قاسم رضہ:

هيءَ پهريون ٻار هو جيڪو ام المومنين حضرت خديجه الڪبريٰ رضہ جي بطن مان بعثت نبوي کان اڳ مڪي ۾ پيدا ٿيو ۽ ٻن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سندس تاريخ پيدائش يا وفات جو ذڪر ڪٿي بہ نہ ٿو ملي، حضورﷺ جن جي ڪنيت "ابوالقاسم" ان جي ئي نالي تي هئي.

### (2) حضرت عبدالله رضہ:

هيءَ حضورﷺ جن جو ٻيو نمبر پٽ هو، جيڪو ام المومنين حضرت خديجه رضہ جي بطن مان هو،بعثتِ نبوي کان اڳ مڪي ۾ پيدا ٿيو ۽ 18 مهينن جي عمر ۾ وفات ڪيائين. حضورﷺ جن جي طرفان سندس لقب طيب هو ۽ ماءُ جي طرفان طاهر. انهيءَ پٽ جي وفات تي مڪي جي ڪافرن خاص طور تي ابولهب ۽ عاص بن وائل وڏ ۾ وڏ خوشيون ملهائيون تہ هاڻ محمد جو نسل منقطع ٿي ويو، ڇو جو سندس نرينہ اولاد زنده نہ رهيو آهي جنهن مان نسل وڌي. تنهن ڪري محمد جو نالو ۽ نشان مٽجي ويندو (معاذالله). انهيءَ موقعي تي الله تعاليٰ سوره الڪوثر نازل ڪئي، جنهن ۾ حضورﷺ جن کي فرمايو ويو تہ:

"(اي رسول!) اسان توکي خير ڪثير عطا فرمايو آهي، جنهن جي



Marfat.com

شڪراني طور الله جي لاءِ نماز ادا ڪريو ۽ بيشڪ توهان جا دشمن ئي بي نسل رهندا ۽ مٽجي ويندا.“

تاريخ شاهد آهي تہ ابولهب ۽ عاص بن وائل جو سمورو اولاد مسلمانن هٿان مختلف جنگين ۾ مارجي ويو ۽ اڄ انهن جي نسل جو ڪو نام ۽ نشان بہ ناهي ۽ اڄ پوريءَ دنيا ۾ حضور ﷺ جن جي آل ۽ اولاد موجود آهي، جن تي دنيا جا ڪروڙين مسلمان درود ۽ سلام پڙهن ٿا.

تنهن کان سواءِ اِتڪل هڪ ارب مسلمان حضور ﷺ جن جا روحاني اولاد ۽ امتي موجود آهن، جن کي ناز ۽ شڪر آهي تہ هو شافع محشر جا امتي آهن.

## (3) حضرت ابراهيم رضہ:

حضور ﷺ جن جو هيءُ ٽيون نمبر پٽ ام المومنين حضرت ماريہ قبطيہ رضہ جي پيٽان سن 8 هجريءَ ۾ مديني ۾ ڄائو ۽ ٻن سالن جي عمر ۾ سن 10 هجريءَ ۾ وفات ڪيائين.

حضور ﷺ جن جي نياڻين جو ذڪر

قرآن مجيد جي سوره احزاب جي آيت نمبر 59 ۾ آهي تہ:

يا ايها النبى قل لازواجك و بناتك و نساء المومنين

”اي نبي! پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ڌيئرن ۽ مومنن جي عورتن کي چئو“ مٿين آيت ۾ نبي ﷺ جي زالن، سندس ڌيئرن ۽ مومنن جي عورتن لاءِ جمع جو صيغو استعمال ٿيو آهي. يعني (1) ازواج النبي (2) بنات النبي ۽ (3) نساء المومنين.

لفظ بنات جمع آهي بنت جو ۽ عربيءَ ۾ جمع ٽي يا ٽن کان وڌيڪ لاءِ ايندو آهي ۽ ابن يا بنت ان اولاد کي چئبو آهي، جيڪو نسبي هجي يعني پنهنجي رت مان هجي. جيڪڏهن ڪا خاتون ٻي نڪاح ڪرڻ کانپوءِ پهرين مڙس مان پيدا ٿيل اولاد گڏ وٺي اچي تہ ان کي عربيءَ ۾ ربيب يعني پاليل چئبو آهي، نہ ڪ اولاد. تنهن ڪري جيڪي ماڻهو حضرت فاطمتہ الزهري رضہ کان سواءِ ٻين نياڻين کي حضور ﷺ جن جون صلبي ۽ نسبي ڌيئرون سمجهڻ جي بدران انهن کي ربيبتہ ٿا چون سي قرآن جا منڪر ۽ الله جا دشمن آهن.

ام المومنين حضرت خديجه رضہ جي پهرين شادي عتيق بن عائذ مخزوميءَ سان ٿي، جنهن مان ڪين ڪوبہ اولاد نہ هو. عتيق جي وفات



Marfat.com

ڪانپوءِ سندس ٻي شادي ابوهالہ بن نباش تميميءَ سان ٿي، جنهن مان ٻي ٻي خديجه رضہ کي ٽي پٽ (1) هاله رضہ (2) طاهر رضہ ۽ (3) هند رضہ ڄاوا. اهي ٽئي صحابي رسول ﷺ هئا. خديجه رضہ جڏهن حضور ﷺ جن سان شادي ڪئي تہ سندس اهي ٽئي پٽ صغير هئا ۽ ماءُ سان گڏ آيا ۽ انهن جي پرورش بہ حضور ﷺ جن جي گهر ۾ ٿي، تنهن ڪري انهن ٽنهي ڀائرن کي ربائب النبي ﷺ چئبو آهي.

هالہ رضہ جو ذڪر صحيح بخاريءَ ۾ آهي تہ حضور ﷺ جن ان لاءِ دعا ڪئي هئي. طاهر رضہ کي حضور ﷺ جن يمن جو حاڪم بنائي موڪليو هو، جيڪو وفات تائين اتي رهيو. جڏهن ابوبڪر صديق رضہ جي دورِ خلافت ۾ يمن ۾ نبوت جو ڪوڙو دعويدار اسود عنسي پيدا ٿيو ۽ ماڻهو مرتد ٿيڻ لڳا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ يمن جي حاڪم حضرت طاهر رضہ ۽ حضرت مسروق رضہ بن الاجدع کي لشڪر ڪشيءَ جو حڪم ڏنو. جن ان فتني کي ختم ڪيو.

حضرت هند رضہ جي ڪري ئي ٻي ٻي خديجه رضہ جي ڪنيت ام هند هئي. حضرت هند رضہ جنگ جمل ۾ حضرت علي رضہ جي پاسي هو ۽ انهيءَ جنگ ۾ بصري ۾ شهيد ٿيو. فصاحت ۽ بلاغت ۾ ممتاز هو. حديث جي ڪتابن ۾ حضور ﷺ جن جا اوصاف ۽ شمائل هن کان ئي مروي آهن. انهيءَ ڪري تاريخ ۾ کيس وصاف الرّسول ﷺ بہ چيو ويو آهي. تنهن کان سواءِ تاريخ ۾ هڪ روايت ۾ اچي ٿو تہ، ام المومنين حضرت ام سلميٰ رضہ کي سندس پهرين مڙس عبدالله رضہ بن عبدالاسد المخزومي جيڪو حضور ﷺ جن جو ٿڃ شريڪ ڀاءُ هو، مان کيس چار ٻار هئا:

(1) سلميٰ رضہ جيڪو حبشہ ۾ پيدا ٿيو ۽ جنهن جي ڪري سندس والدين کي ام سلميٰ ۽ ابوسلميٰ سڏيو ويندو هو. ام المومنين حضرت ام سلميٰ رضہ جو اصل نالو هند هو. حضرت سلميٰ رضہ جو نڪاح حضور ﷺ جن پاڻ پنهنجي سڳي سوٽ حضرت حمزه رضہ جي ڌيءُ امامہ سان ڪرايو.

(2) حضرت عمر رضہ بن ابوسلميٰ. هن پنهنجي ماءُ ام سلميٰ جو نڪاح حضور ﷺ جن سان ڪرايو هو. حضرت علي رضہ جي دورِ خلافت ۾ فارس ۽ بحرين جو حاڪم هو.

(3) دُره رضہ (4) بره رضہ ان جونالو مٽائي حضور ﷺ جن زينب رکيو



Marfat.com

هو، دره رضہ ۽ بره رضہ کان سواءِ هڪ شاذ قول مطابق ابوسلميٰ کي هڪ ڌي ام ڪلثوم بہ هئي، جڏهن ام سلميٰ حضورﷺ جن جي نڪاح ۾ آئي تہ سندس اڳئين مڙس مان اولاد بہ ساڻس گڏ آيو ۽ حضورﷺ جن انهن جي بہ پرورش ڪئي ۽ انهن کي بہ ربائب محمد سڏيو ويندو هو. انهن کان سواءِ ام المومنين حضرت رملہ رضہ جنهن جي ڪنيت ام حبيبہ هئي، جڏهن ان جو نڪاح حضورﷺ سان ٿيو تہ سندس ڌي حبيبہ رضہ بہ ساڻس گڏ آئي ۽ ان جي پرورش بہ حضورﷺ ڪئي. تنهن ڪري حبيبہ رضہ کي بہ ربيبہ النبيﷺ چيو ويو.

نالن جي مشابهت جي ڪري ڪجھہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ حضرت فاطمہ رضہ کان سواءِ حضورﷺ جن کي نياڻين جو اولاد نہ هو. اهي تاريخي ۽ قرآن جي آيت مطابق غلطيءَ تي آهن. هاڻ هيٺ حضورﷺ جن جي نياڻين جو ترتيب وار ذڪر ڪجي ٿو:

## (1) حضرت زينب رضہ:

هيءَ حضورﷺ جن جي سڀ کان وڏي نياڻي هئي، جيڪا حضورﷺ جن جڏهن 30 سالن جا هئا تہ مڪي ۾ ڄائي. سندس نڪاح حضورﷺ جن ام المومنين خديجه رضہ جي سڳي ڀيڻ هاله بنت خويلد جي پٽ ابوالعاص رضہ بن ربيع سان ڪرايو. ابوالعاص جو نسب چوٿين پيڙهيءَ ۾ حضورﷺ جن سان ملي ٿو، اهڙيءَ طرح حضرت زينب رضہ جو نڪاح سندس سڳي ماسات سان ٿيو. سن 8 هجريءَ ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين. ابوالعاص رضہ کي زينب رضہ مان ٻہ ٻار ڄاوا: (1) علي رضہ ۽ (2) امامہ رضہ. علي ۽ امامہ سان بہ حضورﷺ جن کي تمام گهڻي محبت هوندي هئي. حضورﷺ جن جڏهن سن 8 هجريءَ ۾ مڪي ۾ فاتحانہ داخل ٿيا تہ اهو علي ساڻن گڏ ڏاچيءَ تي پٺيان ويٺو هو. علي جنگ يرموڪ ۾ شهيد ٿيو. امامہ رضہ جي باري ۾ صحيح بخاري جي باب "اذ حمل جاريتہ صغيره عنقہ في الصلوه" ۽ باب "رحمتہ الولد و تقبيله و معانقته" ۾ هڪ روايت آهي تہ:

"ابو قتاده رضہ انصاري بيان ڪري ٿو تہ، حضورﷺ جن نماز ادا ڪري رهيا هئا تہ امامہ سندس ڪلهي تي ويٺل هئي، جڏهن حضورﷺ جن رڪوع ۾ ٿي ويا تہ ان کي ڪلهن تان لاهي هيٺ ٿي ويهاريائون ۽



Marfat.com

جڏهن وري قيام تي ڪيائون ته امام کي ڪٺي ڪلهن تي ٿي ويهاريائون.“
ان روايت مان حضورﷺ جي جن جي امامہ رضہ سان محبت ظاهر ٿئي ٿي.

حضرت فاطمہ رضہ جي وفات کانپوءِ ۽ سندس وصيت مطابق حضرت علي رضہ امامہ رضہ سان سن 11 هجريءَ ۾ نڪاح ڪيو. حضرت علي رضہ کي هن مان ڪو اولاد ڪونہ ٿيو. حضرت علي رضہ جن پنهنجي آخري پساهن وقت عبدالمطلب جي پڙپوٽي حضرت مغيره رضہ بن نوفل کي وصيت ڪئي تہ هو امامہ رضہ سان شادي ڪري، تنهن ڪري مغيره امامہ سان شادي ڪئي، جنهن مان ڪيس هڪ پٽ يحيٰ ڄائو.

## (2) حضرت رقيہ رضہ:

حضورﷺ جن جڏهن 33 سالن جا هئا تہ رقيہ مڪي ۾ پيدا ٿي، سندس پهريون نڪاح حضورﷺ جن پنهنجي سڳي چاچي ابولهب جي پٽ عتبہ سان ڪرايو پر ابولهب جي چوڻ تي رخصتي کان اڳ عتبہ رقيہ کي طلاق ڏني، جنهن کانپوءِ حضورﷺ جن رقيہ جو نڪاح حضرت عثمان رضہ سان ڪيو ۽ ٻنهي زال ۽ مڙس حبشہ ڏانهن هجرت ڪئي. اتي ئي کين هڪ پٽ عبدالله پيدا ٿيو، جنهن جي ڪري ٻنهي والدين کي ام عبدالله ۽ ابو عبدالله سڏيو ويندو هو. سن 2 هجريءَ ۾ غزوه بدر جي ڏينهن ۾ ڪيس ماتا جي بيماري نڪتي ۽ عين ان ڏينهن وفات ڪيائين، جنهن ڏينهن غزوه بدر ۾ مسلمانن جنگ کٽي هئي. حضرت عثمان رضہ کي حضور جن غزوه بدر ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيو هو ۽ ڪيس رقيہ رضہ جي سار سنڀال لاءِ مديني ڇڏيائون. رقيہ رضہ جي پٽ عبدالله رضہ کي جمادي الاول سن 4 هجريءَ ۾ هڪ ڪڪڙ اک ۾ ٺونگو هنيو، جنهن سان سندس حالت خراب ٿي وئي ۽ وفات ڪيائين.

## (3) ام ڪلثوم رضہ:

جڏهن حضور ﷺ جن 34 سالن جا هئا تہ ام ڪلثوم مڪي ۾ ڄائي. حضورﷺ جن ان جو بہ نڪاح پنهنجي سڳي چاچي ابولهب جي پٽ عتيبہ سان ڪرايو هو، پر عتيبہ پنهنجي پيءُ جي چوڻ تي ام ڪلثوم کي رخصتيءَ کان اڳ ئي طلاق ڏئي ڇڏي. سن 2 هجريءَ ۾ جڏهن حضرت رقيہ وفات ڪئي تہ حضورﷺ جن ام ڪلثو رضہ جو نڪاح عثمان رضہ سان ربيع الاول سن 3 هجريءَ ۾ ڪرايو. سن 9 هجريءَ ۾ مديني ۾ وفات ڪيائين.



Marfat.com

مشڪواه شريف جي باب ”دفن الميت الفصل الثالث“ ۾ آهي تہ:

”حضرت انس رضہ چوي ٿو تہ اسين حضورﷺ جن جي نياڻي اُم ڪلثوم رضہ جي دفنائڻ وقت موجود هئاسين ۽ حضورﷺ جن قبر وٽ ويٺا هئا ۽ مون ڏٺو تہ سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. ام ڪلثوم رضہ کي ڪوبہ اولاد نہ ٿيو.

## (4) حضرت فاطمتہ الزهريٰ رضہ:

جڏهن حضورﷺ جن جي عمر مبارڪ 40 يا بعض روايتن مطابق 41 سال هئي تہ فاطمه رضہ جن جي مڪي ۾ ولادت ٿي. بتول ۽ زهرا سندس لقب هو فاطمتہ رضہ حضورﷺ جن سان عادات ۽ اطوار ۾ سيني کان وڌيڪ مشابہ هئي. سن 2 هجريءَ ۾ حضورﷺ جن سندس نڪاح حضرت علي رضہ سان رمضان جي مهيني ۾ ڪرايو ۽ رخصتي ذوالحج سن 2 هجريءَ ۾ ٿي. حضرت فاطمتہ الزهرا رضہ جي فضائل ۾ حضورﷺ جن جون ڪيتريون ئي روايتون آهن. مشڪوات شريف ۾ ابوداڻود جي حوالي سان باب ”المصافحتہ ۽ المعانقتہ“ ۾ حضرت عائشہ صديقہ رضہ کان روايت آهي تہ:

”حضرت فاطمه رضہ جڏهن بہ حضورﷺ جن وٽ ايندي هئي تہ حضورﷺ جن سندس احترام ۾ اٿي بيهندا هئا ۽ هٿ پڪڙي پيار ڪندا هئا ۽ چُمي ڏيندا هئا ۽ پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا.“

صحيح بخاريءَ ۾ آهي تہ حضورﷺ جن فرمايو تہ: ”فاطمہ منهنجي جسم جو هڪ حصو آهي، جنهن ان کي رنجايو ان مونکي رنجايو.“

فتح الباريءَ شرح بخاريءَ جلد نمبر 2 ص نمبر 347 تي ابن عباس کان روايت آهي تہ، حضورﷺ جن فرمايو تہ: ”جنت جي عورتن ۾ سڀ کان افضل خديجه رضہ، فاطمہ رضہ، عيسيٰ عليہ السلام جي والده مريم بنت عمران ۽ فرعون موسيٰ عليہ السلام جي زال آسيہ بنت مزاحم آهن.“

فاطمہ رضہ جي وفات ٽي رمضان المبارڪ سومر جي ڏينهن سن 11 هجريءَ ۾ ٿي. ڪتاب ”نسب قريش“ للمصعب الزبيري (236 هجري) حضرت علي رضہ جي ان اولاد جو ذڪر صفحي 24۔ 25 تي ڪري ٿو. جيڪو کيس حضرت فاطمتہ الزهرا مان ٿيو. جن ۾:

(1) حسن رضہ، (2) حسين رضہ، (3) محسن رضہ جيڪو صغير سنيءَ ۾ وفات ڪري ويو. (4) ام ڪلثوم رضہ ۽ (5) زينب رضہ



Marfat.com

# سيرت جو مطالعو ڪيئن ڪجي؟

سڪندر علي چنا
ترجمو: آفاق احمد شيخ.

قرآن پاڪ جي ٽيٽينهين سورت احزاب جي آيت نمبر ايڪيهين ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي ته: لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِىْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ "يقيناً توهانجي لاءِ الله جي رسول ۾ چڱو ۽ متوازن نمونو آهي." هيءَ آيت غزوه احزاب جي پس منظر ۾ نازل ٿي آهي پر اصول تفسير مطابق هيءَ آيت هر دور ۽ هر حالت تي لاڳو ڪري سگهجي ٿي. آيت جي عام مفهوم جي لحاظ کان آيت جو مطلب هيءُ آهي ته نه صرف غزوه احزاب بلڪ هر اعتبار کان، محمد رسول الله جي زندگي اسان لاءِ يقيني، چڱو، متوازن ۽ متناسب نمونو آهي، اهڙو طريقو، اهڙو نمونو، اهڙو مثال، جنهن تي هلي ڪري، جنهن تي عمل ڪري، اسانکي يقيني ڪاميابي حاصل ٿيندي.

هن آيت جو جيڪڏهن گهرائيءَ سان مطالعو ڪبو ته هڪ وڏي حقيقت ظاهر ٿيندي. مثلاً: آيت جي شروع ۾ لَقَدجو لفظ آيو آهي. قَد تي لَ وڌائڻ سان تاڪيد وڌي ويندو آهي يعني وڌيڪ يقين سان چئبو آهي. فعل ماضي سان گڏ اچڻ سان تحقيق جي معنيٰ ڏيندو آهي جيئن هتي كَانَ سان گڏآيو آهي. كَانَ فعل ناقص آهي ۽ جڏهن ڪنهن فقري ۾ فاعل سان گڏ فاعل جي صفت به بيان ڪرڻي هوندي آهي ته فقري جي شروع ۾ فعل ناقص آڻبو آهي جيڪو هر دور لاءِ استعمال ٿيندو آهي جيئن مثلاً كَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا "يقيناً/بيشڪ الله عليم ۽ حڪيم آهي." پر ان جو مفهوم اِهو به آهي ته رسول جي زندگي، سندس سيرت ۽ سندس طريقه ڪار اڳ به ڪاميابيءَ جي ضمانت هو، هاڻ به آهي ۽ آئنده به رهندو. پلي انساني زندگي ڪيڏي به ۽ ڪنهن به شعبي ۾



Marfat.com

ڪيتري ٻه ترقي ڪري وئي-هن آيت ۾ ٻيو لفظ اُسْوَةٌ آيوآهي جنهن جو مادو(ROOT )

( ا-س-ي)آهي -جنهن جي معنيٰ آهي غم،اَسِيْتُ عَلَيهِ آءٌ اِنَ تي غمگين ٿيس- رَجُلٌ آس وَ اَسْيَانٌ وَ اَسْوَانٌ غم ڪرڻ وارو ماڻهو. آس يا اَلْآسِیْ = طبيب،معالج، ڏاهو. اِمْرَاءَ ةٌ آسِيَةٌ= غم ڪرڻ واري عورت-آسِيَةٌ= ڦڪيون، دوائون. اَسَّاهُ بِمُصِيْبَةِ تَاسِيَةً = ان جي مصيبت ۾ ڪيس تسلي ڏنائين. فَتَآسَّیٰ پوءِ اُن ڪي تسلي /آٿت ٿي ويو-تنهن جي ڪري اَسّی جي معنيٰ ٿي غم تہ تَاسِيَةٌ جي معنيٰ ٿي غم کي دور ڪرڻ. اَلْاَسْوُ زخم جي دوا ڪرڻ. اَلْاَسّیُ= جنهن جي دوا ڪجي-اَسْوُ دوا دارون ڪرڻ-

اُسْوَةٌ يا اِسْوَةٌ = اها حالت،جنهن تي ڪوشخص ، ڪنهن جي پيروي ڪرڻ وقت هوندو آهي،پوءِ چڱي هجي يا خراب،فرحت بخش هجي يا تڪليف ڏيندڙ-اهو ئي سبب آهي جو هن آيت ۾ اُسْوَةٌ سان گڏ حَسَنَةٌ جو لفظ آيو آهي يعني بهترين طريقو ،نمونو،مثال،نظير جنهن ۾ ڪا ڪمي بيشي نہ هجي،جنهن ۾ ڪا افراط ۽ تفريط نہ هجي،جيڪو متوازن،متناسب۽ قابل تقليد ۽ پيرويءَ لائق هجي، جيڪو هر دور، هر حال ۽ هر شخص لاءِ هڪ جهڙو مثال۽ نمونو هجي،جنهن تي هر قسم جو انسان پوءِ اُهو امير هجي يا غريب،مسلم هجي يا غير مسلم،عمل ڪري ڪاميابي حاصل ڪري سگهي-هن جو ذو معني لفظ قُدْوَةٌ يا قِدْوَةٌ آهي-

اُسْوَةٌ جي ٻي معنيٰ ٿيندي اُها شيءِ،اُهو طريقو،اُهو عمل ،اُهو نمونو،اهو مثال،اُهو نظير جنهن سان ڏکندو ڏور ٿئي،جنهن سان غم غلط ٿين، جنهن سان سُور هليا وڃن،جنهن سان دلين جا زخم،ڦٽ ۽ ناسور ڇُٽي پون-جنهن تي عمل ڪرڻ سان انسان کي تسلي ۽ آٿت ملي، جيڪو ڪاميابي ڏي-اُسْوَةٌ سان گڏ ٻيو لفظ آيو آهي حَسَنَةٌ چڱو ڪم،ڀلائي ،نيڪي،فائدو،متناسب ۽ متوازن،جنهن سان انسان کي راحت ۽ سڪون ملي-جنهن سان خرابيون دور ٿين،جنهن سان فساد ۽ بگاڙ ختم ٿئي ۽ خوشگواري،راحت ۽ سڪون ملي-

مٿي ذڪر ڪيل لغوي بحث مان ثابت ٿيو تہ اسوه حسنه اهو طريقہ زندگي ۽ قابلِ تقليد نمونو آهي جنهن تي عمل ڪرڻ سان ڪاميابي، راحت،سڪون۽ خوشگواري يقيناً حاصل ٿئي ٿي-

محمد رسول الله جن جي زندگيءَ ۾ هر واقعو ۽ حادثو ٿي گذريو،



Marfat.com

جيڪو ڪٿي به. ڪڏهن به ۽ ڪنهن سان به ٿي سگهي ٿو. سيرتِ رسول ﷺ جي مطالعي ڪرڻ جو مقصد ۽ منهاج به اِهو هجڻ گهرجي ته اسان سان جڏهن به اِهو واقعو يا حادثو پيش اچي ته اسانکي پنهنجو عمل اُن طريقي، مثال، نظير ۽ نموني مطابق سر انجام ڏيڻ گهرجي جيئن رسول الله ﷺ جن سر انجام ڏنو.اِهو ئي طريقو فائديمندآهي ۽ اسان لاءِ بهترين نمونو يا اسوه حسنه آهي- حضور ﷺ جن جي زندگيءَ ۾ اسان جي لاءِ هر قسم جو واقعو ۽ نمونو موجود آهي، سيرت جو مطالعو اسانکي ائين ڪرڻ گهرجي جو اسين ڏسون ته جيڪا حالت يا صورت اسانکي درپيش آهي، اِن سان ملندڙ صورت يا واقعو پاڻ ڪريمن ﷺ سان پيش آيو ته پاڻ سڳورن، اُن صورتِ حال کي ڪيئن مُنهن ڏنو ۽ ڪهڙو طريقو اختيار ڪيائون ۽ پوءِ اسان کي ان طريقي مطابق پنهنجو عمل سر انجام ڏيڻ گهرجي ته قرآن جي دعويٰ مطابق يقيناً اسانکي ڪاميابي حاصل ٿيندي-

بد قسمتيءَ سان سيرت جي ڪتابن ۾ ان طريقي سان سيرت جي مطالعي ڪرڻ کي گهڻي ڀاڱي نظرانداز ڪيو ويو آهي- سيرت جي ڪتابن ۾ صرف تقليدي انداز ۾ واقعن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن سان مطالعي ڪندڙ کي عملي زندگيءَ ۾ اسوه حسنه جو ڪو خاص فائدو حاصل نٿو ٿئي- ڇو جو گهڻي ڀاڱي سيرت نگارن، خوش الفاظي ۽ داخليت جي جذبي سان سرشار ٿي ڪتاب لکيا آهن جيڪي عقيدت جي لحاظ کان ته اهم آهن پر عملي اعتبار کان انهن جو فائدو ڪونه ٿو ٿئي- ضرورت اِن ڳالھ جي آهي ته سيرت جي واقعن کي موضوعي يا خارجي نقطهء نگاھ سان ڏسجي ۽ حالتن جي اعتبار کان، انهن واقعن کي عملي زندگيءَ تي لاڳو ڪجي- هيٺ سيرت النبي ﷺ مان ڪجھ مثال بيان ڪجن ٿا جنهن مان معلوم ٿيندو ته سيرت جو مطالعو ڪيئن ڪجي؟:-

(1) صحيح بخاريءَ جي هڪ روايت مطابق اُم المومنين حضرت عائشه صديقه رضه جن فرمايو ته: رسول الله ﷺ جن کي جڏهن به ٻن مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي هوندي هئي ته پاڻ سڳورا ﷺ هميشه آسان طريقي کي چونڊ يندا هئا.(ما خير رسول الله بين امرين الااختار ايسرهما)- اِن مان اهو معلوم ٿيو ته مشڪل ۽ ڏکئي طريقي کي اختيار ڪرڻ غير مسنون عمل آهي ۽ ان جي برعڪس آسان



Marfat.com

طريقو اختيار ڪرڻ اسوه حسنه آهي.

(2) بعثت کان پوءِ حضور ﷺ جن جي تبليغ جو اِهو طريقو هوندو هو ته پاڻ سڳورا ﷺ جن ماڻهن وٽ ويندا هئا ۽ انهن کي چوندا هئا:"چئو ته الله کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق ناهي ته ڪاميابي ماڻيندوءِ." (ايّها النّاس قولوا لآاِله اِلَّا اللّهُ تفلحوا) ان وقت بيت الله ۾ ٽي سوءِ سٺ بت موجود هئا ۽ بيت الله شرڪ جو گڙهه بڻايل هو. جڏهن ته رسول الله ﷺ جن جو مشن توحيد کي قائم ڪرڻ هو. توحيد جي مرڪز ۾ بتن جي موجودگي سندن مشن جي خلاف هئي. پر جيئن ته ان وقت مسلمانن جو تعداد تمام ٿورو هو،تنهن ڪري پاڻ سڳورن ﷺ ، بيت الله ۾ بتن جي موجودگي خلاف ڪو عملي قدم کڻڻ کان پاسو ڪيو ۽ موجود صورتحال کي ڇيڙڻ کان سواءِ صرف توحيد جي نظري تعليم ڏني.ايسيتائين جو سنه اٺ هجريءَ ۾ جڏهن مڪو سندن هٿ تي فتح ٿيو ۽ اسلام کي عددي قوت پڻ حاصل ٿي وئي ته فتح مڪ وقت پاڻ سڳورن ﷺ جن پاڻ پنهنجي سر وڃي بيت الله ۾ رکيل بتن کي پنهنجي هٿن سان ڪيرائي ڀڃي ۽ ڀورا ڀورا ڪرائي بيت الله مان ڪڍي ٻاهر اڇلرايئون.

حضور ﷺ جن جي اِن عمل مان اسانکي اِهو درس ۽ سبق ٿو ملي ۽ اسان لاءِ ان واقعي ۾ اهو نمونو ۽ مثال ٿو ملي ته حالتن مطابق ۽ زميني حقيقتن(Ground Facts)کي تسليم ڪندي ، موجود حالتن کي تسليم ڪرڻ ۽(Status quo) کي برقرار رکڻ ۽ اُن سان هٿ چراند نه ڪندي ، موجود حالتن کي تسليم ڪرڻ ۽ جيڪڏهن موجود وايو منڊل ۾ اسانکي ڪا ڏکيائي پيش ايندي هجي ۽ ان جو ڪو حل به نظر نه ايندو هجي ته موجود حالتن سان ٺاهه ڪري پنهنجو عمل جاري رکڻ ۽ مناسب حالتن ۽ وقت جو انتظار ڪرڻ. جنهنکي انگريزيءَ ۾ اسين ( Wait and see ) چوندا آهيون. ڏکئي وقت ۾ ،حالتن سان ٺاهه ڪري رهڻ نه ڪو بزدلي آهي ۽ نه حالتن کان فرار ۽ نه ئي ان کي اسين جمود يا تعطل چونداسون. بلڪ اِهو هڪ منصوبه بند طريقي ڪار آهي جنهن جا نتيجا هميشه بهتر ۽ ڪاميابي وارا ملندا آهن. حالتن سان ٺاهه ڪرڻ مان هڪڙو فوري فائدو اهو ٿيندو آهي ته انسان ذهني



Marfat.com

پريشانيءَ مان ڇُٽي ويندو آهي ۽ ڪيس پنهنجي طاقت ۽ توانائي غير ڪامياب عمل ۾ ضايع ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ بهتر طريقي سان منصوبہ بندي ڪرڻ ۽ ان مطابق عمل ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي ۽ هو اِن پوزيشن ۾ اچي ويندو آهي جو پنهنجي صلاحيتن ۽ طاقت کي وڃائڻ جي بجاءِ اُنهن کي وڌيڪ اثرائتي ۽ بهتر نموني استعمال ڪري سگهندو آهي۔اِها بزدلي نہ آهي ڇو جو سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ" بنا لشڪر خزاني جي ٿيڻ سلطان مشڪل آ" يعني بنا قوت ۽ طاقت جي غير ضروري ۽ غير منصوبہ بند ٽڪراءَ سان فائدي جي جاءِ تي نقصان ئي پلئہ پوندو آهي۔اِن ڪي پاڻ قرآن جي لفظن ۾ صبر چئي سگهون ٿا.سنڌيءَ ۾ هڪ ٻي چوڻي يا پهاڪو ان طريقي لاءِ ڏاڍو موزون آهي تہ :"جتي پڇي نہ سگهجي اتي ڀڄڻ ڪم وريامن جو."هي پهاڪو صرف مطلب کي واضع ڪرڻ لاءِ آهي ڀڄڻ جو لفظ ان ۾ پوئتي هٽڻ (Retreat) يا حالتن مطابق عمل ڪرڻ آهي۔

اسانجا سيرت نگار پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ تہ اِن اصول تي ڪار بند نظر ايندا پر پنهجن ڪتابن ۾ اجتماعي جهيڙي جي تلقين ڪندي نظر ايندا۔جنهن جي نتيجي ۾ بدقسمتيءَ سان جيڪڏهن حالتون خراب آهن تہ مسلمان ملڪن جون، جتي نہ صرف فرد،جماعتون ۽ حڪومتون انفرادي ۽ اجتماعي حقن جي ڀڃڪڙي ڪن ٿيون بلڪ سندن انفرادي ۽ اجتماعي مزاج جهيڙيڪار ۽ جنگجو يا نہ تي ويو آهي جنهنکي اسلامي جرات جو نالو ڏنو ويو آهي.ان جي نتيجي ۾ مسلمان ملڪن جي حالت ڪنهن کان بہ ڳجهي ڪونهي۔افغانستان ،پاڪستان،ايران ۽ عرب ملڪن ۾ انساني حقن جي خلاف ورزي عروج تي آهي ، اِنهن کي تبليغي ۽ اصلاحي طريقن سان درست ڪري سگهجي ٿو نہ ڪہ بندوق جي زور تي ڇو جو ڏنو وڃي تہ مسلمان ملڪن ۾ ٻڌي آهي ۽ نہ طاقت ۽ نہ ئي اجتمائي فراست ۽ تدبير۔ لهذا اسوه حسنه اِهو آهي تہ حالتن مطابق پنهنجي صلاحيت ۽ طاقت کان ڪم وٺجي ۽ غير ضروري ۽ اجائي ٽڪراءَ کان پاسو ڪجي۔ ان سلسلي ۾ اسانجي مذهبي قيادت سيني کان وڌيڪ قابلِ رحم آهي جيڪي سيرت جي ان پهلو تي عملي زندگيءَ ۾ عمل ڪرڻ کان وانجهيل آهن ۽ ماڻهن کي منجهايو وڃنا



Marfat.com

آهن.

(3) عبدالله بن مسعود رضہ کان مسندِ احمد بن حنبل ۾ هڪ روايت آهي تہ جڏهن اسين غزوه بدرجي لاءِ سفرتي نڪتاسين تہ اسان وٽ سواريءَ لاءِ اٺ تمام ٿورا هئا. تنهن ڪري هڪ اٺ تي ٽي ماڻهو واري واري سان چڙهيا ٿي. حضرت علي رضہ بن ابو طالب ۽ حضرت ابو لبابه رضہ جن بہ حضور ﷺسان هڪ اٺ ۾ شريڪ هئا. جن حضور ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ "اي الله جا رسول ﷺ ! توهان اُٺ تي سوار ٿيو،اسين ٻئي پنڌ ٿا هلون."ان جي جواب ۾ رسول الله ﷺ جن کين فرمايو تہ:توهين ٻئي هلڻ ۾ مونکان وڌيڪ سگها ڪونہ آهيو ۽ آءُ توهان ٻنهي کان اجر جو گهٽ حاجتمندنہآهيان." (مانا تما باقوى على المشى وما انا باغنى عن الاجر منكما)(مسند احمد بن حنبل جلد اول ص 422).

هن واقعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ حضور ﷺ جن جڏهن پنهنجن ساٿين سان گڏ هوندا هئا تہ سندن احساس اُن وقت ڪهڙا هوندا هئا ۽ هڪ نبي ۽ رسول هجڻ جي با وجود بہ پاڻ سڳورا پاڻ کي ٻين انسانن وانگر هڪ انسان ئي سمجهندا هئا. سندن احساس اِهو هوندو هو تہ جيئن ٻين کي اجرءِ ثواب جي ضرورت آهي ائين ئي مونکي بہ آهي ۽ ان لاءِ جيئن ٻين کي عمل ڪرڻ گهرجي ائين مونکي بہ عمل ڪرڻ گهرجي. ان واقعيِ ۾ اسان لاءِ نمونو ۽ مثال اِهو آهي تہ جڏهن اسين ڪنهن اجتماعي خيرجي ڪم ۾ حصو وٺون تہ ان وقت فخر ۽ وڏائي جي احساس کان خالي ٿي ٻين انسانن وانگر عمل ڪريون. بدقسمتيءَ سان مغربي معاشرن جي بر عڪس،مسلمانن جي معاشري ۾ اڃان تائين غلامن ۽ نوڪرن جي هڪ فوج موجود آهي. اسانجا خوشحال ماڻهو فخر ۽ وڏائي ۾ جيئن ٿاءِ پنهنجي هٿ سان ڪو ڪم ڪرڻ عيب سمجهن ٿا.

(4) هڪ دفعي حضورﷺ جن هڪ يهوديءَ جي جنازي جي احترام ۾ اٿي بيٺا جنهن تي ڪنهن اصحابيءَ چيو تہ :"يا رسول الله اهو تہ هڪ يهوديءَ جو جنازو هو؟" اِهو ٻڌي پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ:" ڇا هو هڪ انسان نہ هو!؟"(أليست نفسا) (صحيح بخاري / مسلم /



Marfat.com

احمد- ڪتاب الجنائز).اِن واقعي ۾ اسان لاءِ اِهو نمونو ۽ مثال آهي تہ جهڙيءَ طرح رسول الله جن جي دل ۾ ٻين انسانن لاءِ احترام هو پوءِ اهي يهودي يا ٻئي ڪنهن مذهب جا ئي ڇونہ هجن.اسانکي بہ سندن پيروي ڪندي انهن جو احترام ڪرڻ گهرجي-پر بدقسمتيءَ سان اڄ مسلمانن.اسلام کي.يهودين وانگر، هڪ بين الاقوامي دين ابتڙ قومي دين بنائي ڇڏيو آهي ۽ مسلمانن کان سواءِ ٻين کي پنهنجو دشمن ۽ مخالف قرار ڏيو ويٺا آهن-

(5) سن 6 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن ۽ مڪي جي مشرڪ سردارن جي وچ ۾ هڪ ٺاهہ ٿيو هو جنهن کي "حديبيه جو ٺاهہ/صلح حديبيه" چيو ويجي ٿو.جڏهن حضور ﷺ جن حضرت علي رضہ بن ابو طالب کان لکرائڻ شروع ڪيو تہ هذا ما صالح عليه محمد رسول الله ( سيرتِ ابن ڪثير-جلد 3 ص 330) تہ مشرڪ سردارن ان تي اعتراض ڪندي چيو تہ:"جيڪڏهن اسين توهانکي الله جو رسول مڃيون ها تہ پوءِ جهيڙوڇو ٿئي ها. اسين توهان کي الله جو رسول نٿا مڃيون-تنهنڪري توهين ائين لکرايو تہ هذا ما صالح عليه محمد بن عبد الله-"پاڻ سڳورا جلد ئي ان ڳالهہ تي راضي ٿي ويا-ان واقعي جا تفصيل سيرت ۽ حديثن جي ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا تہ ڪيئن نہ ان ڳالهہ تي وڏا وڏا اصحاب سڳورا ڪاڙجي ويا هئا پر حضور ﷺ جن مشرڪ سردارن جي ڳالهہ مڃي ۽ ٺاهہ ۾ محمد رسول الله جي جاءِ تي محمد بن عبدالله جا لفظ لکرايا-اِن واقعي ۾ اسان لاءِ اِهو مثال ۽ نمونو آهي تہ انسان کي حقيقت جي دنيا ۾ رهڻ گهرجي ۽ صرف عقيدت ۽ ظاهري ۽ وقتي چڙ ڏيارينڌڙ ڳالهين کي برداشت ڪري جذبات کان مٿاهون ٿي سوچڻ گهرجي-حضور ﷺ جن اِهو محسوس ڪري رهيا هئا تہ ڪاغذ جي پنن تي ڀلي محمد بن عبدالله لکجي پر آخر ڪار جيڪا حقيقت غالب ٿي رهندي اُها هيءَ حقيقت هوندي تہ محمد الله جو رسول آهي-

ظاهري طور تي حديبيه جو ٺاهہ سراسر مسلمانن جي خلاف هو ۽ مسلمانن جي ظاهري شڪست جو مظهر هو پر تاريخ ان ڳالهہ تي شاهد آهي تہ اِهو ٺاهہ مسلمانن لاءِ تمام مفيد ثابت ٿيو ۽ ڏهن سالن لاءِ ڪيل ان معاهدي جي وقت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي،مڪي ۽ پوري عربستان جا



Marfat.com

مشرڪ ۽ ڪافر،ڏڙا ڏڙ مسلمان ٿي اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا،ايسيتائين جو ان معاهدي يا ٺاهہ جي ٻن سالن کان پوءِ ٿي يعني سن 8 هجريءَ ۾ حضور ﷺ جن اُن شهر ۾ (مڪہ ۾) هڪ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿي رهيا هئاجنهن ۾ داخل ٿيڻ کان ڪين ٻہ سال اڳ روڪيو ويو ۽ واپس ڪيو ويو- اُهي مڪي جا مشرڪ سردار جيڪي ٻہ سال اڳ ڪين محمد رسول الله ﷺ لکڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ ضد ڪري ان جي جاءِ تي محمد بن عبدالله لکرايو هئائون اُهي اڄ سندن سامهون ڪنڌ جهڪايو، مجبور ۽ لاچار ٿيو بيٺا هئا.ان ٺاهہ کي قرآنِ ڪريم ”فتح مبين“ قرار ڏنو هو جيڪو اُن وقت (سن 6 هجريءَ ۾)ظاهري طورتي شڪست هو.

(6) جيئن هر انسان کي پنهنجي وطن سان محبت هوندي آهي ائين ئي حضور ﷺ جن کي بہ فطري طور پنهنجي وطن مڪي سان محبت هئي ۽ ان محبت جو اظهار پاڻ سڳورن ﷺ جي ان وقت جي عمل مان حد درجي جذبات ۾ ٻڏل نظر اچي ٿو جو جڏهن مڪي جي مشرڪن جي مجبور ڪرڻ تي،مڪي مان هجرت ڪرڻ تي مجبور ٿيا تہ روئي ڏنائون ۽ مڪي شهر کان ٻاهر نڪري ڏانهس آخري الوداعي نظر وجهندي روئندي فرمايائون تہ!”اي مڪہ ! تون مونکي ڏاڍو عزيز آهين-پر چا ڪريان ، تنهنجا فرزند مونکي هتي رهڻ نٿا ڏين.“ هجرت کان پوءِ اٺ سال ڪين مديني ۾ رهڻو پيو-جتي بہ مڪي جي مشرڪن ڪين ۽سندن ساٿين کي سک جو ساهہ کڻڻ نہ ڏنو ۽ مسلسل مٿن حملہ ڪندا رهيا ۽ جنگيون جوٽيندا رهيا تان جو آخر ڪار حديبيه ٺاهہ جي ڪري حالتون مٽيون-

مڪي جي مشرڪن حديبيه جي ٺاهہ جي پيڪڙي ڪندي مسلمانن جي حليف قبيلي بنو خزاعه تي حملو ڪيو ۽ انهن جي ماڻهن کي ماري سندن مال ۽ متاع لٽي فرار ٿي ويا- ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ بنو خزاعه جا چاليهہ ماڻهو عمر بن سالم خزاعيءَ سان گڏ مديني آيا ۽ اچي حضورﷺ جنڪي دانهن ڏنائون تہ مڪي جي مشرڪن ٺاهہ جي پيڪڙي ڪندي اسان جي قبيلي جا 20 ماڻهو ماريا ۽ مال متاع ڦريو آهي-ياد رهي تہ بنو بڪر ۽ بنو خزاعه جي پراڻي وقت کان پاڻ ۾ دشمني هلندڙ هئي-سن 6 هجري ۾ ٺاهہ ٿيو تہ بنو بڪر قبيلو،مشرڪن جي ساٿي طور ٺاهہ ۾ شامل ٿيو ۽ بنو خزاعه مسلمان جي حيثيت ۾ مسلمانن سان ٺاهہ



Marfat.com

۾ شامل ٿيو-تاهم ۾ هڪڙو شرط هي بہ هئو تہ ٻنهي طرفن خلاف ورزي ڪرڻ تي معاهدو ختم سمجهيو ويندو-شعبان سن اٺ هجريءَ ۾ معاهدي جي پڄاڻي ڪندي مڪي جي قريش مشرڪن پنهنجي حليف ۽ ساٿي قبيلي بني بڪر جي مدد ڪئي ۽ مسلمانن جي حليف ۽ ساٿي قبيلي بنو خزاعه تي حملو ڪيو تہ حضور ﷺ جن 10 رمضان سن 8 هجريءَ ۾ ڏهہ هزار جي لشڪر سان مڪي تي حملو ڪيو ۽ مڪو فتح ڪري ورتائون. جنهن شهر مان اٺ سال اڳ هڪ مظلوم جي حيثيت مان نڪتا هئا اڄ اُن شهر ۾ هڪ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿي رهيا هئا پر سندن جيڪا ڪيفيت ۽ انداز هو ان ۾ فخر يا تڪبر يا هٺ يا وڏائي نہ هئي-ان ۾ فاتحانہ انداز نہ هو بلڪ پاڻ سڳورا ﷺ سراپا عجز ۽ نياز هئا-الله جي غير معمولي مدد ۽ نصرت منجهن نوڙت پيدا ڪري ڇڏي هئي- سيرت ابن هشام ۾ آهي تہ پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن مڪي ۾ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿي رهيا هئا تہ ايترو تہ جهڪيل هئا جو سندن ڏاڙهي/ڪاڏي مبارڪ ڪجاوي سان لڳي رهي هئي ۽ جڏهن بيت الله جي دروٽ پهتا تہ فرمايائون:" هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق ڪونهي،ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي،ان پنهنجو وعدو پورو ڪيو،۽ پنهنجي ٻانهي(محمد)جي مدد ڪئي ۽ مخالف گروهن کي شڪست ڏني-(لااِلٰہ الاّ الله وحده، لاشريك له، صدق و عده، و نصر عبده و هزم الاحزاب وحده) (سيرتِ ابنِ هشام)۽ عام معافيءَ جو اعلان ڪيائون- فتح جي موقعن تي ماڻهو جشن ڪندا آهن،دهلن ۽ دمامن سان ملڪن ۾ داخل ٿيندا آهن،روشنيون ۽ چراغان ڪندا آهن،ٺڪاٺڪا ۽ فائرنگ ڪندا آهن ،رقص ۽ ناچ ۽ ٻنگڙا ۽ جهمر هڻندا آهن-پر پيغمبرِ اسلام هن فتح جي واقعي کي الله جي ڪاتي ۾ وجهي پاڻ عاجزي ۽ نوڙت اختيار ڪئي-ان واقعي مان اسان لاءِ نمونو ۽ مثال هيءُ آهي تہ خوشي ، فتح ڪاميابيءَ جي موقعن تي فخر ۽ تڪبر،هٺ ۽ وڏائي جي مظاهرن ڪرڻ جي بجاءِ عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪرڻ گهرجي-پر ڪيڏا نہ عجيب آهن اهي ماڻهو ۽ ڪيڏي نہ عجيب آهي اِها ڳالهہ تہ اُهي ماڻهو جيڪي پنهنجو پاڻ کي سمجهن تہ محب ۽ عاشقِ رسولﷺ ۽ دعويٰ ڪندا هجن اتباع رسول جي، پر جڏهن پنهنجن مخالفن تي قابو پائن ٿا تہ انهن کي اسلام دشمن ۽ انقلاب دشمن قرار ڏئي جيڪو رويو انهن سان اختيار



Marfat.com

ڪن ٿا، سيرت رسول انهن مثالن کان خالي آهي-ماضي قريب ۾ ايران ۽ افغانستان ۾ اسلام جي نالي تي قائم ڪيل حڪومتن پنهنجن مخالفن سان جيڪو سلوڪ ڪيو جيڪي مسلمان به هئا ڇا انهن جي تصديق سيرتِ رسول مان ڪري سگهجي ٿي؟

(7) بعثت کان اڳ جڏهن حضور ﷺ جن جي عمر 35 سال هئي ته مڪي جي قريشن بيت الله جي مرمت ڪرائي-پر جڏهن حجرِ اسود لڳائڻ جو وقت آيو ته پاڻ ۾ وڙهي پيا ته ڪير حجرِ اسود کي ڪٽي پت ۾ لڳائي-هر سردار اها سعادت ماڻڻ لاءِ اڳتي اچڻ لڳو جنهن تي وڙهي تي پيا-نيٺ اِهو طءِ ٿيو ته سڀاڻي صبح جو بيت الله ۾ جيڪو به شخص سڀني کان اڳ ۾ داخل ٿيندو اُهو جيڪو فيصلو ڪندو سو اسان سڀني کي قبول هوندو- ٻئي ڏينهن تي جڏهن ڏٺائون ته پاڻ سڳورا ﷺ سڀني کان اڳ داخل ٿيا آهن ته سڀني گڏجي چيو ته :" هيءُ ته محمد آهي، هيءُ امين آهي ۽ اسين سڀ هن جي فيصلي تي راضي آهيون"(هذا الامين، رضينا هذا محمد) (سيرت ابن هشام)-پاڻ سڳورن مڪي جي قريش سردارن کي چيو ته هڪ چادر کڻي اچو-جڏهن چادر آئي ته پاڻ سڳورن حجرِ اسود کي کڻي اُن چادر تي رکيو ۽ انهن کي چيو ته توهين سڀ چادر جي ڪنڊن کي جهلي مٿي کڻو ۽ ڪعبي جي پت تائين کڻي هلو پوءِ پاڻ سڳورن حجرِ اسود کي کڻي بيت الله جي پت ۾ لڳايو-

حضور ﷺ جن جي هن عمل ۾ اسان لاءِ بهترين نمونو ۽ مثال آهي ته پنهنجن جهيڙن ۽ جهڳڙن کي خوش اسلوبيءَ ۽ سهڻي تدبير سان حل ڪري سگهجي ٿو پر شرط اِهو آهي ته جيڪڏهن ماڻهن کي اهو احساس ڏيارجي ته انهن جي عزت ۽ انهن جو وقار محفوظ رهندو ته مسئلو حل ڪرڻ ۾ ڪا به تڪليف يا دشواري پيش نه ايندي-

(8) مڪي جي قريشن حضور ﷺ جن کي مذمم يعني قابل مذمت چوڻ شروع ڪيو ته پاڻ سڳورن پنهنجن ساٿين کي چيو ته :"ڇا توهانکي ان ڳالهه تي حيرت نٿي ٿئي ته الله تعاليٰ مونکي ڪيئن نه قريشن جي ايذاءَ کان بچائي ورتو آهي-هو گهٽ وڌ ڳالهائن ٿا ۽ مذمت ڪندي هڪ مذمم شخص جي هجو ڪن ٿا جڏهن ته مان محمد يعني تعريف ڪيل يا ساراهيل آهيان.(الا تعجبون لما صرف الله عنى



Marfat.com

من اذى قريش يسبون و يهجون مذمما و انا محمد) سيرت ابن هشام. نہ صرف ايترو پر پاڻ سڳورن کي مجنون ۽ جادوگر تائين چيو ويو. سجدي جي حالت ۾ مٿن گندگي اڇلائي وئي،پٿراءُ ڪيو ويو ۽ طرحين طرحين تڪليفون ڏنيون ويون. بيشڪ اهي سڀ ڳالهيون چڙ ڏيارينڊڙ هيون، پر پاڻ سڳورن خوبصورت جواب ڏئي ان کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. ان واقعي ۾ اسان لاءِ مثال ۽ نمونو هيءُ آهي تہ جاهلن جي اشتعال انگيزي ۽ توهين جو جواب درگذر ڪرڻ ۽ خاموشي آهي نہ ڪو انهن سان وڙهي پنهنجي قوت ۽ توانائيءَ کي ضايع ڪرڻ.

(9) حضورﷺ جن جي مديني ڏانهن هجرت کان اڳ،مديني جا ماڻهو عبدالله بن ابي کي سردار بنائي رهيا هئا پر حضور ﷺ جن جي اچڻ سان ماڻهن اهو ارادو ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ عبدالله بن ابي بہ مسلمان ٿي ويو پر منافقانہ طور تي. ڪيس ساڙ ۽ حسد هيو تہ محمدﷺ جي اچڻ ڪري ڪيس سرداري جو منصب نہ ملي سگهيو. ان حسد جي ڪري هُو هر موقعي تي حضورﷺ جن جي مخالفت ڪندو هو ۽ مسلمانن ۾ انتشار ۽ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ لاءِ حرڪتون ڪندو رهندو هو. ايسيتائين جو ان جي حرڪتن کان تنگ ٿي ڪري هڪ دفعي حضورﷺ جن کي حضرت عمر رضہ عرض ڪيو تہ"مونکي اجازت ڏيو تہ آءُ هن کي قتل ڪريان."حضور ﷺ جن حضرت عمر رضہ کي جواب ۾ چيو تہ "ان کي ڇڏي ڏيو نہ تہ ماڻهو چوندا تہ محمدﷺ پنهنجن ساٿين کي قتل ٿو ڪري."(دعه لا يتحدث النّاس ان محمد يقتل اصحابه)(فتح الباري-جلد 8-ص-520)
ان واقعي مان اسان کي اهو نمونو ۽ مثال ٿو ملي تہ وڏي نقصان يا برائي جي مقابلي ۾ ننڍي برائي ۽ نقصان کي برداشت ڪجي- جيڪڏهن عبدالله بن ابي کي ماريو وڃي ها تہ ان سان نہ صرف اسلام بدنام ٿئي ها بلڪ مسلمانن ۾ پاڻ ۾بہ جنگ پيدا ٿي وڃي ها- ڇو جو عبدالله بن ابي جا بہ ڪافي ساٿي هئا، جيڪا وڏي برائي ۽ نقصان هجي ها ان ڪري حضور ﷺ جن نہ صرف ان کان درگذر فرمايو پر مرڻ کانپوءِ پنهنجي هڪ چادر بہ عبدالله بن ابي جي پٽ کي ڏنائون جيڪا هن ان جي ڪفن مٿان وجهي عبدالله



Marfat.com

بن ابي کي دفن ڪيو.

(10) مڪي ۾ جڏهن مخالفن حضورﷺ جن کي رهڻ نہ ڏنو ايسيتائين جو ڪين قتل ڪرڻ جو بہ منصوبو تيار ڪيائون تہ پاڻ سڳورن پنهنجو مقامِ عمل مڪي کان تبديل ڪري مديني کي بنايو ۽ مديني هجرت ڪري آيا. ان واقعي ۾ اسان لاءِ مثال ۽ نمونو هي آهي تہ ماڻهو ڏسي تہ جيڪڏهن زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي ماڻهو ان نازڪ مقام تي پهچي جو سواءِ برداشت جي ٻي ڪا واٽ نہ هجي تہ ان سان ٽڪراءُ ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجو مقامِ عمل(Place of work) تبديل ڪجي. ائين ڪرڻ سان پنهنجي طاقت ۽ توانائيءَ کي بهتر طريقي سان، مفيد ڪمن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

(11) جمادي الاولي سن 8 هجري ۾ ، حضور ﷺ جن پنهنجي هڪ اصحابي حارث رضہ بن عُمَير اَزديءَ هٿ، هڪ تبليغي خط بُصريٰ جي رومي حڪومت طرفان مقرر ڪيل گورنر ڏانهن موڪليو. جڏهن حارث رضہ مُوتَہ پهتو(مُوتَہ،اردن ۾ بَلقَاء جي قريب هڪ شهرِ آباديءَ جو نالو آهي.)تہ شام جي گورنر شر جيل بن عمر غساني،ڪيس گرفتار ڪري بيدرديءَ سان مارائي ڇڏيو. سفير جو قتل هڪ اشتعال انگيز واقعو هو ۽ رومي حڪومت بہ ان جو ڪو تدارڪ ڪونہ ڪيو تنهن ڪري حضورﷺ جن مُوتہ جي علائقي تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ٽن هزارن جو لشڪر روانو ڪيو. لشڪر جو سپه سالار زيد رضہ بن حارث کي مقرر ڪيو ويو ۽ ڪين چيو ويو تہ جيڪڏهن زيد مارجي وڃي تہ جعفر سپہ سالار ٿيندو. اهو مارجي وڃي تہ عبدالله بن رواحه سپه سالار ٿيندو. جنگ ۾ هڪ ٻئي پٺيان ٽئي سپه سالار شهيد ٿيا تہ لشڪر بعد ۾ خالدرضہ بن وليد کي سپه سالار چونڊيو. هن جنگ ۾ رومي سپاهہ جي لشڪر جو تعداد لک کان بہ وڌيڪ هو. حضرت خالد رضہ پنهنجي تدبر ۽ جنگي حڪمتِ عمليءَ سان لشڪر کي محفوظ ڪري پوئتي هٽيا ۽ مديني واپس پهتا. هن جنگ ۾ صرف 12 مسلمان شهيد ٿيا. جيئن تہ هن جنگ ۾ رومي لشڪر جو تعداد هڪ لک کان بہ وڌيڪ هو ۽ مسلمان ڪل ٽي هزار هئا. تنهن ڪري خالد رضہ جنگ کي غير مفيد سمجهي واپسيءَ جو فيصلو ڪيو ۽



Marfat.com

هو تدبيري پسپائي(Tactical Retreat) جي اصول تي ڪار بند ٿي،اسلامي لشڪر کي مُوتَه کان واپس وٺي مديني پهتو ـ جڏهن خالدرضہ لشڪر سان مديني پهتو تہ مديني جي ماڻهن کين فرار يعني ڀاڄوڪڙ سڏيو۔پر حضور ﷺ جن فرمايو تہ :"هي ڀاڄوڪڙ نہ آهن بلڪ الله چاهيو تہ هي ٻيهر حملو ڪرڻ وارا آهن"(الیسو بالفرار والكنهم الكرار انشاء الله تعالىٰ)۔ان واقعي مان ۽ ان تي حضورﷺ جنجي ڪيل تبصري مان هيءُ نمونو ۽ مثال ملي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ڪم پوءِ اهو جنگ ئي ڇو نہ هجي جيڪڏهن غير مفيد ۽ بي نتيجہ هجي يا ان مان ڪو فاعدو حاصل نہ ٿيندو هجي يا سراسر نقصان تي رهيو هجي تہ صرف جوش ۽ وقار لاءِ وڙهي مرڻ ڪا بهادري ڪونهي بلڪ اهڙن موقعن تي پوئتي هٽڻ ئي بهادري آهي تہ جيئن وري پنهنجي طاقت کي گڏ ڪري ٻيهر قدم کڻجي۔

(12)عام الوفود واري سال طائف مان هڪ قبيلو بنو ثقيف مديني آيو ۽ انهن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ هڪ عجيب شرط رکيو تہ اُهي اسلام تہ قبول ڪندا پر نہ زڪوات ڏيندا ۽ نہ ئي جهاد ڪندا۔ پاڻ سڳورن انهن جا ٻئي شرط قبول ڪري کين اسلام ۾ داخل ڪيو۔ ماڻهن جي مونجهاري کي دور ڪرڻ لاءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن اهي اسلام قبول ڪندا تہ پوءِ پاڻهي زڪوات بہ ڏيندا ۽ جهاد بہ ڪندا۔(يتصدقون و يجاهدون اذا اسلموا) (سيرت ابن ڪثير 56/4)

ان واقعي مان اسان کي اهو نمونو ٿو ملي تہ ڪوبہ معاملو طي ڪرڻ وقت ترت تبديلي تي ضد نہ ڪرڻ کپي ڇو جو ضد سان معاملو ٺهڻ بجاءِ بگڙندو آهي پر جيڪڏهن وسيع القلبي ۽ وسعتِ نظري کان ڪم وٺي رعايت ڪبي تہ گهربل نتيجا نڪرندا۔

آخر ۾ گذارش آهي تہ سيرت جو مطالعو قرآني آيت مطابق "اسوه حسنه" جي پيرويءَ جي اصول مطابق ڪرڻ گهرجي تہ فائدو ٿيندو ورنہ سيرت جي مطالعي مان اصل غذا حاصل نہ ڪري سگهبي.



Marfat.com

# سيرت جو روشن سج
# حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ

عبدالقيوم شاهه

اسلام سراسر سلامتي وارو مذهب آهي، جنهن جا سمورا اصول فطرت مطابق آهن، ان جا مڃيندڙ خدا تعاليٰ جي مخلوق مان بهترين امت سڏرائڻ جو شرف رکن ٿا. جن کي سيني کان ڪامل پيغمبر حضرت محمد ﷺ، معلم اعليٰ عطا ڪيو ويو.

سندن سيرت اهو روشن سج آهي، جنهن جو هر ڪرڻو انسانذات لاءِ مشعل راهه آهي. سندن سيرت جو هر پهلو ڪمال جي حد تائين انساني صفتن سان پريو پيو آهي، سندن ڪامل سيرت جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

### توحيد جو پهريون سبق

ڪنهن جي مسلمان هجڻ لاءِ توحيد جو اقرار پهريون شرط آهي. امت محمدي ﷺ اها خالص امت آهي، جيڪا توحيد جي خالص ۽ پاڪ عقيدي تي يقين رکي ٿي.

سيرت جا سمورا پهلو توحيد جي عقيدي مان ئي جنم وٺن ٿا. حضور ڪريم ﷺ جن بہ تبليغ جي شروعاتي دور ۾ حق ۽ سچ جي ان ئي پهرئين عقيدي جو پرچار ڪيو.

توحيد جا اقراري هڪ ٻئي سان جڙيل رهن ٿا. سندن وچ ۾ توحيد تي يقين جي هڪ جهڙائيءَ سبب پختو تعلق وجود ۾ اچي ٿو. جنهن ڪري هو هڪ ٻئي جي ويجهو ٿين ٿا ۽ سندن وچ ۾ پيار ۽ محبت پيدا ٿئي ٿو. ان سان هو ڪاميابي جي راهن تي گامزن ٿين ٿا.



Marfat.com

## سھڻا اخلاق

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو:

اِنك لعلىٰ خلق عظيم

(اي نبي) بيشڪ تون اخلاقن جي اعليٰ مرتبي تي آهين.

پاڻ ڪريمن ﷺ جن بہ واضح لفظن ۾ پنهنجي بعثت جو مقصد ٻڌايو:

بعثت لاتمم مكارم الاخلاق

”آءٌ سھڻن اخلاقن جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهيان.“

هڪ ٻي حديث شريف ۾ فرمايو ويو، ”مومنن ۾ ڪامل ايمان ان جو آهي، جنهن جا اخلاق سڀ کان بهتر آهن.“

ڏٺو وڃي تہ سمورين عبادتن جو اصل مقصد معاشرتي زندگيءَ ۾ سھڻن اخلاقن جي ئي تڪميل آهي. ڪنهن بہ معاشري جا فرد، تڏهن ئي پنهنجي عبادتن جو اصل روح ماڻي سگهندا آهن، جڏهن انهن عبادتن جو سڌو سنئون اثر سندن اخلاق تي پوي.

دنيا جي هر مذهب ۾ اخلاقَ کي اول درجو حاصل آهي، جتي اخلاق آهي اُتي دين آهي ۽ انهن ٻنهي کي ڪڏهن جدا نہ تو ڪري سگهجي.

اسلام ۾ ايمان کان پوءِ زندگيءَ جهڙي انمول نعمت جو بنياد ئي اخلاق جي آڌار تي رکيو ويو.

اخلاق انسان جو دوست آهي، ان جي اجتماعي ۽ انفرادي مضبوطي هئڻ ڪري، انسان جي زندگي ڪاميابي جو ضامن بڻجي ٿي.

## نبوي نظام حڪومت

حضور ڪريم ﷺ جن دين اسلام جي نفاذ کان پوءِ هڪ بهترين حڪومتي نظام متعارف ڪرايو، جيڪو مڪمل اسلامي اصولن تحت ٺاهيو ويو هيو.

هي نظام حڪومت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري، عدل ۽ انصاف ۽ سچائي جهڙين صفتن کي اوليت ڏئي ٿو. هن نظام تحت حاڪم انصاف جي صفتن سان پرپور هوندو آهي.

هن حڪومتي نظامُ تحت هلندڙ رعايا خدا جي حڪمن جي



Marfat.com

پيرويءَ کان پوءِ ان انصاف ۽ سچائي جي پتلي جي فرمانبرداري ڪري ٿي.
ان سان معاشرو انصاف جي نور سان ٻهڪي پوي ٿو. هن نظام سان عوام هر طرح سان ترقي جي راهُن تي گامزن ٿئي ٿو.

## عدل ۽ انصاف

نبوي نظام حڪومت جو بنياد عدل ۽ انصاف تي رکيل آهي ۽ سمورو اسلامي معاشرو ان ۾ امن سان رهندو آهي ۽ زندگي لاءِ پُرسڪون ماحول پيدا ٿيندو آهي.

حضور ڪريم ﷺ انصاف جي معاملي ۾ تمام سخت هوندا هئا.

هڪ دفعي چوري جي الزام ۾ هڪ عورت جي هٿ وڍڻ جو حڪم فرمايائون ته، ان عورت لاءِ ڪجهه سفارش آئي. پاڻ ﷺ فرمايائون ته، ”خدا جو قسم! ان عورت جي جاءِ تي منهنجي جگر جو ٽڪر فاطمه رضه به هجي ها ته، مان ان لاءِ به ساڳيوئي حڪم ڏيان ها.“

عدل ۽ انصاف جي معاملي ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ ڪڏهن به پنهنجي ۽ پرائي جو فرق روا نه رکندا هئا. هميشه سيني کي هڪ نظر سان ڏسندا هئا.

هن وقت دنيا ۾ ڪيترن ئي قسمن جا نظام آهن، تاريخ شاهد آهي ته، ڪوبه نظام جنگين کي روڪي، مڪمل طرح سان امن پيدا نه ڪري سگهيو. ان جو سبب اهو ئي آهي ته اسين سيرت پاڪ جي سمورين تعليمات کي وساري ويٺا آهيون ۽ محمد ﷺ جي ٻڌايل طريقيڪار کي ڇڏي، فقط پنهنجي سوچ تي نظام لاڳو ڪري ويٺا آهيون.

## اخوت ۽ ڀائيچارو

مديني ڏانهن هجرت کان پوءِ مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ جيڪو اخوت ۽ ڀائيچارو قائم ڪيو ويو، تنهن کي اڄ به دنيا رشڪ ڀري نگاهن سان ڏسي ٿي. اهڙو اخوت ۽ ڀائيچاري جو مثال اڄ تائين دنيا ۾ نه ٿو ملي.

انهيءَ جذبي مسلمانن کي پاڻ ۾ متحد ڪري رکيو ۽ آخر تائين مسلمان هر مصيبت کي سهڻي نموني سان منهن ڏيندا رهيا.

اڄ به وقت آهي، جيڪڏهن اها صفت اسان جي معاشري ۾ پيدا ٿي وڃي ته اسان شيطاني قوتن سان آسانيءَ سان مقابلو ڪري سگهون ٿا ۽ انهن کي نيست و نابود ڪري سگهون ٿا. جنهن معاشري ۾ اخوت ۽ ڀائيچارو هجي، اهو ڪيڏو نه سهڻو هوندو!



Marfat.com

## ملاقات، مزاج پرسي، تعزيت ۽ گفتگو

### و قولوا للناس حسنا

"۽ ماڻهن سان مٺو ڳالهايو."

ڪنهن به مذهب سان تعلق رکندڙ، ڪنهن جي شخصيت معلوم ڪرڻ لاءِ ان جي چال چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي طريقي کي ڏٺو ويندو آهي، حضور ﷺ جن جي پاڪ سيرت سموري دنيا کي ملاقات، گفتگو ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو اهو طريقو ڏنو، جنهن تي عمل ڪري اسان سماجي مسئلا حل ڪري سگهون ٿا.

گفتگو ۽ ڳالهائڻ لاءِ اسان وٽ سيرت جو درس آهي، سيرت طيبه اهو سبق ٻڌائي ٿي ته گفتگو ۾ ڪڏهن به تيز ۽ تلخ لهجو نه رکجي. ڪڏهن به ڪنهن سان ڪوڙ نه ڳالهائجي، ڪنهن جي عزت نفس کي ٺيس نه پهچائجي. سٺي چال چلت نجات جو بهانو آهي ۽ جنت جي بشارت آهي، جو هيءَ سڄي ڪائنات هڪ خدا جي مخلوق آهي ۽ خدا پنهنجي مخلوق سان تمام گهڻو پيار ڪري ٿو، ان ڪري سهڻي چال چلت سان خدا پاڪ راضي رهي ٿو ۽ انسان کي معاف ڪري ٿو ڇڏي.

پاڻ سڳورا ﷺ ڪچهري جا ڪوڏيا هوند هئا، هميشه ڪم جي ڳالهه ڪندا هئا، فضول ڳالهائڻ ۾ پنهنجو وقت برباد نه ڪندا هئا.

### مزاح، سيرت جو هڪ منفرد پهلو

مزاح زندگيءَ جو هڪ اهم جزو آهي، زندگي جي بدمزاجيءَ ۽ بوريت ختم ڪرڻ لاءِ ڪڏهن .ڪڏهن کل ڀوڳ ۽ مزاح اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

حضور ﷺ جن پاڻ به ڪچهري ۾ مزاح پيدا ڪندا هئا، پر اهڙو مزاح جنهن سان ٻئي کي تڪليف نه پهچي ۽ ان جي دل آزاري نه ٿئي.

ڪنهن پوڙهي اصحابڻ کين عرض ڪيو ته، مون لاءِ دعا گهرو ته الله مون کي جنت ۾ جڳهه ڏي. پاڻ ڪريم ﷺ کين فرمايو ته، "پوڙهيون عورتون جنت ۾ داخل نه ٿينديون." اهو ٻڌي اها عورت ڏاڍي غمگين ٿي، ته پاڻ ﷺ کيس فرمايائون ته، "پوڙهيون عورتو ن جوان ٿي پوءِ جنت ۾ داخل ٿينديون."



Marfat.com

ان مان خبر پئي تہ مزاح ائين ڪرڻ کپي، جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري نہ ٿئي.

## اعتدال پسندي

اسين زندگي جو هر شعبو تڏهن ئي راست ڪري سگهون ٿا، جڏهن اهو معتدل هجي، خرچ پکي ۾ فضول خرچي ۽ نہ وري ڪنجوسائپ، گفتگوءَ ۾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ نہ وري صفا خاموشي هجي.

اسان جي مٺڙي نبي سڳوري ﷺ جن امتِ مسلمہ کي معتدل امت ڪوٺيو آهي. يعني اهڙي امت جيڪا ديني توڙي دنياوي معاملي ۾ وچين رستي تي هلي ۽ پنهنجي هر معاملي ۾ اعتدال پسندي جو نمايان مظاهرو ڪري.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فضول خرچ انسان کي شيطان جو ڀاءُ ڪوٺيو آهي ۽ ڪنجوسيءَ کان منع فرمائي آهي. اهڙي ئي طرح اسلام هڪ قسم جو معتدل مذهب آهي، جنهن جا پيروڪار نہ دنيا سان واسطو ڪٽي عبادت ڪن ٿا ۽ نہ وري هن مايا ۽ مادي پرست دنيا ۾ گم ٿي خدا کي وسارين ٿا.

## سخاوت ۽ ايثار جو جذبو

حضور ڪريم ﷺ جن حد درجي جا سخي هوندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن سائل کي خالي هٿين نہ موٽائيندا هئا. گهر ۾ جيڪا شيءِ هوندي هئي سا سائل کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جا تربيت يافتہ صحابہ ڪرام سخاوت ۽ ايثار ۾ هميشہ اڳيرا هوندا هئا. هڪ دفعي جنگ جو موقعو آيو تہ حضرت عمر رضہ جن گهر جو اڌ سامان خدا جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏيو.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جن پنهنجي گهر جو سمورو مال مسلمانن جي فلاح وبهبود لاءِ ڏئي، تاريخ ۾ هڪ عمدو مثال پيش ڪيو.

سيرت طيبہ جو هي پهلو، مسلمانن جي دل ۾ پنهنجي غريب ڀائرن لاءِ ايثار ۽ قرباني جا ڪوڙ سارا سبق سيکاري ٿو. ان محبت ۽ ايثار جي جذبي جي ڪري معاشرو امن ۽ سڪون جو گهوارو بڻجي ٿو ۽ ان ئي جذبي جي ڪري امير ۽ غريب جي وچن جي جڳهہ مساوات ۽ برابري وارا رين ٿيون.



Marfat.com

## شجاعت ۽ بهادري

ايمان ۽ عبادتن کان پوءِ شجاعت ۽ بهادريءَ سان ئي ڪو مرد مومن سچاتو وڃي ٿو. حضور ڪريم ﷺ جن نہ صرف پاڻ بهادر هئا پر سندن جليل القدر صحابہ ڪرام بہ پنهنجو مَٽ پاڻ هئا. انهن خدا کان سواءِ ڪڏهن بہ، ڪنهن کان ڊڄي نہ گذاريو.

خيبر جي جنگ ۾ جڏهن مسلمانن تمام گهڻو زور لڳايو ۽ قلعو فتح نہ ڪري سگهيا تہ حضرت علي ڪرم الله وجہ جن الله جو نالو وٺي ڪافرن کي جهنم رسيد ڪيو ۽ بهادري جو هڪ عمدو مثال پيش ڪيو.

جنگ بدر ۾ حضور ڪريم ﷺ 313 صحابہ ڪرام رضہ جن سان ڪٽي هئي. اها ايمان جي آخري حالت هئي، اها شجاعت ۽ بهادري ان مرد مومن ۾ هوندي آهي، جيڪو صرف ۽ صرف خوف خدا رکندو آهي.

ان جو مثال اسين پنهنجي دور مان بہ ڏئي سگهون ٿا: 1965ع واري جنگ ۾ مسلمانن ارادي جي مضبوطي ۽ ايمان جو جذبو ڏيکاريو دل ۾ ايمان ۽ قرآن جو نور کڻي دشمن جي اڳيان فولاد جي ديوار وانگر بيهي رهيا ۽ دشمن جو نہ صرف مقابلو ڪيو، پر جنگ کٽي، اهو ثابت ڪيو تہ اسلامي تعليمات ۾ ڪيترو دم آهي ۽ ايمان جي قوت ڇا ٿيندي آهي.

حقيقت اها آهي تہ، اسان سيرت طيبہ جي سهڻي طريقي کان منهن موڙي، اهڙي اوڙاهہ ۾ پاڻ کي اڇلايو آهي، جنهن مان صرف قرآن ۽ سنت تي عمل ڪرڻ سان ئي نڪري سگهجي ٿو.



Marfat.com

# ڪلام نبوي ﷺ

## فصاحت ۽ بلاغت جو بي مثال نمونو

### شيخ سليم الرحمان

عربي زبان، پنهنجي فصاحت ۽ بلاغت جي لحاظ کان دنيا جي ٻولين ۾ ممتاز آهي. سندس نزاڪت ۽ ميٺاج لفظي توڙي معنوي، هر لحاظ کان دل کي وڻندڙ ۽ من موهيندڙ آهي. عربي زبان جي سمورين خوبين ۽ سٺاين کي جيڪڏهن يڪجاءِ ڪيو وڃي ته هوند هڪ الڳ مضمون تيار ٿي سگهي ٿو. قرآن مجيد جو عربي ۾نازل ٿيڻ، ان جي اهميت، همہ گيري ۽ وسعت جو واضح دليل آهي ۽ جنهن هستي (حضرت محمد ﷺ) تي قرآن مجيد نازل ڪيو ويو تن جي زبان مبارڪ بہ عربي هئي ۽ ڪين جنهن وڏي قوم ڏي نبي بنائي موڪليو ويو ان جي زبان پڻ عربي هئي. الله تعاليٰ خود فرمايو آهي تہ:

وما ارسلنا من رسول الا بلسان قومه

يعني: ”اهو خدائي قانون رهيو آهي تہ هر نبي کي سندس قوم جي زبان سان موڪليو ويو.“

قرآن مجيد اهڙو معجزو آهي جو ان جو مثال جيڪڏهن ۽ جن ۽ انسان گڏجي ڪوشش ڪن تڏهن بہ نٿا آڻي سگهن. پر ڪلام نبوي جيڪو حضرت محمد ﷺ جو پنهنجو ڪلام آهي، اهو پڻ ايترو فصيح ۽ بليغ آهي جو ان جو مثال هن ڌرتي تي نٿو ملي سگهي! حالانڪ پاڻ سڳورا ﷺ اُمي هئا. قرآن مجيد کان پوءِ جيڪڏهن ڪو ڪلام يا خطاب ڪنهن زبان جي سيني خوبين کي مدنظر رکندي نموني طور آڻي سگهجي ٿو تہ اهو فقط پاڻ سڳورن ﷺ جو ئي ڪلام آهي. ان ڳالهہ جو نہ فقط اعتراف مٿن ايمان آڻيندڙ ڪن ٿا پر سندن دشمن بہ ان کي مڃڻ لاءِ



Marfat.com

مجبور آهن. پاڻ ﷺ نبي بنجي آيا ئي اهڙي قوم ڏي هئا جنهن وٽ ڪمال جي ڪسوٽي، زبان جي بلاغت ۽ فصاحت هئي. عربي جي وڏي ۽ نامور اديب جاحظ جو هي قول ان جو دليل آهي:

والذين بعث فيهم اكثر مايعتمدون عليه البيان واللسان

يعني: "رسول ڪريم ﷺ جن اهڙي قوم ۾ مبعوث ٿيا جنهن وٽ ڪمال جي فصاحت ۽ بلاغت هئي،" پر دنيا شاهد آهي ته ان وقت جي وڏن وڏن شاعرن ۽ خطيبن مان ڪنهن کي به اها جرئت نه ٿي سگهي ته هو حضور ڪريم ﷺ جي ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت جي باري ۾ آڱر کڻي سگهن، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهڙي ڳالهه هجي ها ته هو ضرور پنهنجي محفلن ۾ ان کي دليل طور پيش ڪن ها. سندس دشمن ته ان ڳالهه تي سرگردان رهندا هئا ته سندن ڪا ڪمي يا خامي ڪين نظر اچي وڃي، پر ڪين ڪڏهن به ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي. انهيءَ ڳالهه ۾ به الله تعاليٰ حضور ڪريم ﷺ جن جي حفاظت فرمائي مدد ڪئي.

الله تعاليٰ جي اها روايت رهي آهي ته جنهن دور ۾ جنهن شيءِ جو زور هوندو هو ته ان جي متعلق انبياءِ علهيم السلام کي معجزو عطا ڪيو ويندو هو. حضرت موسيٰ عليه السلام جي دور ۾ جادو جو زور هو ته ڪيس اهي معجزا عطا ڪيا ويا جيڪي جادو جو جواب هئا. يعني پاڻ پنهنجو هٿ بغل ۾وجهي ڪڍندا هئا ته اهو سفيد چمڪندڙ ٿي ويندو هو يا پنهنجي لٺ اڇلائيندا هئا ته هڪ وڏي بلا ٿي ويندي هئي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام کي اعجاز مسيحائي عطا ٿيو جو ان وقت طب ۽ حڪمت جو دور هو. نبي ڪريم ﷺ کي فصاحت ۽ بلاغت سان نوازيو ويو جو ان قوم ۾ان کي ئي ڪمال جو درجو حاصل هو.

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته:

الاء انى اوتيت القرآن و مثله معه

معني: "بڌي ڇڏيو ته مون کي قرآن ۽ ان جو مثل پڻ ڏنو ويو آهي." اهو مثل اهوئي بيان آهي، يعني قرآني حڪمن جي وضاحت ۽ تشريح ڪلام نبوي آهي. ان جي تائيد ۾ الله تعاليٰ جي طرفان هي تاڪيد پڻ ڪيو ويو:



Marfat.com

ما آتاکم الرسول فخذوہ وما نھاکم عنه فانتھوا

يعني: ”جيڪي ڪجھہ رسول الله ﷺ توهان کي ڏئي، ان کي وٺو ۽ جنهن شيءِ کان توهان کي روڪي ان شيءِ کان رڪجي وڃو.“

۽ اهو بيان فقط هڪڙي قسم جو نہ آهي بلڪ پنهنجي موقعي محل ۽ مخاطب جي معيار جي لحاظ کان مختلف آهي. ان ڪري هڪ دفعي اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله! اسان توهان کان وڌيڪ فصيح ۽ بليغ شخص نہ ڏٺو آهي. پاڻ ﷺ فرمايو تہ:

وما يمنعني؟ وانما انزل القرآن بلساني لسان عربي مبين

يعني: ”منهنجي فصاحت ۾ ڪهڙي شيءِ مانع ٿي سگهي ٿي قرآن مجيد منهنجي زبان ۾ نازل ٿيو آهي، اهڙي زبان جيڪا ”لسان عربي مبين“ يعني چٽي عربي زبان آهي.“

هڪ ٻئي موقعي تي پاڻ ﷺ فرمايو تہ:

انا افصح العرب بيداني من قريش و نشات في بني سعد

يعني: ”آئون عربن ۾ سڀ کان وڌيڪ فصيح آهيان، منهنجي ولادت قبيلي قريش ۾ ٿي ۽ بني سعد ۾ مون پرورش پاتي.“

هڪ موقعي تي حضرت ابوبڪر صديق رضہ عرض ڪيو تہ، يا رسول الله! اسان ڏسون ٿا تہ توهان عرب جي سيني قبيلن جا لهجا ۽ انهن جون مقامي ٻوليون سمجهي ٿا وڃو ۽ هر قبيلي سان ان جي لهجي ۾ گفتگو ٿا فرمايو، اهو ادب ۽ علم توهان کي ڪهڙي طرح حاصل ٿيو؟ جواب ڏنائون تہ:

ادبني ربي فاحسن تاديبي

”منهنجي رب مون کي ادب سيکاريو ۽ منهنجي خوب تربيت فرمائي.“

احياءُ العلوم ۾ امام غزالي رحہ نقل ڪيو آهي تہ، حضرت عائشہ صديقہ رضہ الله عنها فرمائي ٿي تہ:

کان لا يسرب الكلام كسره كم هذا. کان نزرا وانتم تنثرون الكلام نثرا

يعني: ”سندن ڪلام ائين نہ هو جيئن توهان گفتگو ڪندا آهيو.



Marfat.com

پاڻ گهٽ ڳالهائيندا هئا، جڏهن تہ توهان پنهنجي ڳالهہ وڌائيندا رهندا آهيو (پکيڙيندا رهندا آهيو)."

پاڻ ﷺ جن هڪ موقعي تي فرمايائون تہ:

انا معشر النبياء بكاءُ

يعني: "اسان نبين جو جٿو ٿورو ڳالهائو هوندو آهي."

پر انهيءَ سان گڏ الله تعاليٰ پاڻ سڳورن کي شيرين ۽ بلند آواز پڻ عطا ڪيو هو، ٻڌندڙ هڪ ڪنو تي سندن خطاب ۾ محو تي ويندو هو ۽ بلند آواز جي ڪري پري پري تائين ويٺل ماڻهو سندن آواز ٻڌي سگهندا هئا. حضرت عائشہ صديقہ فرمائي ٿي تہ هڪ دفعي جمعي جي ڏينهن پاڻ منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ ماڻهن کي چيائون تہ ويهي رهو تہ عبدالله بن رواحہ پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيو، حالانڪ هو ان وقت بنو غنم جي علائقي ۾ هو جيڪو مسجد نبوي کان ڪافي فاصلي تي آهي ۽ اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي واقعا مشهور آهن.

فصاحت ۽ بلاغت جي باري ۾ ۽ فن خطابت جي سلسلي ۾ حضور ڪريم ﷺ جن جا جيڪي اقوال ملن ٿا اهي ان ڳالهہ جا شاهد آهن تہ پاڻ گهٽي ڳالهائڻ کان پاسو ڪندا هئا ۽ هميشہ موقعي ۽ محل جي مناسبت سان گفتگو ڪندا هئا. صحابہ ڪرام رضہ کي ارشاد فرمايائون تہ: "كلموا الناس علي قدر عقولهم" يعني ماڻهن سان سندن عقل جي (سطح) مطابق گفتگو ڪندا ڪريو. فصاحت ۽ بلاغت جي خوبي پاڻ انسانيت جو زيور قرار ڏنائون. حضرت عباس حضور ڪريم ﷺ کان سوال ڪيو تہ يا رسول اُللهَ! حسن ۽ جمال جو دارومدار ڪهڙي شيءِ تي آهي؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ، "زبان تي!"

شعر و شاعري جي متعلق نبي اڪرم ﷺ جن ڪيترن موقعن تي ارشاد فرمايو آهي، جيئن تہ پاڻ شاعر نہ هئا.

قرآن مجيد ۾ پڻ الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ:

وما هو بقول شاعر قليلا ما تومنون ولا بقول كاهن قليلا ما تذكرون

ترجمو: "هي ڪلام مجيد ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي پر توهان مان ٿورا ايمان آڻين ٿا ۽ نہ وري هي ڪنهن ڪاهن جو قول آهي پر توهان



Marfat.com

۾ نصيحت حاصل ڪرڻ وارا گهڻ آهن“ ۾ جاءِ تي ارشاد آهي تہ:

وما علمنا الشعر وما ينبغی له ان هو الا ذكر و قرآن مبين

”اسان کين (پنهنجي رسول کي) شعر سيکاريو ئي نہ آهي ۽ نہ وري اهو سندس شان وٽان آهي. هي تہ فقط ذڪر ۽ قرآن مبين آهي.“

پر پاڻ سڳورن جتي فصاحت ۽ بلاغت جي متعلق فرمايو آهي تہ.
”ان البيان لسحر“ يعني، ڪڏهن خطابت جادو بڻجي ويندي آهي. اتي سندن هي قول بہ موجود آهي تہ ”وان من الشعر لحكمتہ“ يعني ڪڏهن شاعري سراسر حڪمت هوندي آهي.

ڪڏهن خطابت جادو جو اثر ڏيکاري ٿي پر هميشہ نہ. اهڙيءَ طرح شاعري ۾ بہ ڪڏهن حڪمت ۽ ڏاهپ جون ڳالهيون هونديون آهن پر هميشہ نہ هڪ موقعي تي فرمايائون تہ.”الشعر كلام من كلام العرب جزءَ تتكلم بواد بها وتسل بہ الضغائن من بينها“ يعني، شعر عرب جي ڪلام جو هڪ حصو آهي، جيڪو پُرمغز هوندو آهي، عرب ان کي صحرائن ۾ چوندا آهن ۽ ان جي ذريعي دل جي ڪيني کي ڇڪي ڪڍيو ويندو آهي. ڪانئن هي پڻ روايت آهي تہ. فرمايائون:

انما الشعر كلام فمن الكلام خبيث و طيب

شعر بہ هڪ ڪلام آهي، پوءِ ڪلام ۾ ڪو خبيث هوندو آهي ۽ ڪو وري پاڪ.

هڪ ٻئي موقعي تي سندن قول آهي تہ: ”لاتدع العرب الشعر حتي تدع الابل الحنين“ يعني، عرب ان وقت تائين شعر نہ ڇڏيندا جيستائين ڏاچيون پنهنجي ٻچن لاءِ شفقت ۽ چاهہ نہ ڇڏينديون. (مطلب تہ اهي ٻئي ڳالهيون محالُ آهن).

دربار نبوي جو شاعر حضرت حسان بن ثابت انصاري رضي الله عنہ پاڻ سڳورن جي طرفان قريش جي شاعرن کي جواب ڏيندو ۽ پاڻ سڳورن ۽ اهل اسلام جو دفاع ڪندو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن کيس هميشہ دعائن سان نوازيندا هئا ۽ اڪثر ڪري مسجد نبوي ۾ ڪانئس شعر ٻڌندا هئا.

حضرت ابوبڪر صديق رضہ فرمائي ٿو تہ. هڪ دفعي آئون مسجد نبوي ۾ داخل ٿيس تہ پاڻ سڳورا ﷺ حضرت حسان رضہ کان شعر ٻڌي



Marfat.com

رهيا هئا، مون عرض ڪيو "الشعر و قرآن" ڇا شعر بہ ۽ قرآن بہ؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ ڪڏهن هي تہ ڪڏهن هو.

شعر ۾ جيڪڏهن ڪوڙ ۽ گناه جون ڳالهيون نہ هونديون هيون تہ پاڻ سڳورا شاعرن کي نہ صرف عطيات سان نوازيندا هئا، پر ڪين دعائون بہ ڪندا هئا. نابغہ جدي اسلامي دور جو شاعر هو، هڪ دفعي هن قصيدو پڙهيو تہ، پاڻ سڳورا ﷺ سندس شعرن تي داد بہ ڏيندا رهيا ۽ دعا بہ ڪندا رهيا ۽ جڏهن نابغہ هي شعر پڙهيو:

بلغنا السماءَ مجدنا وجدودنا

وانا النرجو فوق ذالڪ مظهرا.

يعني، اسين عزت ۾ آسمان تي پهچي وياسين ۽ اسان کي اڳتي جي پڻ اميد آهي. اهو پڙهي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ، اڳتي ڪٿي جو ارادو آهي؟ تہ نابغہ جواب ڏنو، جنت جو يا رسول الله! پاڻ سڳورن چيو، انشاء الله ۽ جڏهن نابغہ هي شعر پڙهيا:

ولا خير في حلمِ ان لم يکن لہ

بوادر تعميءِ صفره ان يکدرا

ولا خير في جهل ان لم يکن لہ

حليم ان اما اورد الا مرا صدرا

يعني: بردباري ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي جيڪڏهن ان جي صاف ۽ شفاف حوض کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ تدبير ڪرڻ وارا موجود نہ هجن ۽ تيزي ڪم ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي نہ آهي جيڪڏهن اهڙن ماڻهن ۾ ڪو بردبار موجود نہ هجي جيڪو خراب ٿيندڙ صورتحال کي سنڀالڻ وارو هجي.

پاڻ سڳورن ﷺ کيس داد ڏيندي دعا ڪئي تہ "ولا فض الله فالڪ" الله تعاليٰ تنهنجي وات کي نہ ڇيري. حضور ڪريم ﷺ جن جي دعا جو اهو نتيجو هو جو نابغہ هڪ سو ويهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي، سندس ٻٽيهي سلامت رهي ۽ چهري جي رونق ۾ ڪا ڪمي نہ آئي.

اهو پڻ چيو وڃي ٿو تہ، رسول الله ﷺ جن ڪڏهن بہ ڪو شعر هوبهو ان صورت ۾ ادا نہ فرمايو. جڏهن بہ پڙهندا هئا تہ ان کي اڌورو يا اڻ پوري شڪل ۾ پڙهندا هئا. لبيد بن ربيعہ عامري جي هن شِعرِ جي فقط هڪ



Marfat.com

ست "الا كل شيءِ ما خلا الله باطل" پڙهي مڪمل شعر نہ پڙهيو. طرفہ بن العبد جو مشهور شعر:

ستبدي لڪ يام ماكنت جاهلا
وياتيڪ بالاخبار لم تزهو

ان شعر جي پهرين ست صحيح پڙهيائون، پر ٻئي مصرعي جا لفظ اڳ پوءِ ڪري پڙهيا ۽ اهڙيءَ طرح ڪيترائي ٻيا مثال موجود آهن.

هي بہ روايت آهي تہ ٻن الڳ الڳ موقعن تي سندن زبان مبارڪ مان بي ساختہ بحر رجز جا ٻہ شعر ادا ٿيا. مثلن "انا النبي لاكذب. انا ابن عبدالمطلب"

۽ ٻيو هي آهي تہ:

هل انت الا اصبع دميت
و في سبيل الله مالقيت

يعني، تون هڪڙئي آڱر آهين جنهن مان رت وهيو آهي ۽ الله تعالىٰ جي راهہ ۾ اها حالت توکي نصيب ٿي آهي.

هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ پاڻ ﷺ جن جي افصح العرب هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي ۽ ڪين شعر، بحر ۽ وزن جي پوري پوري واقفيت هئي ۽ پاڻ ان ۾ چڱي مهارت رکندا هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن جي فصاحت ۽ بلاغت جو صحيح نمونو پيش ڪرڻ لاءِ هيٺ سندن ڪجهہ اقوال پيش ڪيا وڃن ٿا. جن مان ڪلام جون سموريون خوبيون پنهنجي لطافت ۽ پاڪيزگي تي پاڻ دليل آهن ۽ هر شخص لاءِ سبق آموز پڻ. جيڪڏهن انهن جي تشريح ڪجي تہ هوند ڪيترا دفتر پرجي وڃن.

(1) "خير الامور اوسطها"۔ اعتدال سٺي شيءِ آهي.

(2) "المراء من احب"۔ انسان ان سان گڏ آهي، جنهن کي هو محبوب رکي ٿو.

(3) "ترك الشر صدقه"۔ برائي کي ڇڏي ڏيڻ صدقو آهي.

(4) "سيد القوم خادمهم"۔ قوم جو سردار اهو آهي جيڪو عوام جي خدمت ڪري.

(5) "اتق الله حيث ما كنت"۔ الله تعالىٰ کان ڊڄ جتي بہ هجين.



Marfat.com

(6) "المستشار موتمن"- جنهن کان مشورو ورتو وڃي اهو ان وٽ امانت آهي.

(7) "رحم الله عبدا قال خيرا فغنم اوسکت فسلم"- اللهتعاليٰ ان ٻانهي تي رحم فرمائي جيڪو سٺي ڳالهه ڪري آسودو ٿي ويو يا خاموشي اختيار ڪري سلامت ٿي ويو.

(8) "ذوالوجهين لايکون عبدالله وجيها"- ٻچاپڙو (ٻه منهون) الله تعاليٰ جي ويجهو عزت وارو نه آهي.

(9) "من لا يرحم لا يرحم"- جيڪو (مخلوق تي) رحم نه ٿو ڪري، ان تي رحم نه ڪيو ويندو.

(10) "ليس الخبر کالمعاينه"- ٻڌل ڳالهه، ڏٺل وانگر نه هوندي آهي.

(11) "اسلم تسلم"- اسلام قبول ڪري محفوظ ٿي وڃ.

(12) "الحياء من الايمان"- حياءُ ايمان مان آهي.

(13) "الصبر مفتاح الفرج"- صبر ڪشادگي جي ڪنجي آهي.

(14) "من ضحک ضحک"- ٻي تي کلڻ واري تي دنيا کلندي.

(15) "المرءُ بالقرين"- انسان دوستءَ سان سڃاتو ويندو آهي.

پاڻ ڪريمن جي ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ نمونو سندن اهي خط به آهن، جيڪي پاڻ ڪريم ﷺ جن مختلف ملڪن جي بادشاهن ۽ حاڪمن ڏانهن موڪليا هئا، انهن جو تعداد به ڪافي آهي.



Marfat.com

# انسانِ ڪامل

**فهيم الدين سومرو**

حضورﷺ جن نهايت خاڪسار، ملنسار، مهربان ۽ رحمدل هئا. ڪين نندي خواه وڏي سڀ ڪنهن سان محبت هئي. پاڻﷺ نهايت سخي، فياض ۽ هٿ جا ڪشادا هئا. حضورﷺ ڏاڍا مهمان نواز هئا. ايتري قدر جو وٽن مسلمان، مشرڪ ۽ ڪافر بہ مهمان ٿي ايندا هئا. مطلب تہ وٽن هر قسم جا مهمان ايندا هئا.

حضورﷺ جن يتيمن توڙي غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪندا هئا. حضورﷺ جن نهايت سادي نموني زندگي گذاريندا هئا. حضورﷺ جن ڪنهن بہ شيءِ ۾ ڪوبہ عار نہ سمجهندا هئا. پاڻ سڳورا ﷺ پنهنجو ڪم پاڻ ڪندا هئا، مطلب تہ دنيا جي هر شعبي ۾ حضورﷺ جن جو مثال آهي.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ اصحاب سڳورن رضہ: حضرت عائشہ صديقہ رضہ کان پڇيو تہ ۽ حضورﷺ جن جا اخلاق ڪيئن هئا؟ وراڻيءَ ۾ حضرت عائشہ رضہ جواب ڏنو تہ، "ڇا توهان قرآن مجيد نہ پڙهيو آهي؟" ۽ جيڪي ڪجهہ قرآن ۾ آهي، اهو سڀ حضورﷺ جن جو اخلاق آهي. يعني قرآن پاڪ حضورﷺ جن جي سيرت مبارڪ، هڪ ئي حقيقت جا بہ نالا آهن.

جيئن تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي، "انڪ لعليٰ خلق عظيم" يعني بيشڪ (اي محمدﷺ) تون سٺي اخلاق جي بلند مرتبي تي آهين." سندن غريبن سان هلت چلت اهڙي تہ نموني جي هئي جو انهن کي پنهنجي غربت محسوس نہ ٿيڻ ڏيندا هئا ۽ انهن جي دل کي آٿت ڏيندا هئا.

حضورﷺ جن هميشہ الله تعاليٰ کان هيءَ دعا گهرندا هئا: "اي منهنجا پروردگار! مون کي غريبيءَ ۾ جيار ۽ غريبيءَ ۾ مار!" حضورﷺ جن



Marfat.com

پنهنجي غلامن سان سٺو ۽ سهڻو سلوڪ ڪندا هئا، ايتري قدر جو جيڪو ڪجهه پاڻ کائيندا هئا سو غلامن کي به کارائيندا هئا ۽ جيڪو پاڻ پهريندا هئا، سو غلامن کي به پهرائيندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن تمام گهڻا صابرين هئا ۽ تحمل ڪندڙ هئا. حضور ﷺ جن اسلام جي تبليغ ملڪ عرب کان شروع ڪئي. اتي جا رهاڪو، بتن جي پوڄا ڪندا هئا. سڄي دنيا ۾ ڪفر ۽ بديءَ جو غلبو هو. الله تعاليٰ حضور ﷺ کي ايتري ته قوت ڏني، جو پاڻ ﷺ جن دين جي دشمنن سان اٽل ٿي مقابلو ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ کي مشرڪن ۽ ڪافرن ايذو ته تنگ ڪيو جو دنيا ۾ ايترو ڪنهن ٻئي کي نه ستايو هوندو، مڪي وارن پاڻ سڳورن ﷺ جن سان ٽن سالن تائين بائيڪاٽ ڪيو.

پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن طائف شهر ۾ تبليغ ڪرڻ ويا ته، سندن مٿان پٿر اڇلايا ويا ۽ حضور ﷺ جن کي رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو. ته به حضور ڪريم ﷺ فرمايو: ”اي منهنجا رب! تون انهن کي سمجهه ڏي، ڇو ته هي مون کي نه ٿا سڃاڻن.“ پاڻ سڳورا ﷺ مظلومن جي دانهن ٻڌندا هئا ۽ کين انصاف وٺرائي ڏيندا هئا، هيڻن ۽ ڪمزورن جي مدد ڪندا هئا ۽ بيواهُن جا به مددگار هوندا هئا ۽ انصاف ڪندا هئا. سندن نظرن ۾ امير ۽ غريب هڪ جهڙا هوندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته بني مخزوم قبيلي جي هڪ عورت چوريءَ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪئي وئي. ماڻهن حضرت اسامه رضي الله تعاليٰ عنه کان سفارش ڪرائي. پر حضور ﷺ جن فرمايو ته: ”خدا جو قسم! فاطمه بنتِ محمد به ائين ڪري ها ته ان جو به هٿ وڍيو وڃي ها. اوهان کان اڳيون قومون به ائين ئي تباه ۽ برباد ٿي ويون، انهن مان جيڪو به غريب ماڻهو گناه ڪندو هو ته ان کي سزا ڏيندا هئا. جڏهن ته ڪو امير ماڻهو ڪو گناه ڪندو هو ته ان کي معاف ڪري ڇڏيندا هئا.“

پاڻ ڪريم ﷺ جن سڄي دنيا جي لاءِ رحمت ڪري موڪليا ويا هئا. کين انسان توڙي جانورن سان به ايڏي ته محبت هوندي هئي جو انهن بي زبانن جي مٿان جيڪو به ظلم ڪندو هو ته انهيءَ ظلم کي روڪيندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته: ”هڪ شخص هڪ جهرڪيءَ جي آکيري مان جهرڪيءَ جو ٻچو ڪڍي آيو ۽ اها جهرڪي پريشانيءَ وچان



Marfat.com

لوهون ڏيئي رهي هئي ته حضورﷺ جن پڇيو ته، هن جهرڪيءَ جو ٻچو ڪنهن کنيو آهي؟ جنهن به کنيو آهي ته اهو وڃي رکي اچي. ان تي هڪ شخص جواب ۾ وراڻيو ته، ٻچو مون کنيو آهي، ۽ پوءِ اهو ماڻهو حضورﷺ جن جي چوڻ تي اهو ٻچو آکيري ۾ رکي آيو.

عورت کي اسلام کان اڳ ڪا به حيثيت ڪانه هئي، جڏهن ته حضورﷺ عورت کي حق وٺي ڏنا ۽ عورت کي مرد جيتري حيثيت وٺرائي ڏنائون. حضورﷺ جن صفائي جي باري ۾ فرمايو آهي ته، صفائي نصف ايمان آهي. انهيءَ ڳالهه مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته حضورﷺ جن کي صفائيءَ جو ڪيڏو نه خيال هو ۽ حضورﷺ جن علم لاءِ فرمايو ته: "علم حاصل ڪرڻ هر عورت ۽ مرد تي فرض آهي." فرمايائون ته، "علم حاصل ڪريو، چاهي توهان کي چين وڃڻو پوي."

انهيءَ مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته علم لاءِ اسان جي پيغمبر اسلام حضرت محمدﷺ ڪيترو نه تاڪيد ڪيو آهي. معنيٰ علم اسان لاءِ تمام ضروري آهي. ايتري قدر جو الله تعاليٰ حضورﷺ کي فرمايو ته، "قل رب زدني علما" (اي رسول) "چئو ته اي منهنجا موليٰ! منهنجو علم وڌاءِ" مطلب ته حضورﷺ طرح ڪامل ۽ مڪمل انسان هئا. هن دنيا ۾ سندن جهڙو ڪامل ۽ مثالي انسان نه ڪاٿئن اڳ پيدا ٿيو هو ۽ نه وري آئينده ڪڏهن پيدا ٿيندو.



Marfat.com

# نبوتِ محمديءَ ﷺ جو عقلي ثبوت

مولانا ابوالاعليٰ مودودي
ترجمو: سميرگل خواجه

ڪجھ دير لاءِ جسماني اکيون بوتي تصور جون اکيون کولي ڇڏيو ۽ هڪ هزار چارسئو ويھ سال پوئتي موٽي دنيا جي حالتن تي نظر وجهو. اها ڪهڙي دنيا هئي! انسان ۽ انسان جي وچ ۾ خيالن جي ڏي وٺ جا وسيلا ڪيترا نہ گهٽ هيا! قومن ۽ ملڪن جي وچ ۾ تعلق قائم ڪرڻ جا ذريعا ڪيترا نہ محدود هيا! انسان جي معلومات ڪيڏي نہ گهٽ هئي! سندن خيال ڪيڏا نہ تنگ هيا! مٿس وهم ۽ وحشت جو ڪيڏو نہ غلبو هو! جهالت جي اونداهيءَ ۾ علم جي روشني ڪيڏي نہ ڏنڌلي هئي. دنيا ۾ نہ تار هئي، نہ ٽيليفون، نہ ريڊيو، نہ ريل ۽ نہ ئي هوائي جهاز هيا ۽ نہ ڇاپ خانا ۽ اشاعت خانا هيا. نہ مدرسن ۽ ڪاليجن جي ڪثرت هئي، نہ اخبار ۽ رسالا شايع ٿيندا هيا ۽ نہ ئي ڪتاب ڪثرت سان ڇپجندا هيا. ان زماني جي هڪ عالم جي معلومات بہ ڪن حيثيتن سان اڄ جي هڪ عام ماڻهوءَ کان بہ گهٽ هئي. ان زماني جي هڪ اعليٰ خاندان يا معاشري جو ماڻهو اڄوڪي زماني جي هڪ مزدور کان بہ گهٽ مُهذب هو. ان زماني جو هڪ روشن خيال ماڻهو بہ اڄ جي تاريڪ خيال ماڻهوءَ کان وڌيڪ تاريڪ خيال هو. جيڪي ڳالهيون اڄ هر عام ۽ خاص کي معلوم آهن، ان زماني ۾ سالن جي تلاش ۽ تحقيق کان پوءِ بہ مشڪل سان معلوم ٿي سگهنديون هيون. جيڪي ڳالهيون اڄ روشنيءَ جيان فضا ۾ پکڙيل آهن ۽ هر ٻارکي حواسن ۾ ايندي ئي حاصل ٿي وينديون آهن، انهن لاءِ سوين ميل سفر ڪرڻو پوندو هو، ۽ ڄمارون ان جي جستجو ۾ گذري وينديون هيون. جن ڳالهين کي اڄ وهم ۽ بيڪار سمجهيو ويندو



Marfat.com

آهي، اهي ان زماني ۾ حقيقت هيون، جن لڇڻن کي اڄ غير مهذب ۽ وحشياڻو ليکيو ويندو آهي، اهي ان زماني ۾ عام وهنوار هيون. جن طور طريقن کان اڄ انسان جو ضمير نفرت ڪندو آهي، اهي ان زماني جي اخلاقيات ۾ نه صرف جائز هيا، پر ڪو شخص اهو سوچي به نه سگهندو هو ته ڪو طريقو انهن جي خلاف به ٿي سگهي ٿو. انسان جي عجائب پرستي ته ايتري قدر هئي جو هو ايستائين ڪو سچ، بزرگي يا ڪا پاڪيزگي تسليم ئي نه ڪري سگهندو هو، جيستائين هو فوق الفطرت نه هجي ۽ خلافِ عادت ۽ غير معمولي نه هجي. ايتري قدر جو انسان پنهنجو پاڻکي ايڏو ذليل سمجهندو هو جو ڪنهن انسان جو خدا تائين پهچڻ يا ڪنهن خدا تائين پهتل هستيءَ جو انسان ٿيڻ ان جي تصور جي پهچ کان به ڪافي پري هو.

اهڙي اونداهيءَ واري دور ۾ زمين جو هڪ حصو اهڙو هو جتي اونداهيءَ جو غلبو اڃان به وڌيڪ هو. جيڪي ملڪ ان زماني جي تمدن جي معيار جي لحاظ کان مهذب هئا. انهن لاءِ عرب جو ملڪ سڀ کان الڳ ۽ جدا هو. ان جي آس پاس ايران، روم ۽ مصر جي ملڪن ۾ علوم، فنون، تهذيب ۽ شائستگي جي ڪجهه روشني ملندي هئي، پر واريءَ جي وڏن وڏن سمنڊن انهن کي عرب کان جدا ڪري ڇڏيو هو. عرب واپار ذريعي مهينن جا مهينا سفر ڪري انهن ملڪن ۾ واپار سانگي ويندا هئا ۽ رڳو مال جي ڏي وٺ ڪري واپس موٽي ايندا هئا. علم ۽ تهذيب جي ڪا به لاٽ انهن سان گڏ نه ايندي هئي. انهن جي ملڪ ۾ تعليم جو شعور هو نه علوم ۽ فنو ن لاءِ ڪا دلچسپي هئي. سڄي ملڪ ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا پڙهيل لکيل ماڻهو هئا، پر اهي به ايترا لائق نه هئا جو ان زماني جي علمن ۽ فنن کان واقف هجن. انهن وٽ هڪ اعليٰ مقام رکندڙ زبان ضرور هئي، جيڪا خيالات بيان ڪرڻ جي غيرمعمولي صلاحيت پڻ رکي پئي. انهن وٽ بهترين ادبي مزاج به موجود هو، پر سندن لٽريچر جا جيڪي به آثار اسان تائين پهتا آهن، انهن کي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندن معلومات ڪيتري نه محدود هئي. تهذيب ۽ تمدن ۾ هو ڪيترا نه پست هئا. انهن تي وهم جو ڪيترو نه غلبو هو. انهن جي خيالن ۾ ڪيڏي نه جهالت ۽ وحشت هئي، انهن جا اخلاقي تصورات ڪيڏا نه



Marfat.com

نيچ هئا.

اتي ڪا بہ باقاعدي حڪومت ڪونہ هئي، ڪوبہ ضابطو ۽ قانون نہ هو. هر قبيلو پنهنجي جاءِ تي خودمختيار هو. جنهن تي جنهن جو وس پڄندو هو، تنهن کي ماري چڏيندو هو ۽ سندس مال تي قبضو ڪري ڇڏيندو هو. اها ڳالهہ هڪ عرب بدوءَ جي سمجهہ کان مٿي هئي تہ جيڪو ماڻهو سندس قبيلي جو ناهي تہ پوءِ ڇو نہ کيس ماري ۽ سندس مال تي قابض ٿي وڃي.

انهن ۾ اخلاق ۽ شائستگي جا جيڪي بہ نظريا هئا، اهي نهايت نيچ ۽ ادني هئا. هو پاڪ ۽ صاف، جائز ۽ ناجائز، شائستہ ۽ ناشائستہ جي فرق کان اڻ واقف هئا. سندن زندگي نهايت ابتر هئي. سندن طور طريقا وحشياڻا هئا. زنا، چوري، شراب، رهزني، قتل ۽ غارت گري سندن زندگيءَ جو معمول هو. هو هڪ ٻئي جي سامهون بي تڪلف اگهاڙا ٿي ويندا هئا، سندن عورتون اگهاڙيون ڪعبي جو طواف ڪنديون هيون. هو پنهنجين نياڻين کي پنهجن ئي هٿن سان زنده دفن ڪندا هئا. رڳو ان جاهليت واري خيال تي تہ ڪوبہ سندن نياڻو نہ بڻجي. هو پنهنجي پيءُ جي مرڻ کان پوءِ پنهنجين ماٽيلي مائرن سان نڪاح ڪندا هئا. کين کاڌي، لباس ۽ پاڪائيءَ جا معمولي آداب بہ معلوم ڪين هئا.

مذهب جي باب ۾ هو انهن سڀني جهالتن ۽ ضلالتن ۾ پاڳي پائيوار هئا، جن ۾ ان دور جي دنيا مبتلا هئي. بت پرستي، ارواح پرستي، ڪواڪب پرستي غرض هڪ خدا جي پرستش کان سواءِ دنيا ۾ جيڪي بہ پوڄائون هيون، سي انهن ۾ رائج هيون. اڳين نبين ۽ انهن جي تعليم بابت کين ڪا بہ ڄاڻ ڪونہ هئي. هو ايترو ضرور ڄاڻندا هئا تہ ابراهيم ع ۽ اسماعيل ع سندن پيئر آهن، پر اهو کين ڄاڻندا هئا تہ ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جو دين ڪهڙو هو ۽ هو ڪنهن جي عبادت ڪندا هئا. عاد ۽ ثمود جا قصا بہ منجهن مشهور هئا، پر سندن اهي ڳالهيون جيڪي عرب تاريخدانن لکيون آهن، انهن ۾ توهان کي صالح ع ۽ هود ع جي تعليم جو ڪو نشان بہ ڪونہ ملندو. انهن تائين يهودين ۽ عيسائين جي ذريعي بني اسرائيل جون ڪهاڻيون بہ پهتيون هيون، پر اُهي جنهن صورت ۾ هيون ان جو اندازو رڳو اسرائيلي روايتن تي هڪ نظر وجهڻ



Marfat.com

سان ئي لڳي وڃي ٿو. جيڪي اسلام جي مفسرن پڻ نقل ڪيون آهن. اوهان کي پتو پئجي ويندو ته اهلِ عرب ۽ پاڻ بني اسرائيل جن نبين کان واقف هئا. اهي ڪهڙي قسم جا انسان هئا ۽ نبوت بابت سندن تصور ڪيڏو نه هڪريل هيو.

اهڙي دور ۾، اهڙي ملڪ ۾ هڪ شخص پيدا ٿئي ٿو. ننڍپڻ ۾ ئي ماءُ، پيءُ ۽ ڏاڏي جي چانوَکان محروم ٿي وڃي ٿو. اهڙين حالتن ۾ ان عرب نينگر کي جيڪا ٿوري گهڻي تربيت ملي سگهي ها، کيس نه ملي سگهي. ڪجهه سمجهه سان ٿئي ٿو ته ڳوناٺن ٻارن سان ٻڪريون چارڻ لڳي ٿو. جوان ٿئي ٿو ته واپار ڪرڻ لڳي ٿو. اٿڻ، ويهڻ، ملڻ جلڻ ۽ سڀ ڪجهه انهن ئي عربن سان گڏ اٿس، جن جو حال توهان مٿي پڙهي چڪا آهيو. تعليم جو ڪو نالو نشان ئي نه آهي، ايتري قدر جو پڙهڻ لکڻ به ڪين ڄاڻي، ڪنهن عالم جي صحبت به حاصل نه هيس. ڇاڪاڻ ته عرب ۾ ان وقت ڪنهن به عالم جو وجود ئي ڪونه هو. کيس ڪئي ڀيرا عرب کان ٻاهر وڃڻ جو موقعو ضرور مليو، پر اهو سفر رڳو شام جي علائقي تائين ئي محدود هو.

اهي ساڳيائي تجارتي سفر هئا، جيڪي ان دور جا عرب واپاري قافلا ڪندا هئا. فرض ڪريو جيڪڏهن انهن سفرن دوران هن ڪجهه علم ۽ تهذيب جي آثار جو مشاهدو ڪيو يا ڪنهن عالم سان ملاقات به ڪئي ته پوءِ ظاهر آهي ته اهڙن منتشر مشاهدن ۽ اتفاقي ملاقاتن سان ته ڪنهن انسان جي سيرت ڪونه ٺهي پوندي. ان جو اثر ڪنهن شخص تي ايترو گهرو ته نه ٿو ٿي سگهي جو هو پنهنجي ماحول کان بالڪل آزاد، بالڪل مختلف ۽ ايترو بلند ٿي وڃي جو هن ۾ ۽ سندس ماحول ۾ ڪا به هڪجهڙائي نه رهي. ان سان ڪو اهڙو علم حاصل ٿيڻ ئي ناممڪن آهي، جيڪو هڪ اڻ پڙهيل بدويءَ کي هڪ ملڪ نه بلڪ سموري دنيا جو، هڪ دور جو نه بلڪ سيني دورن جو ليڊر بڻائي ڇڏي. جيڪڏهن ڪٿي هن ٻاهرين ماڻهن کان فائدو ورتو به هجي ته جيڪا معلومات ان وقت دنيا جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي حاصل ڪونه هئي، مذهب، اخلاق، تهذيب ۽ تمدن جا جيڪي تصورات ۽ اصول دنيا ۾ ڪٿي به موجود ئي نه هئا، انساني سيرت جا نمونا تنهن وقت ڪٿي ملندا ئي نه هئا. انهن جي



Marfat.com

حاصل ڪرڻ جو ڪوبہ ذريعو ڪونہ هو.

رڳو عرب جو نہ، پر سموري دنيا جو ماحول اڳيان رکو ۽ ڏسو تہ اهو شخص، جن ماڻهن ۾ پيدا ٿيو، جن ۾ پنهنجو ننڍپڻ گذاريائين، جن سان گڏ نپجي جوان ٿيو، جن سان سندس ميل جول رهيو، جن سان سندس معاملات رهيا، شروعات کان ئي عادات ۽ اخلاق ۾انهن سيني کان مختلف نظر ايندو هو. هو ڪڏهن بہ ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهائي، سندس قوم سندس سچائي جي گواهي ٿي ڏئي، سندس ڪنهن سخت دشمن بہ مٿس ڪڏهن ڪو الزام نہ لڳايو تہ هن فلاڻي هنڌ ڪوڙ ڳالهايو هو. هو ڪنهن سان بہ بدڪلامي نہ ٿو ڪري، ڪنهن بہ سندس زبان مان گاريا ڪا گهٽي ڳالهہ نہ ٻڌي، هو ماڻهن سان هر قسم جا معاملا ڪري ٿو،پر ڪنهن سان بہ سخت ڪلامي ۽ اٽڪڻ جي نوبت نہ آئي. سندس زبان ۾ سختي بدران نرمي ۽ مٺاس آهي. اها بہ اهڙي جو جيڪڏهن ڪوبہ هن سان ملي ٿو تہ سندس پروانو ٿي وڃي ٿو، هو ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ٿو ڪري، سالن جا سال واپار ڪرڻ باوجود ڪنهن جو هڪ پئسو بہ ناجائز طريقي سان نٿو قبائي. جن ماڻهن سان سندس ڪم ڪار پوي ٿو، سي سڀ سندس ايمانداريءَ تي پورو پورو ڀروسو ڪن ٿا. پوري قوم کيس امين سڏي ٿي، ايتري قدر جو دشمن بہ وٽس پنهنجو قيمتي مال امانت طور رکائي ٿو، تہ هو ان جي حفاظت ڪري ٿو. بي حيا ماڻهن ۾هو اهڙو حيادار شخص آهي، جو کيس هوش سنڀالڻ کان پوءِ ڪنهن بہ اگهاڙو نہ ڏٺو. بداخلاقن آڏو هو اهڙو تہ پاڪيزه اخلاق وارو آهي، جو ڪڏهن بہ ڪنهن بدڪاريءَ ۾ نٿو ڦاسي. شراب ۽ جوا کي هٿ بہ نہ ٿو لڳائي. بيڪار ماڻهن ۾هو اهڙو تہ ڪارائتو آهي جو هر بدتميزي ۽ گندگي کان نفرت ٿو ڪري ۽ سندس هر ڪم ۾ سترائيءِ پاڪائي ٿي ملي. سنگدل ماڻهن ۾ هو اهڙو تہ نرم دل آهي، جو هر ڪنهن جي ڏک ۽ سُور ۾ شريڪ ٿو ٿئي. يتيمن ۽ بيواهُن جي مدد ٿو ڪري. ڪنهن کي بہ ڪانئس ڏک نہ ٿو پهچي ۽ هو ٻين جي خاطر ڏکن کي منهن ٿو ڏئي. وحشين جي وچ ۾هو اهڙو تہ صلح پسند آهي جو پنهنجي قوم ۾ فساد ۽ رتوڇاڻ ڏسي کيس اذيت ٿي پهچي. پنهنجي قبيلي جي لڙائين کان پاڻ بچائي ٿو ۽ ٺاهہ جي ڪوشش ۾ اڳ کان اڳرو رهي ٿو.



Marfat.com

بتپرستن جي وچ ۾ هو سليم الفطرت ۽ صحيح العقل آهي جو سواءِ
هڪ الله جي زمين ۽ آسمان ۾ ڪا به شيءِ ڪيس عبادت لائق نه ٿي نظر
اچي. ڪنهن مخلوق آڏو سندس ڪنڌ نه ٿو جهڪي. بتن جي نالي
ٿيل ڪاڌو به قبول نه نٿو ڪري. سندس دل پاڻ مرادو شرڪ ۽ مخلوق
پرستيءَ کان نفرت ڪري ٿي.

اهڙي ماحول ۾ هو ايترو ته اعليٰ مقام رکي ٿو. ڄڻ ڪنهن گهپ
اونداهيءَ ۾ هڪ روشنيءَ جي لاٽ يا پٿرن جي ڪنهن ڍڳ ۾ هڪ هيرو
چمڪي رهيو هجي.

اٽڪل چاليه سالن تائين اهڙي پاڪ، صاف ۽ شريف زندگي گذارڻ
ڪانپوءِ سندس زندگيءَ ۾ هڪ انقلاب شروع ٿئي ٿو. هو ان اونداهيءَ کان
گهبرائجي وڃي ٿو، جيڪا ڪيس هر پاسي کان گهيراءُ ڪندي نظر اچي
ٿي. هو جهالت، بداخلاقي،بدڪاري، بدنظمي، شرڪ ۽ بت پرستي جي
هيبت ناڪ سمنڊ مان نڪرڻ چاهي ٿو. ان ماحول ۾ ڪا به شيءِ ڪيس
پنهنجي طبيعت مطابق نظر نه ٿي اچي. هو سيني کان الڳ آبادي کان پري
وڃي ٻن جبلن جي صحبت ۾ ويهڻ لڳي ٿو. اڪيلائپ ۽ سڪون جي
عالم ۾ ڪئي ڏينهن گذاري ٿو. روزا رکي پنهنجي روح، دل ۽ دماغ
کي وڌيڪ پاڪ ۽ صاف ڪري ٿو. سوچي ٿو، غور ۽ فڪر ڪري ٿو، ڪا
اهڙي لاٽ ڳولهي ٿو جنهن سان هو ان اونداهيءَ کي ختم ڪري سگهي.
اهڙي طاقت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، جنهن سان ان بگڙيل دنيا کي
سنواري سگهي.

اوچتو سندس حالت ۾ هڪ عظيم الشان تبديلي اچي وڃي ٿي.
يڪدم سندس دل ۾ اها روشني اچي وڃي ٿي، جيڪا منجهس پهريان نه
هئي. اوچتو سندس اندر ۾ اها طاقت پرجي وڃي ٿي، جنهن کان هو ان
وقت تائين محروم هو. هو غار جي تنهائي کان نڪري اچي ٿو. پنهنجي
قوم وٽ اچي ٿو، کين سمجهائي ٿو ته اهي بت جن جي اڳيان توهان
جهڪي رهيا آهيو، سڀ بي حقيقت آهن. انهن کي ڇڏي ڏيو. انسان،
ڪو به پٿر، ڪو به ستارو يا ڪو روح ان قابل نه آهي ته توهان انهن جي
اڳيان پنهنجو مٿو جهڪايو ۽ انهن جي بندگي ۽ عبادت ڪريو ۽ انهن
جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪريو. هي سج ۽ تارا، زمين ۽ آسمانن جون



Marfat.com

سموريون شيون هڪ خدا جي مخلوق آهن، اهوئي توهان جو ۽ انهن سڀني شين جو خالق آهي. اهوئي اوهان ۽ انهن سڀني جو پيدا ڪندڙ آهي، جيارڻ وارو آهي. سندس ئي عبادت ڪريو ۽ سندس ئي آڏو مٿو جهڪايو. هيءَ چوري، ڦرلٽ، قتل ۽ غارت گري، ظلم ۽ ڏاڍ ۽ بدفعليون سڀ گناهه آهن، انهن کي ڇڏي ڏيو. خدا انهن کي بنهه پسند نه ٿو فرمائي، سچ ڳالهايو، انصاف ڪريو، نه ڪنهن جي جان جا دشمن بڻجو ۽ نه ڪنهن کان سندس مال کسيو، جيڪو وٺو حق سان وٺو ۽ جيڪو ڏيو حق سان ڏيو. اوهان سڀ انسان آهيو، انسان سڀ برابر آهن، نه ڪو ذلت جي داغ سان پيدا ٿيو آهي ۽ نه ڪو عزت جي تمغي سان هن دنيا ۾ آيو آهي. بزرگي ۽ شرف نسل ۽ نسب ۾ نه آهي، پر رڳو خدا پرستي، نيڪي ۽ پاڪيزگي ۾ آهي.

جيڪو خدا کان ڊڄندو آهي اهوئي اعليٰ درجي جو انسان آهي ۽ جيڪو اهڙو نه آهي، اهو ڪجهه به نه آهي، مرڻ کان پوءِ توهان سڀني کي پنهنجي رب آڏو حاضر ٿيڻو آهي. توهان مان هر شخص پنهنجي اعمال لاءِ خدا جي آڏو جوابدار ٿيندو. ان خدا جي آڏو، جڪو سڀڪجهه ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو. توهان ڪا شيءِ اُن کان لڪائي نه ٿا سگهو. توهان جي زندگيءَ جو سڄو ڪارنامو هن جي آڏو سڀ پيش ٿيندو ۽ ان حقيقي عادل وٽ نه ڪنهن جي سفارش ڪم ايندي، نه رشوت هلندي ۽ نه ئي خاندان پڇيو ويندو. اتي صرف عمل ۽ نيڪيون پڇيون وينديون. جنهن وٽ اهو سامان هوندو، اهو جنت ۾ ويندو ۽ جيڪو انهن کان محروم هوندو، اهو نامراد دوزخ ۾ وڃو ويندو. اهوئي پيغام هو جيڪو ڪٽي هو غارِ حرام مان نڪتو.

جاهل قوم سندس دشمن ٿي پوئي ٿي، ڪيس پٿر هڻي ٿي، هڪ ٻه ڏينهن نه پر لڳاتار تيرهن سال مٿس سخت ظلم ڪري ٿي. ايتري قدر جو کيس ملڪ کان دربدر ڪري ڇڏي ٿي، وري به سندس جان نه ٿي ڇُٽي. جتي هو وڃي پناهه وٺي ٿو، اتي به کيس ستائي ٿي. سڄي عرب کي سندس خلاف ڪري ٿي ۽ پورا اٺ سال سندس خلاف رهي ٿي. هو انهن سڀني مشڪلاتن کي سهي ٿو، پر پنهنجي ڳالهه تان وري به نه ٿو ڦري.

اها قوم سندس دشمن ڇو ٿي؟ ڇا زمين يا دولت جو ڪو جهيڙو



Marfat.com

هو؟ ڇا هو انهن کان ڪا شيءِ گھري رهيو هو؟ نہ، سچي دشمني انڪري هئي تہ هن هڪ خدا جي عبادت، پرهيزگاري ۽ نيڪيءَ جو درس ڇو پئي ڏنو؟ بت پرستي، شرڪ ۽ بدعملي جي خلاف تبليغ ڇو پيو ڪري؟ پڄارين ۽ پروهتن کي ڇو پيو غلط چوي، سردارن جي سرداري ڇو پيو ختم ڪري؟ انسانن ۾ اونچ ۽ نيچ جو فرق ڇو پيو مٽائڻ چاهي؟ قبائلي ۽ نسلي تعصبن کي جهالت ڇو پيو سڏي؟ قديم دورکان جيڪو نظام هلندو پيو اچي، ان کي ڇو پيو ختم ڪرڻ چاهي؟ قوم ڇئيس تي تہ جيڪي ڳالهيون هو ڪري رهيو آهي، سڀ خانداني روايتن ۽ قومي طريقن جي ابتڙ آهن، سو انهن کي ڇڏي ڏي ورنہ اسين تنهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏينداسون.

پوءِ پيلا! ان شخص اهي تڪليفون ڇو سَٺيون؟ قوم ڪيس بادشاهي ڏيڻ لاءِ تيار هئي، دولت جا ڍڳ سندس قدمن ۾ رکڻ لاءِ تيار هئي، پر ان شرط سان تہ هو پنهنجي تعليم کان مڙي وڃي. پر هن انهن سيني کي ٺڪرائي ڇڏيو. پنهنجي تعليم پهچائڻ لاءِ پٿر کائڻ ۽ ظلم سهڻ کي قبول ڪيو. آخر ڇو؟ ڇا هن جي خداپرست ۽ نيڪوڪار بڻجڻ ۾ سندس ڪو ذاتي فائدو هو؟ ڇا ڪوبہ اهڙو فائدو هو جنهن آڏو رياست، امارت، دولت ۽ عيش سڀ ڪا قيمت نہ پيا رکن؟ ڇا ڪوبہ اهڙو فائدو هو، جنهن لاءِ ڪوبہ شخص لڳاتار 21 سالن تائين سخت کان سخت جسماني ۽ روحاني تڪليفن ۾ ڦاسڻ پسند ڪري سگهيو ٿي. غور ڪريو، ڇا نيڪ نفسي، ايثار ۽ بني نوع انسان لاءِ همدردي جو ان کان وڌو ڪو مرتبو اسان جي خواب ۽ خيال ۾ بہ اچي سگهي ٿو تہ هڪ شخص پنهنجي مفاد خاطر نہ پر ٻين جي ڀلائيءَ خاطر ايتريون تڪليفون سهي؟ ۽ جن جي ڀلائي لاءِ هو تڪليفون سهي اهي ئي کيس پٿر هڻن. ٻي گھر کن ۽ کيس سکيو نہ ڇڏين ۽ انهن سيني ڳالهين جي باوجود هو پنهنجي تبليغ کان پوئتي نہ هٽي!

وري ڏيان ڏيو! ڇا ڪوبہ ڪوڙو شخص ڪنهن بي اصل ڳالھ لاءِ ايڏيون تڪليفون سهندو؟ ڇا ڪوبہ هترادو ڳالهيون ٺاهيندڙ انسان رڳو شڪ ۽ قياس جي بنياد تي پنهنجي ڳالهين تي ايترو قائم رهندو جو سندس لاءِ زمين بہ تنگ ٿي وڃي، سڄو ملڪ سندس خلاف ٿي وڃي،



Marfat.com

وڏيون وڏيون فوجون مٿس حملو ڪرڻ اچن، پر پوءِ بہ هو پنهنجي ڳالهين تي ثابت قدم رهي. اهڙي استقامت، اهڙو عزم سندس سچائي جي چٽي ثابتي آهي. جيڪڏهن سندس دل ۾ ذري برابر بہ شڪ ۽ شبهو هجي ها تہ لڳاتار ايڪويهہ سالن جي مصيبتن جي طوفان ڪي منهن نہ ڏئي ها.

اهو تہ ان شخص جي انقلاب جو هڪ پاسو هو. ٻيو پاسو ان کان بہ وڌيڪ حيرت جوڳو آهي.

چاليهہ سالن تائين هو هڪ عرب هو، عام عربن وانگر. ان دوران ڪيس ڪنهن بہ هڪ خطيب يا جادو بيان مقرر جيان نہ ڏٺو. ڪنهن بہ ڪيس حڪمت ۽ دانائي جون ڳالهيون ڪندي ڪين ٻڌو. ڪنهن بہ ڪيس الاهيات، فلسفي، اخلاق، قانون، عمرانيات ۽ سياسي ۽ معاشي مسئلن تي بحث ڪندي نہ ڏٺو. ڪنهن بہ هن کان خدا، ملائڪن، آسماني ڪتابن، اخلاق، اڳين نبين، قيامت، موت کانپوءِ واري حياتي ۽ جنت ۽ دوزخ بابت نہ ٻڌو. هو پاڪ اخلاق، سهڻي عادت ۽ طريقو، بهترين سيرت تہ ضرور رکندڙ هو، پر ماڻهو کيس هڪ خاموش، امن پسند ۽ نهايت شريف انسان جي حيثيت سان سڃاڻندا هئا. ان کان پوءِ چاليهہ سالن جي عرصي کانپوءِ هو هڪ نئين روپ ۾ غار حرا مان نڪتو.

هاڻي هو هڪ حيرت جوڳو ڪلام ٻڌائي ٿو، ان ڪلام جي تاثير ايتري تہ هئي جو ويري دشمن بہ ان جي تاثير جي ڪري ٻڌڻ کان ڪيٻائيندا هئا. هن جي فصاحت، بلاغت ۽ بيان جو انداز اهڙو تہ هو جو سموري عرب جي وڏن شاعرن ۽ خطيبن لاءِ هڪ چئلينج ٿي پيو ۽ وري وري ان چيلينج کي ورجايو ويو تہ ان جهڙي ڪا هڪ سورت ٺاهي ڏيکاريو. پر ڪوبہ جرائت نہ ڪري سگهيو. اهڙو بي مثال ڪلام ڪڏهن اهل عرب ٻڌو ئي نہ هو.

هاڻي هڪدم اهو هڪ لاجواب حڪيم، بي مثال اخلاق ۽ تمدن کي سنوارينڌڙ، هڪ حيرت جوڳو ماهرِ سياست ۽ هڪ اعليٰ درجي جو سياستدان ۽ سپاهي ٿي اڀريو. هيءُ ريگستان جو رهواسي هاڻي اهڙيون تہ عقل ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون شروع ڪرڻ لڳو، جيڪي هن کان اڳ نہ تہ ڪنهن چيون ۽ نہ ئي ڪو چئي سگهيو. هو اُمي هجڻ باوجود عظيم الشان خدائي مسئلن تي تقريرون ڪرڻ لڳو. اخلاق، تهذيب ۽ نرم دليءَ



Marfat.com

جو درس ڏيڻ لڳو. قومن جي تاريخ کان وٺي اڳين امتن جي عروج ۽ زوال تي تقريرون ڪرڻ لڳو ۽ وري دنيا جي ٻين مذهبن تي تنقيد ۽ قومن جي اختلافن جو پڻ فيصلو ڪرڻ لڳو.

هن معاشرت، معيشت، اجتماعي معاملات ۽ بين الاقوامي تعلقات بابت قانون ٺاهڻ شروع ڪيا ۽ اهڙا قانون ٺاهيا جو وڏا وڏا عالم وڏي غور و فڪر ۽ سڄي ڄمار جي مشاهدن کان پوءِ به مشڪل سان انهن جي گهرائيءَ کي پروڙي سگهندا.

هو خاموش، پرامن سوداگر جنهن سڄي ڄمار ڪڏهن به تلوار نه هلائي هئي، ڪڏهن ڪا فوجي تربيت نه حاصل ڪئي هئي، ايتري قدر جو هڪ لڙائيءَ ۾ محض هڪ تماشائي جي حيثيت سان شريڪ ٿيو هو. ڏسندي ئي ڏسندي هو هڪ اهڙو بهادر سپاهي بڻجي ويو، جنهن جو قدم سخت کان سخت معرڪن ۾ به پنهنجي جاءِ کان هڪ انچ به نه هٽيو. اهڙو ته زبردست جرنيل ٿي اڀريو جنهن صرف نون سالن اندر سڄي عرب کي فتح ڪري ڇڏيو. اهڙو حيرت جوڳو فوجي ليڊر بڻجي ويو جو سندس جوڙيل فوجي تنظيم ۽ جنگي روح جي تاثير ڪري بي سر و سامان عربن ڪجهه ئي سالن ۾ دنيا جي ٻن عظيم الشان فوجي طاقتن کي مسمار ڪري ڇڏيو.

هو تنهائي پسند، سڪون پسند انسان، جنهن ۾ ڪنهن کي چاليهه سالن تائين سياسي دلچسپي جي نشاني نه ملي هئي، اوچتو هڪ زبردست مصلح ۽ مدبر ٿي اڀريو جو ٽيويهه سالن ۾ هن ٻارنهن لک چورس ميل پکڙيل ريگستان جي جنگجو، جاهل، سرڪش ۽ بي تهذيب ۽ سدائين هڪ ٻئي سان وڙهندڙ قبيلن کي بنا ڪنهن ريل، تار، ريڊيو ۽ ريپن جي مدد جي، هڪ تهذيب، هڪ مذهب، هڪ قانون ۽ هڪ جهڙي حڪومت جي قانون جو تابع بڻائي ڇڏيو. هن انهن جا خيال مٽائي ڇڏيا. سندن اخلاق بدلائي ڇڏيو، سندن ناشائستگي کي اعليٰ درجي جي شائستگي، سندن وحشت کي بهترين مدنيت، سندن بدڪاري ۽ بداخلاقيءَ کي اصلاح ۽ تقويٰ ۽ سندن سرڪشي کي فرمانبرداري جي قانون جو پابند بڻائي ڇڏيو. اها محروم قوم جنهن وٽ صدين کان ڪنهن معتبر انسان جو جنم نه ٿيو هو، اتي هزارن جي تعداد ۾ اهڙا ته سپوت



Marfat.com

پيدا ٿيا جيڪا دنيا کي اخلاق ۽ تهذيب جو درس ڏيڻ لاءِ دنيا جي چئني ڪنڊن ۾ پکڙجي ويا.

اهو ڪم هن ظلم، جبر ۽ ڌوڪي بازيءَ سان نه ڪيو پر دليون کٽيندڙ اخلاق ۽ روح کي تسڪين پهچائيندڙ شرافت ۽ دماغ تي اثر وجهندڙ تعليم سان سرانجام ڏنو. هن پنهنجي اخلاق سان دشمنن کي دوست بڻايو ۽ دماغ تي اثر وجهندڙ تعليم سان سرانجام ڏنو. هن پنهنجي اخلاق سان دشمنن کي دوست بڻايو ۽ رحم ۽ شفقت سان دلين کي ميڻ وانگر نرم ڪري ڇڏيو. عدل ۽ انصاف سان حڪومت ڪئي، حق ۽ صداقت کان ڪڏهن به منهن نه موڙيو. جنگ ۾ به ڪنهن سان وعده خلافي يا دغابازي نه ڪئي.

پنهنجي بدترين دشمن تي به ظلم نه ڪيو. جن مٿس پٿر اڇلايا، وطن مان ڪڍيو، سندس خلاف پوري عرب کي ڀڙڪايو ايتري قدر جو دشمنيءَ جي جوش ۾ سندس چاچي جو جيرو به چٻاڙيو، پاڻ تن کي به بخشي ڇڏيو. پنهنجي مفاد لاءِ ڪڏهن به ڪنهن کان بدلو نه ورتائين.

انهن سيني ڳالهين مان سندس نفس تي ضابطي جي خبر پوي ٿي، سندس بي نفسي جو ته حال اهوهو جو جڏهن هو سڄي ملڪ جو بادشاهه ٿي ويو ته تڏهن به ساڳيو فقير ئي رهيو. ڪکائن گهر ۾ رهندو هو، ٻوريءَ تي سمهندو هو. سادو پهريندو هو، سادي غذا کائيندو هو، بک ڪاٽيندو هو، راتين جون راتيون پنهجي خدا جي عبادت ۾ بيهندو هو. غريبن ۽ مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهن جي مدد ڪندو هو. هڪ مزدور وانگر ڪم ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪين ڪيٻائيندو هو. آخري وقت تائين منجهس شاهاڻه نٺ ٺانگرَ ۽ وڏن ماڻهن جيان تڪبر جي بوءِ به پيدا نه ٿي سگهي. هو عام ماڻهوءَ وانگر هيڻن سان ملندو هو، سندن ڏکن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ عوام ۾ ايئن وهندو هو جو ڪنهن اجنبي کي اهو سڃاڻڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي ته هن محفل ۾ قوم جو سردار، ملڪ جو بادشاهه ڪير آهي؟ ايڏو عظيم شخص هجڻ باوجود ننڍن ننڍن ماڻهن سان ائين ورتاءُ ڪندو هو، ڄڻ انهن جهڙو انسان هجي. سڄي عمر جي جدوجهد ۾ هن پنهنجي ذات لاءِ ڪجهه به نه ورتو. پنهنجي پوئلڳن تي پنهنجا يا پنهنجي اولاد جا ڪي به حق لاڳو نه ڪيا. ايتري قدر جو پنهنجي اولاد کي زڪوات وٺڻ جي حق



Marfat.com

کان بہ محروم رکيو. ان خوف منجهان تہ کٿي اڳتي هلي سندس پوئلڳ سچي زڪوات سندس اولاد کي ٿي نہ ڏئي ڇڏين.

اڃان هن عظيم انسان جي ڪمالن جي فهرست ختم نہ ٿي آهي هن جي مرتبي جو صحيح اندازو لڳائڻ لاءِ اوهان کي گڏجي دنيا جي تاريخ تي هڪ نظر وجهڻ گهرجي. توهان کي خبر پوندي تہ عرب جي بيابان جو هي اڻ پڙهيل رهاڪو، جيڪو اتي چوڏهن سئو سال اڳ پيدا ٿيو هو، دراصل جديد دور جو باني ۽ سچي دنيا جو ليڊر آهي. هو نہ رڳو ڪيس مڃڻ وارن جو پر ڪيس نہ مڃڻ وارڻ جو پڻ ليڊر آهي. انهن کي ان ڳالهہ جي بہ خبر نہ آهي تہ جنهن جي خلاف هو ڳالهائي رهيا آهن، ان جي رهنمائي ڪهڙيءَ طرح انهن جي خيالن، زندگي گذارڻ جي اصولن ۽ قانونن جي عمل ۾ ۽ سندن جديد دور جي روح ۾ سمائجي ويئي آهي.

هي اهوئي شخص آهي، جنهن دنيا جي نظرين جو رخ عجائب پرستي ۽ رهبانيت کان موڙي عقليت، حقيقت پسندي ۽ تقويٰ واري دنيا ڏانهن ڦيرائي ڇڏيو.

هن خدائي جا آثار ڳوليندڙن جون اکيون کوليون ۽ کين آثارِ فطرت (Natural Phenomenon) ۾ خدا جون نشانيون ڏسڻ جي قابل بڻايو. هن خيالي گهوڙا ڊوڙائيندڙن کي قياس آرائي (Spectulation) کان موڙي عقل، فڪر، مشاهدي ۽ تحقيق جي رستي تي آندو. هن ئي عقل، حواس ۽ وجدان جون امتيازي حدون انسان کي ٻڌايون.ماديت ۽ روحانيت ۾ مناسبت پيدا ڪئي. دين جو علم سان ۽ عمل جو دين سان رابطو قائم ڪيو. مذهب جي طاقت سان دنيا ۾ سائنسي جذبي سان صحيح مذهبيت پيدا ڪئي. شرڪ ۽ مخلوق پرستي جي بنيادن کي پٽي، علم جي طاقت سان توحيد جي عقيدي کي اهڙي تہ مضبوطيءَ سان قائم ڪيو، جو مشرڪن ۽ بت پرستن بنيادي نظرين کي بدلايو. جيڪي ماڻهو ترڪِ دنيا ۽ نفس ڪشي کي اخلاق سمجهندا هئا، جن لاءِ نفس ۽ جسم جي حق ادا ڪرڻ ۽ دنياوي زُندگي جي معاملن ۾ حصو وٺڻ سان روحاني ترقي ۽ ڇوٽڪارو ممڪن ئي نہ هو تن کي تمدن، سماج ۽ دنياوي عمل ۾ اخلاق جي فضيلت، روحاني ارتقاء ۽ نجات جو رستو ڏيکاريو. وري اهو ئي آهي جنهن انسان کي سندس اصل قدر ۽ قيمت کان آگاهہ



Marfat.com

ڪيو. جيڪي ماڻهو ڀڳوان، اوتار ۽ ابن الله کان علاوه ڪنهن کي به هادي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا، انهن کي به هن ئي ٻڌايو ته انسان ۽ اوهان جهڙوئي انسان آسماني بادشاهت جو نمائندو ۽ خدا جو خليفو ٿي سگهي ٿو. جيڪي ماڻهو هر طاقتور انسان کي پنهنجو خليفو ٿاهيندا هئا، انهن کي به هن ئي سمجهايو ته انسان سواءِ انسان هجڻ جي ڪجهه به نه آهي. نه ڪوئي شخص تقدس، آقائي ۽ حڪمراني جو پيدائشي حق کڻي آيو آهي ۽ نه ئي ڪنهن تي ناپاڪي، محڪوميت ۽ غلامي جو داغ آهي. سندس تعليمات دنيا ۾ وحدتِ انساني ۽ مساوات، جمهوريت ۽ آزادي جا خيال اجاگر ڪيا.

پنهنجي تصور جي دنيا کان ٻاهر نڪري ڏسو ته اوهان کي هن اڻ پڙهيل جي اڳواٽيءَ جا عملي نتيجا، دنيا جي قاعدي قانون ۽ مختلف معاملن ۾ ايتري ته ڪثرت سان نظر ايندا جو هنن کي ڳڻڻ ڏکيو ٿي پوندو. اخلاق، تهذيب، نفاست، طهارت جا ڪيترائي اصول آهن، جيڪي سندس تعليم وسيلي سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا آهن. معاشرت جا جيڪي قاعدا قانون هن ڏنا، تن جو ڪيڏو نه بهترين آڏرپاءَ ڪيو ويو. معاشيات جا جيڪي اصول هُن سيکاريا تن سان دنيا ۾ ڪيترين نه تحريڪون پيدا ٿيون ۽ اڃا تائين پيدا ٿين پيون. حڪومت جا جيڪي طريقا هن اختيار ڪيا تن سان دنيا جي سياسي نظرين ۾ ڪيڏو نه انقلاب پيدا ٿيو آهي. انهن دنيا جي عدالتي قانوني فڪرن کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. جنگ، صلح ۽ بين الاقوامي تهذيب جي جيڪا دنيا هن شخص قائم ڪئي، هيءُ اُهو ئي هو، نه ته دنيا اڳ ان ڳالهه کان ناواقف هئي ته جنگ جي به ڪا تهذيب ٿي سگهي ٿي ۽ مختلف قومن ۾ مشترڪ انسانيت جي بنياد تي به معاملا ٿي سگهن ٿا.

انساني تاريخ ۾ان حيرت جوڳي انسان جو مرتبو ايڏو بلند ڏسجي ٿو جو اڃ تائين تمام عظيم انسانن ۾ جن کي دنيا پنهنجي وڏن Heroes ۾ شمار ڪندي آهي، جڏهن سندن مقابلي ۾ ڏسجن ٿا ته بالڪل ڇڙ ته اڻپورا لڳن ٿا. دنيا جي انهن اڪابرن ۾ ڪو هڪ به اهڙو نه آهي جيڪو هڪ يا ٻن کان وڌيڪ شعبن ۾ ڪمال رکندو هجي، ڪوئي نظرين جو بادشاهه آهي، پر ڪيس عملي قوت نه آهي، ڪوئي عمل جو پتلو آهي ته



Marfat.com

وري فڪر ۾ ڪمزور آهي، ڪوئي سياسي تدبير ۾ پڙ آهي ته ڪوئي رڳو فوجي ذهانت جو پارکو آهي. ڪنهن ڪنهن جي نظر اجتماعي زندگي جي سيني پهلوئن تي آهي ته انفرادي زندگي جو هڪ به پهلو نه ٿو سمجهي سگهي. ڪنهن اخلاق ۽ روحانيت کي ورتو ته ڪنهن معيشت ۽ سياست کي وساري ڇڏيو.

مطلب ته تاريخ ۾ هر طرف اسان کي هڪ طرفه ماهر ۽ هيرو نظر ايندا. پر رڳو اهوئي هڪ اڪيلو شخص آهي، جيڪو سيني ڪمالن جو خزانو آهي. هو هڪ فلسفي به آهي ته هڪ حڪيم به آهي، خود پنهنجي فلسفي کي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ وارو آهي ته سياسي مدبر به آهي، فوجي ليڊر به ته قانوندان به آهي. سندس نظر اِنساني زندگي جي هر ننڍي توڙي وڏي هرهڪ پهلوءَ تي پوي ٿي. کائڻ پيئڻ جي آداب ۽ جسم جي صفائي کان وٺي بين الاقوامي تعلقات تائين هر ڳالهه بابت سندس احڪام ۽ هدايتون آهن.

هن پنهنجي نظرين سان هڪ مضبوط تهذيب Civilization جو بنياد رکيو ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اهڙو ته صحيح توازن Equilli-brium قائم ڪيو جو بگاڙ جو ته ڪٿي نالو ۽ نشان ئي نٿو ملي. ڇا اهڙو ڪو بيو جامع انسان توهان ڪڏهن ڏٺو؟

دنيا جي سيني عظيم شخصيتن مان ڪا به هڪ اهڙي شخصيت نه آهي، جيڪا پنهنجي ماحول کان متاثر نه ٿي هجي. پر هن شخص جو شان سيني کان نرالو آهي. سندس وجود ۾ سندس ماحول جو ڪو به ڪردار نه آهي ۽ نه وري ڪنهن دليل سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته ان وقت هڪ اهڙي انسان جي پيدائش جو ڪو منتظر هو. گهٽي ويچار کان پوءِ اوهان رڳو اهوئي چئي سگهو ٿا ته اهلِ عرب ان وقت اهڙي انسان جي اچڻ جي انتظار ۾ هئا، جيڪو قبائلي ڏڦيڙن کي مٽائي هڪ قوم بڻائي، ملڪن کي فتح ڪري عربن جي لاءِ معاشي فلاح بهبود جو سامان ميسر ڪري ۽ منجهس سموريون عربي خصوصيتون هجن. پڻ ظلم، بي رحمي، مڪر ۽ دغا، مطلب ته هر ممڪن تدبير سان پنهنجي قوم کي خوشحال ڪري سندن لاءِ هڪ سلطنت بڻائي پنهنجي پوين لاءِ ڇڏي وڃي ها.



Marfat.com

هيگل جي تاريخي فلسفي يا مارڪس جي مادي تعبيرِ تاريخ جي نظرئي سان توهان وڏ ۾ وڏ رڳو اهو ئي اندازو لڳائي سگهندو تہ ان وقت ان ماحول ۾ هڪ قوم ۽ سلطنت ٻڌائڻ وارو ظاهر ٿيڻ گهرجي ها يا ظاهر ٿي سگهيو ٿي، پر ان جي ابتڙ اتي هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيو جيڪو بهترين اخلاق سيکاريندڙ، انسانيت کي سنواريندڙ ۽ وهمن ۽ خيالن کي متاثيندڙ هو. جنهن جي نظر قوم، نسل ۽ ملڪ جون حدون ٽوڙي پوري انسانيت ۾ پکڙجي وئي. جنهن پنهنجي قوم لاءِ نہ پر عالمِ انسان لاءِ هڪ اخلاقي، روحاني، تمدني ۽ سياسي نظام جو بنياد وڌو. جنهن سياسي ۽ معاشي معاملن ۽ بين الاقوامي تعلقن کي خيالي طور نہ پر حقيقي طور قائم ڪري ڏيکاريو. روحانيت ۽ ماديت جي اهڙي تہ معتدل ۽ متوازن وصف ڪئي جو اڄ بہ ان حڪمت ۽ دانائي جو اهو ئي حال آهي،جيڪو ان وقت هو. ڇا اهڙ ي شخص کي توهان عرب جي دورِ جاهليت جي پيداوار چوندو؟

رڳو اهو ئي نہ، پر جڏهن اسين ان شخص جي ڪارنامن تي نظر وجهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ هو زمان ۽ مڪان جي قيد کان بہ آزاد آهي، سندس نظر وقت، حالتن جي بندشن کي ٽوڙيندي صدين ۽ هزارن Millenia جي پردن کي چيريندي ڦاڙيندي اڳتي وڌي ٿي. هو انسان کي هر دور ۽ ماحول ۾ ڏسي ٿو ۽ هن جي زندگي لاءِ اهڙيون اخلاقي ۽ عملي هدايتون ڏئي ٿو، جيڪي هر حال ۾ ثابت رهن ٿيون. هو انهن ماڻهن مان نہ آهي جن کي تاريخ پراڻو ڪري ڇڏيو آهي. جن جي تعريف اسين رڳو ان ڪري ڪندا آهيون، جو هو پنهنجي دور ۾ چڱا انسان هئا. هو سڀ کان الڳ ۽ ممتاز هو، انسانيت جو اهڙو رهنما هو، جيڪو تاريخ سان گڏ حرڪت ڪري ٿو ۽ هر دور ۾ ساڳيو ئي جديد Modern نظر اچي ٿو.

اوهان جن ماڻهن کي سخاوت سان "تاريخ ٺاهڻ وارا" -History Makers جا لقب ڏيو ٿا، اهي دراصل پاڻ تاريخ جا ٺاهيل -Creations of History آهن. پاڻ تاريخ ٺاهڻ وارو پوري دنيا ۾ رڳو اهو ئي شخص آهي. دنيا جي جيترن بہ ليڊرن تاريخ ۾ انقلاب آندو آهي، تن جي حالتن تي تحقيقي نظر وجهبي تہ خبر پوندي تي هر انقلاب کان پهرين ان جا سبب پيدا ٿين ٿا ۽ پوءِ اُهي خود ئي انقلاب جو رخ ۽ رستو پيدا ڪن ٿا.



Marfat.com

انقلابي ليڊر رڳو اهو ڪيو تہ پنهنجي طاقت سان حالتن جي گهرج کي عمل ۾ آندو ۽ ان هڪ اداڪار جي اداڪاري ڏيکاري، جنهن جي لاءِ استيج ۽ ڪم پهريان ئي مقرر ڪيل هو. پر تاريخ ناهيندڙن ۽ انقلاب آڻيندڙن جي پوري جماعت ۾ اڪيلو اهوئي شخص آهي، جنهن جتي انقلاب جا سبب موجود نہ هئا، اتي پاڻ سبب پيدا ڪيا. جتي ان انقلاب جو مواد موجود نہ هو اتي پاڻ مواد پيدا ڪيو. جتي ان انقلاب جو جذبو ۽ عملي استعداد ماڻهن ۾ موجود نہ هو، اتي هن پاڻ اهڙا ماڻهو تيار ڪيا، جيڪي سندس مطلب جا هجن. پنهنجي زبردست شخصيت کي پگهاري هزارين انسانن جي قالبن ۾ وجهي چڏيائين ۽ کين اهڙو بڻائي ڇڏيائين جهڙو پاڻ بڻائڻ چاهيندو هو. سندس طاقت ۽ قوت ارادي پاڻهي انقلاب جو سامان پيدا ڪيو ۽ ان جي نوعيت ۽ صورت پيدا ڪئي ۽ پنهنجي ارادي جي زور سان حالات جي رفتار کي موڙي ان رستي تي آندو، جنهن تي هن کين آڻڻ چاهيو ٿي. ان شان جو تاريخ ۾ ان مرتبي جو انقلاب انگيز توهان کي ٻيو ڪٿي نظر اچي ٿو؟

اچو هاڻي ان سوال تي غور ڪيون تہ چوڏهن سئو سال پهريان واري اونداهي دور ۾ عرب جهڙي اونداهي ملڪ جي هڪ حصي ۾ هارپو ۽ واپار ڪندڙ اڻ پڙهيل رهاڪن ۾ اوچتو ايڏو علم، ايڏي روشني، ايڏي طاقت، ايڏا ڪمال، ايڏيون زبردست تربيت ورتل قوتون پيدا ٿيڻ جو ڪهڙو ذريعو هو. توهان چئو ٿا تہ اهو سڀ هن جي دل ۽ دماغ جي پيداوار هئي. مان چوندم تہ جيڪڏهن اهي سندس دل ۽ دماغ جي پيداوار هئا تہ پوءِ کيس خدائي جي دعويٰ ڪرڻ گهرجي ها، پر جيڪڏهن هو ائين ڪري ها تہ اُها دنيا جنهن رام کي خدا بنائي ڇڏيو ۽ ڪرشن کي ڀڳوان قرار ڏنو، جنهن ٻڌ کي خدا بنائي ڇڏيو، مسيح کي پنهنجي مرضيءَ مطابق ابن الله قرار ڏئي ڇڏيو، هوا، پاڻي ۽ باھ کي پوڄيو، اها هن زبردست ۽ باڪمال شخص کي بہ خدا مڃڻ کان انڪار نہ ڪري ها، پر ڏسو، تہ هو پاڻ ڇا چئي رهيو آهي، پنهجي ڪمال مان ڪنهن بہ هڪ ڪمال کي پنهنجي طرفان نہ ٿو سمجهي. چوي ٿو:

”مان هڪ انسان آهيان، توهان جهڙو انسان، مون وٽ ڪجھ بہ نہ آهي. سڀ ڪجھ خدا جو آهي ۽ ان جي ئي طرفان آهي. هي ڪلام



Marfat.com

جنهن جي نازل ٿيڻ سان سڄي انسانذات عاجز آهي، منهنجو ڪلام نه آهي، منهنجي دماغ جي قابليت جو نتيجو نه آهي، لفظ بلفظ خدا جي طرفان مون وٽ آيو آهي ۽ سڀ تعريف خدا جي ٿي آهي. هي ڪارناما جيڪي مون ڏيکاريا، هي قانون جيڪي مان پڌرا ڪيا،هي اصول جيڪي مان توهان کي سيکاريا، انهن مان ڪابه شيءِ منهنجي ٺاهيل نه آهي، مان پنهنجي قابليت سان ڪجهه به پيش ڪرڻ تي قادر نه آهيان. هر شيءِ ۾ پڻ خدا جي رهنمائي جو محتاج آهيان. جيڪو اشارو اتان ٿيندو آهي، سوئي ڪندو آهيان.“

ڏسو، ته اها ڪهڙي نه حيرت جوڳي صداقت آهي! ڪهڙي نه امانت ۽ راست بازي آهي! ننڍو انسان ته وڏو بڻجڻ لاءِ اهڙن ڪمالن جو ڪريڊٽ پاڻ لاءِ کڻڻ ۾ ڪابه عار محسوس نه ڪندو، جن جي اصل ماخذ جو پتو به آسانيءَ سان پئجي ويندو، پر هي شخص انهن کي به پنهنجي ذات سان منسوب نه ٿو ڪري، جن کي جيڪڏهن هو پنهنجا ڪمال چوي ها ته ڪوبه ان ڪان انڪار نه ڪري سگهي ها، ڇاڪاڻ ته ڪنهن وٽ به انهن جي اصلي ماخذ تائين پهچڻ جو ڪو ذريعو ئي ناهي. سچائي جو ان ڪان وڏيڪ ڇتو دليل اجان ڪهڙو ٿي سگهي ٿو! هن شخص ڪان وڏيڪ ٻيو ڪير سچو هوندو، جنهن کي نهايت لڪيل طريقي سان لاجواب ڪمال نوازيا ويا هجن ۽ اهو بغير ڪنهن تڪليف جي پنهنجي اصلي ماخذ جو حوالو ڏئي ڇڏي؟ ٻڌايو! ڪهڙو سبب آهي جو اسان سندس تصديق نه ڪيون؟



Marfat.com

# وحي محمدي ﷺ ۽ ڪيفيتِ نزول

اعجازاحمد فاروقي
ترجمو: اظهرالدين پتو

انبياء عليهم السلام جن جون خاصيتون جيڪي ڪين عام انسانن کان ممتاز ڪن ٿيون، انهن مان سڀ کان وڏي خاصيت هي آهي ته، الله تعاليٰ انهن سان هم ڪلام ٿيندو آهي. ان اِلاهي مڪالمي جون ڪئي صورتون آهن، جن مان هڪ صورت وحي آهي. عربي لغت ۾ وحيءَ جي معنيٰ آهي اشارو ڪرڻ، لکڻ، پيغام ڏيڻ، دل ۾ وجهڻ، لِڪي ڳالهائڻ ۽ ٻين جي خيالن ۾ پنهنجو خيال وجهڻ، پر اهل لغت چوندا آهن ته وحي لفظ جي اصلي معنيٰ آهي ته "ٻين کان لِڪي ڪنهن سان چوريءَ چوريءَ ڳالهائڻ."

قرآن مجيد ۾ هي لفظ پنهنجي اصل مفهوم جي لحاظ کان ٽن معنائن ۾ آيو آهي:

## 1۔ فطري حڪم:

قرآن مجيد ۾ وحي کي فطري حڪم طور استعمال ڪيو ويو آهي مثلاً:

"تنهنجي پروردگار ماکي جي مکين کي وحي ڪيو." ۽ "تنهنجي پروردگار زمين کي وحي ڪيو."

## 2۔ دل ۾ خيال وجهڻ:

قرآن مجيد ۾ وحي کي هن معنيٰ ۾ به بيان ڪيو ويو آهي:

"۽ جڏهن مان حوارين کي حڪم ڪيو ته، مون تي ۽ منهنجي رسول تي ايمان آڻيو."



Marfat.com

”۽ اسان موسيٰ جي ماءُ کي وحي ڪيو تہ هن ٻار کي کير پيار.“

3- چوري، چوري ڳالهائڻ:

قرآن مجيد ۾ وحي کي هن معنيٰ طور هيٺين ريت بيان ڪيو ويو آهي:

”هي شيطان ماڻهو پنهنجي دوستن کي وحي ڪن ٿا.“

وحي جي ان مختلف معنائن ۾ هڪ مشترڪ مفهوم هي آهي تہ ”بغير ڪنهن لفظ ڳالهائڻ جي هڪ شخص جو ٻئي شخص کي پنهنجو مفهوم سمجهائڻ.“ يا جيڪڏهن لفظ هجن تہ اهي ايتريقدر پوشيده هجن جو ٻيا ان کي ٻڌي نہ سگهن. ان ڪري اشارو ڪرڻ، لکڻ، دل ۾ خيال وجهڻ فطري حڪم، خط ڪتابت ۽ جانورن جو پنهنجي حرڪتن سان پنهنجو مطلب ظاهر ڪرڻ، سڀ وحي جي معنيٰ ۾ داخل آهن.

نبي ڪريم ﷺ جن جي حديثن ۾ وحي نازل ٿيڻ جون ٻيون صورتون بہ بيان ڪيون ويون آهن ۽ انهن جي ئي پيش نظر حافظ ابن قيم وحي محمدي جا هيٺيان ست قسم قرار ڏنا آهن:

1- رويائي صادقہ: يعني سچا خواب ڏسڻ
2- صلصلتہ الجرس: يعني گهنٽي وانگر آواز اچڻ
3- تمثيل: يعني فرشتي جو ڪنهن شڪل ۾ ظاهر ٿيڻ
4- القاء في القلب: يعني دل ۾ ڦوڪڻ يا دل ۾ وجهڻ
5- ملائڪ جو پنهنجي اصل صورت ۾ نمودار ٿيڻ
6- مڪالمي جو طريقو: جيئن معراج ۾ پيش آيو
7- بلاواسطہ مڪالمو

سچا خواب ڏسڻ:

حضور ﷺ جن جي، الاهي مڪالمي ۽ وحي جو آغاز، روياء ۽ خواب سان شروع ٿيو. صحيح بخاريءَ ۾ حضرت عائشہ رضہ کان روايت آهي تہ:

”حضور ڪريم ﷺ جن تي وحي جي شروعات سٺن خوابن سان ٿي، پاڻ سڳورا ﷺ جيڪو بہ خواب ڏسندا هئا تہ اهو صبح جي روشنيءَ وانگر سچو ٿيندو هو.“



Marfat.com

## روح القدس جو اچڻ:

وحي جي هن قسم جي باري ۾ حديث ۾ ارشاد آهي ته:

"روح القدس منهنجي دل ۾ هيءَ خيال وڌو ته ڪوبه انسان ان وقت تائين نٿو مري سگهي، جيستائين هو پنهنجي روزي پوري نٿو ڪري. اي انسانو! خدا کان ڊڄو ۽ پنهنجي روزي جي ڳولها ۾ درست ۽ صحيح طريقو اختيار ڪيو، ڇو جو جيڪو خدا وٽ آهي اهو ان جي عبادت ۽ بندگيءَ ڪرڻ سان ئي ملي ٿو."

## گهنٽي وانگر آواز اچڻ:

وحي جي ٽين صورت يعني گهنٽي وانگر آواز اچڻ جي باري ۾ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته، هي صورت مون تي تمام سخت هوندي آهي. صلصلة الجرس يعني، گهنٽي جي آواز جو مطلب آهي ته آواز ٻڌڻ ۾ اچي پر ڪا صورت نظر نه اچي. اهڙي طرح الله جا پيغمبر غيب جو اواز ٻڌن ٿا، پر ڪا مجسم شڪل انهن جي سامهون ناهي هوندي. ان حالت ۾ جڏهن وحي نازل ٿيندي هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن تي هڪ خاص ڪيفيت طاري ٿي پوندي هئي.

حضرت عائشه رضه کان روايت آهي: "وحي نازل ٿيڻ جي حالت ۾ جڏهن مون پاڻ ڪريم ﷺ کي ڏٺو ته جڏهن اها ڪيفيت ختم ٿي ويندي هئي ته سخت سرديءَ جي ڏينهن ۾ به سندن پيشاني مبارڪ تي پگهر اچي ويندو هو." (بخاري)

هڪ ٻئي موقعي تي حضرت عائشه رضه کان روايت آهي ته: "وحي جي حالت ۾ پاڻ سڳورن تي شدت جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ وحي جي بار کان هڏين مبارڪ ۾ سُور ٿيندو هو ۽ سندن پيشانيءَ مبارڪ تان موتين جيان پگهر جا قطرا ڪِرڻ لڳندا هئا." (بخاري)

يعلي رضه بن اميه هڪ صحابي هو، ان کي وڏو شوق هو ته ڪڏهن وحي نازل ٿيڻ جي عالم ۾ پاڻ سڳورن جي زيارت ڪريان. اتفاق سان حج جي سفر ۾ اها سعادت ڪيس نصيب ٿي هو چوي ٿو ته: "مان ڏٺو ته پاڻ سڳورن ﷺ جو مُنهن مبارڪ ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ پاڻ ﷺ کونگهرا هڻي رهيا هئا، ٿوري ئي دير ۾ اها حالت رفع ٿي وئي." (مسلم، باب عرق النبي ﷺ)



Marfat.com

## ملائڪ جو پنهنجي اصل صورت ۾ ظاهر ٿيڻ:

حضرت محمد ﷺ جن تي وحي نازل ٿيڻ جي چوٿين صورت اها هئي تہ ملائڪ پنهنجي اصلي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. جبرائيل عليہ السلام ان طريقي سان پهرين وحي غار حرا ۾ کڻي آيو. ان وقت پاڻ ﷺ جن جي عمر چاليهہ سال هئي ۽ اقراء باسم ربڪ الذي خلق جون ابتدائي آيتون وحي ڪيون ويون. ان کان پوءِ ڪجهہ وقت تائين وحي جو سلسلو بند رهيو. پاڻ سڳورن ﷺ کي سخت صدمو پهتو. سڀ محدثين ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ فترت الوحي يعني وحي جو سلسلو بند ٿيڻ کان پوءِ سورۃ مدثر جون آيتون نازل ٿيون. ان زماني ۾ پاڻ سڳورن ﷺ بدستور غار حرام ۾ ويندا رهيا. انهيءَ وچ ۾ هڪ ڏينهن غار حرا کان ٻاهر نڪري ٻي جبل کان هيٺ لهي جڏهن ميدان ۾ پهتا تہ ڪين هڪ غيبي آواز ٻُڌڻ ۾ آيو. پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

"مان اڳتي پوئتي، سڄي ۽ کاٻي ڏٺو، پوءِ آسمان ڏانهن نگاهہ ڪئي ۽ ڏٺم تہ اهوئي ملائڪ هو جيڪو پهرين غار حرا ۾ نظر آيو هو، آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ تخت تي ويٺو آهي. مان مرعوب ٿي واپس گهر آيس." پاڻ ﷺ حضرت خديجہ رضہ وٽ آيا ۽ چيائونس تہ: "منهنجي مٿان چادر وجهہ ۽ مون تي ٿڌو پاڻي هار." انهيءَ حالت ۾ سوره المدثر جي هي آيت نازل ٿي:

ترجمو: "اي چادر پوش! اٿي ۽ ماڻهن کي خدا کان ڊيڄار ۽ پنهنجي رب جي ڪبريائي بيان ڪر."

غزوه بدر دوران پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "جبرائيل عليہ السلام پنهنجي گهوڙي جو لغام پڪڙيو بيٺو آهي." (صحيح بخاري)

مطلب تہ جبرئيل عليہ السلام پاڻ سڳورن وٽ اصل صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو ۽ خاص طور تي رمضان جي مهيني ۾ رسول ﷺ جن وٽ حاضر ٿي پاڻ سڳورن ﷺ کان قرآن ٻُڌندا هئا ۽ بعض اوقات ٻڌائيندا پڻ هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ دربار رسول ۾ ڪنهن صحابي جي صورت ۾ اچي دين بابت مختلف سوال ڪندا هئا.

## ملائڪ جو ڪنهن انسان جي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ:

پاڻ سڳورن ﷺ جن تي وحي نازل ٿيڻ جي پنجين صورت اها هئي



Marfat.com

تہ حضرت جبرائيل عليہ السلام ڪنهن انسان جي شڪل اختيار ڪري ايندو هو.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ، هڪ ڏينهن حضورﷺ جن ماڻهن سان گڏ ٻاهر ويٺل هئا تہ هڪ ماڻهو اچي پاڻ سڳورنﷺ جن جي پرسان ويٺو ۽ سوال ڪيو تہ: "ايمان ڇا آهي؟" پاڻﷺ فرمايائون: "ايمان هيءُ آهي تہ، خدا تي، ان جي فرشتن تي، آخرت تي، پيغمبرن ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئڻ تي توهان يقين رکو." ان وري پڇيو تہ: "اسلام ڇا آهي؟" جواب ڏنائون تہ: "اسلام هي آهي تہ توهان خد ا جي اطاعت ڪريو ۽ ڪنهن کي بہ ان جو شريڪ نہ بڻايو ۽ نماز پڙهو، زڪوات ڏيو ۽ روزا رکو." ان وري چيو تہ: "احسان ڇا آهي؟" ارشاد ٿيو: "احسان هي آهي تہ توهان خدا جي ان طرح پرستش ڪريو ڄڻ توهان خدا کي ڏسي رهيا هجو، جي نہ تہ اهو سوچيو تہ هو تہ، توهان کي ڏسي رهيو آهي." اُن وري سوال ڪيو تہ: "قيامت ڪڏهن ايندي؟ﷺ پاڻ سڳورنﷺ جن فرمايو تہ: "ان ڳالهہ جو علم فقط خدا وٽ آهي، پر مان توهان کي ڪجهہ علامتون ٻڌايان ٿو، جڏهن ٻانهي پنهنجي آقا کي ڄڻي ۽ جڏهن اُٺ چارڻ وارا بدو وڏيون وڏيون عمارتون ٺاهڻ لڳن. قيامت جو علم ان پنجن ڳالهين ۾ آهي، جن کي خدا کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نٿو ڄاڻي ۽ قيامت جو علم فقط الله تعاليٰ وٽ آهي.

ان کان پوءِ اهو ماڻهو هليو ويو. پاڻ سڳورنﷺ جن صحابن رضہ کي چيو تہ، ان کي واپس گهرايو. ماڻهن هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پر هو نظر نہ آيو. پاڻ سڳورنﷺ چيو تہ: "اهو جبرئيل هو، جيڪو توهان کي دين سيکارڻ آيو هو."

## مڪالمي جو طريقو مثل معراج ۽ بلاواسطہ مڪالمو:

وحي محمدي جون آخري بہ صورتون ذات الاهيءَ سان براه راست مڪالمي جون هيون. ان ۾ هڪ اها هئي جيڪا معراج جي واقعن ۾ بيان ڪئي وئي آهي، پر ان کان سواءِ بہ گهٽين حديثن مان براه راست مڪالمي جي شاهدي ملي ٿي. انهن سڀني ذريعن مان سرمايہ وحي جي جيڪا دولت اسلام کي هٿ آئي، اها قرآن مجيد جي صورت ۾ مسلمانن وٽ محفوظ آهي. ان کان علاوه جو ڪجهہ آهي، سو حديث جي ورقن ۾



Marfat.com

محفوظ آهي.

خدا تعاليٰ سان هم ڪلامي جون ڪيترين ئي حديثون آهن، ڪجهہ حديثن ۾ هي تصريح آهي تہ:

"خدا مون کي حڪم ڏنو آهي" يا "خدا مون کي هي چيو". پر اهي قرآن مجيد جو حصو نہ آهن. ان ڪري وحي جا ٻہ قسم آهن: هڪ وحي متلو، يعني اها وحي جنهن جي تلاوت ڪئي وڃي، ۽ ٻيو وحي غيرمتلو يعني اها وحي جنهن جي تلاوت نہ ڪئي وڃي. مثلاً: اهي حڪم ۽ نصيحتون جيڪي صحيح حديثن ۾ آهن.

پهرين وحيءَ جي خاصيت هيءَ هي تہ: ان جو هڪ هڪ حرف متواتر روايت مان ثابت آهي ۽ اها لفظ ۽ معنيٰ جي لحاظ کان بہ الله تعاليٰ جو ڪلام آهي.

وحي جو ٻيو قسم تواتُر سان بلڪل گهٽ مروي آهي ۽ اها پنهنجي لفظن جي لحاظ کان نہ بلڪ معنيٰ جي لحاظ کان الله تعاليٰ جو ارشاد آهي.



Marfat.com

# حضور ﷺ بحيثيت سپهه سالار

برگيڊيئر گلزار احمد
ترجمو ۽ تلخيص راشد ڪلوڙ

دنيا جي تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته جيستائين انسان الله تعاليٰ جي هدايتن رستي تي نه هلندا تيستائين جنگ ۽ جهڳڙو ٿيندو رهندو. ان ڪري جيسيتائين انسان برائين ۾ مبتلا رهندا تيسيتائين پنهنجين خوشين لاءِ پاڻ کان ڪمزور ماڻهن تي حڪومت کي پنهنجو حق سمجهندا رهندا ۽ اهڙي طرح جنگ قائم رهندي. اهڙي ماحول ۾ هر قوم جو اهو فرض ٿئي ٿو ته اهڙن جهڳڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار رهي ۽ پنهنجي حدن ۾ ظالمن کي داخل ٿيڻ نه ڏي.انهيءَ ڏس ۾ ڏٺي تعاليٰ جو فرمان آهي:

ترجمو:-"پنهنجو دفاع مڪمل رکو" (النساء :71)

ٻئي جاءِ تي فرمان باري تعاليٰ آهي ته:

ترجمو:-" ۽ پنهنجي حدِ استطاعت تائين انهن لاءِ سگهه ۽ گهوڙن جون قطارون تيار رکو"- (الانفال -60)

الله جي انهن حڪمن تي جهڙيءَ ريت پاڻ سڳورن ﷺ جن عمل ڪيو، ان جو مثال نٿو ملي -ان ڪري اسلحه سازي، سپهه سالاري ۽ لشڪرن جي تياري ۾ پاڻ قيامت تائين مڪمل نمونو رهندا-

جنهن قوم پاڻ سڳورن ﷺ کي پنهنجي وطن مڪي مان ٻاهر ڪڍيو هو انهن کان اها اميد نه ٿي ڪري سگهجي ته اهي ٻئي ڪنهن جاءِ تي اوهان کي سڪون ۽ آرام سان اسلام جي تبليغ ڪرڻ ڏينديي. ابو جهل ۽ ابو سفيان اهو فيصلو ڪيو ته مسلمانن کي مديني ۾ به ڪامياب زندگي گذارڻ جو موقعو ئي نه ڏنو وڃي. اهو صرف قريش جو فيصلو نه هو



Marfat.com

پر پوري عربستان ۾ اڪثر قبيلن کي اسلام کان خوف پيدا ٿي چڪو هو ۽ اهي مديني تي حملي لاءِ قريش سان ملي ويا.

پهريان تہ انهن پنهنجي ان بري خواهش کي ظاهر نہ ڪيو پر جڏهن سعد بن وقاص رضہ عمري لاءِ مڪي ويو تہ ابو جهل ان کي چيو تہ :" توهان صابين (اهل اسلام ) کي پناهہ ڏني آ هي ، مان اهو نٿو ڏسي سگهان تہ توهان مڪي ۾ اچو"

## حالت جنگ جي شروعات

حضور ﷺ جن جي اچڻ کان اڳ مديني جي قيادت عبدالله بن ابي جي هٿ ۾ هئي. پاڻ سڳورن ﷺ جي اچڻ کانپوءِ ميثاق مدينہ وجود ۾ آيو ۽ ان معاهدي هيٺ مديني جي قيادت پاڻ سڳورن ﷺ جي هٿن ۾ اچي ويئي ، جيڪا عبدالله بن ابي ۽ سندس يهودي ۽ مشرڪ ساٿين کي نہ وڻي. قريش انهن حالتن هيٺ ڪافرن کي عجيب طريقي سان پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ، تہ جيئن مديني مان مسلمانن جو خاتمو بہ ٿي وڃي ۽ مديني تي مڪي جي برتري بہ قائم رهي سگهي. انهن لکيو هو. " توهان اسان جي ماڻهو کي پاڻ وٽ پناهہ ڏني آ هي . اسان خدا جو قسم کڻون ٿا تہ يا توهان ان کي قتل ڪري ڇڏيو يا مديني مان ڪڍي ڇڏيو۔ نہ تہ اسان توهان تي حملو ڪندا سين ۽ توهان کي گرفتار ڪري توهان جي عورتن جي بي حرمتي ڪنداسين."

انهيءَ نموني جا ٻيا بہ ڪيترائي خط لکيا ويا .پاڻ سڳورا ﷺ جڏهن مڪي ۾ هئا تہ اتي بہ مسلمانن تي طرح طرح جا ظلم ڪيا ويا ۽ ڪين حبشہ ۽ مديني ڏانهن هجرت بہ ڪرڻي پئي .مديني ۾ بہ اسلام جي عظمت کي برداشت نہ ڪيو ويو ۽ پوري عربستان ۾ پاڻ سڳورن جي مديني ۾ موجودگيءَ سبب ، مديني خلاف اعلان جنگ ڪيو ويو.

ٻئي طرف مديني وارن انهيءَ اعلان جنگ کي قبول ڪيو ۽ اسلام جي بنيادن تي معاشري ۾ زندگي ۽ حڪومت هلائڻ لاءِ تيار ٿيا . ميثاق مدينہ جا هيٺيان ٽي شرط دفاعي لحاظ کان ڏاڍا اهم آهن :

ا ۔ جيڪڏهن يهودين يا مسلمانن مان ڪنهن بہ هڪ سان جنگ ڪئي وئي تہ ٻيو فريق انهن جي مدد ڪندو۔

ب۔ مديني تي ڪو حملو ٿيو تہ ٻئي فريق هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيندا ۔



Marfat.com

ج۔ جيڪڏهن هڪ فريق ڪنهن دشمن سان ناهه ڪندو ته ٻيو فريق به انهن سان ناهه ڪندو۔

د۔ ڪو فريق ، قريش کي پناهه نه ڏيندو۔

هنن شرطن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته مڪي وارن طرفان مديني وارن وٽ جنگ جو اعلان پهچي چڪو هو ۽ هو ان کي قبول به ڪري چڪا هئا ۔هي هڪ دفاعي معاهدو هو ۽ جنگ جي حالتن جي شروعات ٿي چڪي هئي.

جلد ئي ميثاقِ مدينه کانپوءِ يهودين ، منافقن ۽ مشرڪين مڪ جون سازشون شروع ٿي ويون ۽ انهن مملڪتِ مدينه جي اندروني معاملن ۾ دخل اندازي ڪري ، ان کي اندران ئي اندران کوکلو ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪئي پر ان سان مديني جي مسلمانن کي وڌيڪ هوشيار رهڻو پيو ۽ انهن به جنگ جي تيارينّ جي رفتار وڌائي ڇڏي۔اندروني امن امان کي حضورپاڪ جن نهايت ئي صبر واستقلال ۽ محبت و شفقت سان برقرار رکيو ۽ ٻيروني خطرن کي روڪڻ لاءِ ننڍا ننڍالشڪر روانا ڪرڻ شروع ڪيا۔ انهن ننڍين ننڍين غزوات ۽ سرايا کي مهمن جو درجو ڏئي سگهجي ٿو ۽ بَدر ۽ احُد کي مسقل لڙاين جو پر شروع کان آخر تائين يعني سريئه امير حمزه کان وٺي غزوه حنين تائين سيني واقعن ، مهمن ۽ لڙاين کي هڪ ئي جنگ جون مختلف ڪڙيون چئي سگهجي ٿو۔ جن کي حضورﷺ جن پنهنجي قابليت جي بنا تي فتح ڪيو.ان جنگ کي جنگ قريش ۽ جنگ اسلام جو نالو ڏيڻ صحيح ٿيندو.قريش طرفان حملي جي خطري جي صورتحال اها هوندي هئي جو پاڻ سڳورا ﷺ راتين جون راتيون جاڳي گذاريندا هئا ۽ فرمائيندا ته اڄ ڪو مظبوط ماڻهو پهرو ڏئي. تنهنڪري سعد بن وقاص رضه هٿيار ڪٽي پهرو ڏنو ۽ پاڻ سڳورن آرام فرمايو.

## ٽي محاذ

حقيقت هيءَ آهي ته مڪي جا قريش ۽ ٻيا قبيلا اسلام جي نظام حيات کي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ خصوصا سر زمين عرب تي ڪامياب ٿيندي نه ٿي ڏسي سگهيا ۔تنهن ڪري انهن حضورپاڪ جن خلاف باقائده جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو ، جنهن لاءِ قريش ٽي محاذ



Marfat.com

چونديا هئا :

اـ مديني جي اندر جيڪي يهودي آباد هئا انهن کي پڙڪائڻ تہ جيئن فتني ۽ فساد ذريعي مديني جي فضا کي خراب رکجي.

بـ قبيلن کي مديني جي مملڪت خلاف اياريندو رهڻ. اهڙي طرح مديني جي سرحدن تي لڙائي سان مديني جي روزمره زندگي کي تباهہ ڪجي.

جـ جڏهن مسلمان اندروني ۽ بيروني سازشن جي ڪري ڪمزور ٿي وڃن تہ موقعو وٺي مديني تي حملو ڪجي ۽ اهڙي طرح هڪدم مسلمانن جو خاتمو ڪيو وڃي .

حضور پاڪ ﷺ جن لاءِ اهو ضروري هو تہ اهي تنهي محاذن تي دشمن جي يلغار کي روڪين - حضور ﷺ جن کي رشد و هدايت جي فرضن کان سواءِ مديني جي مملڪت جي صدر جي حيثيت سان فرض بہ پورا ڪرڻا هئا. خيال رهي تہ انهيءَ نظام حيات جي فوج جي هر فرد لاءِ حڪم هو تہ :"ڪتب عليڪم القتال " ( توهان تي وڙهڻ فرض ڪيو ويو آهي). جنگ ۾ شرڪت جي تهيت حضور پاڪ جن جي ذمي هئي:

" اي نبي مسلمانن کي جنگ جو شوق ڏيار" ( انفال-65 )

جتي پوري ملت کي سپاهين جا حق ادا ڪرڻا هجن ۽ پنهنجو پيغام پوري انسانيت تائين پهچائڻو هجي تہ اتي قيادت جون ذميواريون اڃان بہ وڏي وڃن ٿيون ۽ انهن ذميوارين کي پوري ڪرڻ لاءِ لا تعداد ماڻهن جي ضرورت هئي -ڇا ڪير چئي سگهي ٿو تہ پاڻ سڳورن ﷺ سپهہ سالارِ اعظم جي حيثيت سان سيئي ذميواريون چڱي طرح پوريون نہ ڪيون؟ حضور پاڪ ﷺ جن اهڙي تربيت ڏني جو هڪ ننڍي قوم پنهنجي زماني ۾ دنيا جي عظيم طاقت بڻجي ظاهر ٿي ۽ اها مملڪت 274 چورس ميل روزانو جي حساب سان ڦهلجڻ لڳي ۽ ڏهن سالن ۾ ان جي پکيڙ يورپ ( روس کان سواءِ )جيتري ٿي وئي ۽ انهيءَ دوران صرف 120 مومنن جامِ شهادت حاصل ڪيو!

جنگي تاريخ جي مطالعي مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن فوج جي ڪردار ۾پختگي هجي تہ انهن کي ڪو بہ شڪست نٿو ڏئي سگهي. مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ فقط الله تعاليٰ جو هٿ هو. عدل



Marfat.com

۽ انصاف جهڙي بلند مقصد لاءِ الله ئي مدد ڏيندو آهي .ارشاد رباني آهي تہ :" اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهين الله جي مدد ڪندئو تہ الله توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جا قدم ڄمائيندو." (سورت محمد۔ 7)

الله جي مدد مان مراد هي آهي تہ الله جي نالي تي ۽ الله جو نالو بلند ڪرڻ لاءِ ۽ الله جي راهہ ۾ جنگ وڙهجي تہ الله پنهنجي ڪيل واعدي کي ضرور پورو ڪندو آهي.

ڌڻي تعاليٰ جو فرمان آهي تہ :

"الله جي راهہ ۾ انهن سان جنگ ڪريو جيڪي توهان سان جنگ ڪن ٿا." ( البقره )

پاڻ سڳورن ﷺ جي جنگ تہ صرف باطل نظام کي متائڻ ۽ دنيا ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪرڻ لاءِ هئي .تاريخ شاهد آهي تہ غلطي ڪرڻ وارا جڏهن بہ ناهہ جي درخواست ڪندا هئا تہ حضور ﷺ جن جي لشڪر جون تلوارون پنهنجين مياڻن ۾ هليون ويندون هيون.جنهن الله جي نالي تي جنگ جو رخ ڪيو هيائون ان جو فرمان هو تہ :

" ۽ جيڪڏهن اهي ناهہ طرف جهڪن تہ توهان بہ جهڪي وڃو."

( الانفال 61)

اهو ئي سبب هو جو ڪافر جڏهن بہ صلح لاءِ هٿ وڌائيندا هئا تہ حضور اقدس ﷺ جن بہ انهن سان صلح ڪندا هئا.پاڻ سڳورن ﷺ کي مادي ۽ افرادي گهٽتائي با وجود همت ۽ اسلامي جذبي جي ڪري فتح نصيب ٿيندي رهي . خدا تعاليٰ جو فرمان آهي تہ: "ڪيترائي دفعا ننڍي جماعت الله جي حڪم سان وڏي جماعت تي غالب آئي .(البقره ۔ 249)

حضور اقدس ﷺ جن الله جي حڪم تي عمل ڪندي هڪ امت کي وجود ۾ آندو ۽ ان امت جي سامهون هڪ بنيادي مقصد رکيو ۽ اهو هو"الله تعاليٰ جي خوشنودي" حاصل ڪرڻ.

حضور پاڪ ﷺ جن پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪرڻ وارن ۽ پنهنجي جان جهڙي عظيم شيءِ جي شهادت ڏيڻ وارن کي سمجهايو تہ هن پوري ڪائنات ۾ الله کانسواءِ ڪابہ طاقت نہ آهي .جنهن جا حڪم مڃجن يا جنهن جي عبادت ڪجي۔

## صداقت



Marfat.com

جنھن اڳواڻ کي پنھنجي عھد ۾ ماڻھن جي قيادت ڪرڻي هوندي آھي، ان کي ڪردار ۽ اخلاق ۾ بہ سڀني انسانن کان اعليٰ مقام حاصل ڪرڻو هوندو آھي. پاڻ سڳورن ﷺ بہ سڀ کان پھرين اھو ڪم ڪيو -پاڻ سڳورن وٽ فقط ڳاڻيٽي جا ماڻھو ھئا-پر پاڻ انھن مان ھر ھڪ جي تربيت اھڙي تہ ڪئي جو ھر ھڪ لشڪرن تي بہ وزني ھو. صديق اڪبر ، عمر فاروق، عثمان غني،علي حيدرِ ڪرار، حمزه ۽ خالد رضہ جن جھڙيون شخصيتون حضور پاڪ ﷺ جن جي تربيت سان پيدا ٿيون- جنھن ظابطہ اخلاق ۽ ڪردار جي مطابق پاڻ سڳورن ﷺ پنھنجي لشڪر کي تربيت ڏني، اھو الله جو عطا ڪيل پيغام ھو، جيڪو پاڻ سڳورن ﷺ جي ذريعي انسانن تائين پھچائڻو ھو. انھن مان ڪجھہ حڪم اھڙا ھئا جيڪي لشڪر ن ۽سپھہ سالارن جي سامھون ھجڻ گھرجن .الله جو فرمان آھي تہ:

” ۽ سچ سان ڳڏ ڪوڙ نہ ملايو ۽ سچ کي ڄاڻي واڻي نہ لڪايو-“

(البقره -42)

سچ ھوڻ تہ زندگيءَ جي ھر شعبي ۾ ضروري آھي - پر ان حڪم جي تعميل جيتري قدر لشڪر جي صفن ۾ ضروري ھوندي آھي، اوتري ٻيو ڪٿي نہ ٿيندي آھي. فوجي ڪمانڊر ن جي رپورٽن تي، ايندڙ منصوبن جو بنياد رکيو ويندو آھي.

صداقت اھڙي خاصيت آھي جنھن سان فردن ۽ قومن جي مجموعي اخلاق جو ڪاٿو لڳائي سگھجي ٿو. مسلمانن کي چيو ويو ھو تہ توھان کي تہ رڳو الله جو خوف آھي ، ان ڪري توھان ھميشہ سچ ڳالھايو - ۽ خاص طور تي جڏھن لشڪر جي صفن جي وچ ۾ ھوندي رپورٽون موڪليو تہ سچ ۾ ڪوڙ يعني پنھنجو اندازو ۽ خيال نہ ملايو- حقيقت کي ڪڏھن بہ نہ لڪايو تہ جيئن توھان کان اعليٰ آفيسر صحيح منصوبو تيار ڪري سگھن. جنھن فوج جا فرد ڪوڙ ڳالھائن اھا فوج جنگ جي عدل قابل ناھي رھندي.

” ۽ جڏھن توھان ماڻھن جا حاڪم ھجو تہ عدل ڪريو-“

( النساء- 58)

حضور پاڪ ﷺ جي لشڪر ۾ ھميشہ قابل ۽ اھل ماڻھن کي



Marfat.com

علمداري ۽ سپهہ سالاري جا فرض ڏنا ويندا هئا. اهوئي سبب هو جو پاڻ سڳورن ﷺ جو لشڪر هميشہ ڪامياب ۽ ڪامران رهيو.

حضور سرورِ ڪونين امين هئا ۽ پاڻ پنهنجي لشڪر ۾ بہ انهيءَ خوبيءَ کي قائم رکيائون. لشڪر کي جيڪو مقصد ڏنو ويندو آهي، اهو حقيقت ۾ امانت آهي جيڪو پوري قِوم ان کي ڏيندي آهي ۽ لشڪر جي سالار جي امانت جو ثبوت ان جي ڪامياب سپهہ سالاري ۾ لڪل هوندو آهي.

## ڪسبِ حلال

ڪنهن لشڪر ۾ ڪسب حلال جي خاصيت جو هجڻ بيحد ضروري آهي جنهن لشڪر ۾ ڪسب حلال جي خاصيت نہ هوندي آهي تہ لشڪر جو ساز و سامان گم ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ ڪڏهن تہ گولا ۽ بارود بہ غائب ٿي ويندا آهن. پهريان تہ اهو لڪي لڪي ۽ چوري ڪري وڪيو ويندو آهي بعد ۾ اهو ڏنڌو سرِ عام ٿي ويندو آهي ۽ آخرڪار لشڪر وٽ ساز و سامان جي گهٽتائي ۽ بارود جو خاتمو ٿي ويندو آهي ۽ اهو دشمن کي وڪيو ويندو آهي. هن قسم جا ڪافي مثال اسان جي سامهون آهن.

پاڻ سڳورن ﷺ جي لشڪر ۾ سچائي، ايمانداري، امانت جي حفاظت ۽ ڪسبِ حلال (حلال ڪمائي) جهڙيون خوبيون هيون.

## دفاعي نظريو

حضور پاڪ ﷺ جن جيڪو اسلامي ڪردار قائم ڪيو ان ۾ صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي خوشنوديءَ کي هر ڳالهہ کان اعليٰ ۽ مقدم رکيو ويندو هو. جنهن مسلمانن جي لشڪر کي ناقابل شڪست بڻائي ڇڏيو هو.

جڏهن بدر جي جنگ لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ جو لشڪر تيار ٿيو تہ پاڻ سڳورن ﷺ الله کان دعا گهري تہ:

” اي الله جيڪڏهن اڄ اها ننڍي جماعت ختم ٿي وئي تہ پوءِ تنهنجي عبادت ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هوندو.“

پاڻ سڳورن ﷺ انهيءَ دعا ۾ فتح نہ گهري ۽ نہ انهن کي دولت ۽



Marfat.com

مملڪت جي خواهش هئي ـ انهن لاءِ تہ صرف الله جي "عبادت" ۽ "عبديت" هئي. هتي عبادت مان مراد الله جي حڪمن مطابق معاشرو قائم ڪرڻ ۽ زندگي گذارڻ آهي . هن دعا جو مفهوم فقط اهو هو تہ "اي الله اڄ جيڪڏهن هيءُ ننڍو لشڪر آخري دم تائين وڙهندي ختم ٿي ويو تہ،پوءِ تنهنجي نازل ڪيل حڪمن کي مڃڻ واري حڪومت وارو معاشرو ڪٿي بہ نہ رهندو."

انهن لفظن مان مراد اها هئي تہ هي ننڍڙو لشڪر شڪست اصل ئي نہ قبول ڪندو. اهي دعائيہ الفاظ اڄ بہ ڪمانڊرن لاءِ رهنما اصول مهيا ڪن ٿا.

## سپاهہ جي تربيت

قومي ڪردار جي پختگي کانپوءِ ٻيو مرحلو هو تربيت سپاهہ يعني سپاهين يا فوج جي تربيت ـ مسلمانن کي الله جو حڪم مليل چڪو هو تہ " توهان تي جنگ فرض ڪئي ويئي آهي ". تنهنڪري هر مسلمان لاءِ اهو ضروري هو تہ هو پنهنجي آزادي لاءِ وڙهي ـ تنهنڪري بهادر ۽ دلير ماڻهن کي فوج جو حصو ڪرڻ اهميت رکي پيو ـ جهڙي طرح حضور اقدس ﷺ مومنن ۾ پختہ ترين ڪردار جو ناقابلِ فتح لشڪر تيار ڪيو جيڪو بيحد طويل ۽ مشڪل ڪم هو ، اهو مسلمانن جي سپہ سالارن لاءِ قيامت تائين هدايت جو درجو رکي ٿو.مسلمانن کي ڪيترا ئي فرض پورا ڪرڻا هئا ـ انهن ۾ غير معمولي استحڪام ۽ انهن جي صفن ۾ ربط ۽ .ضبط هئڻ لازمي هو. حضورِ اقدس ﷺ جن مديني پهچڻ کان جلد پوءِ اهم تربيتي ۽ انتظامي ذميوارين ڏانهن توجہ فرمائي ـ قريش جي سردارن مڪي جي يهودين کي جيڪي پيغام موڪلڻ شروع ڪيا هئا ، انهن جي روشنيءَ ۾ الله پاڪ حڪم فرمايو تہ:" پنهنجو دفاع مڪمل رکوـ" ان تي عمل صرف انهيءَ صورت ۾ ڪري سگهجي پيو تہ فوج کي وجود ۾ آڻجي ۽ جنگي تربيت عطا ڪجي ـ حضور پاڪ ﷺ جن فوج جي تنظيم ۽ تربيت کي جلدي مڪمل ڪرڻ لاءِ فوج جا ننڍا ننڍا دستا گشت تي موڪليندا هئا ـ انهن گشتي دستن کي عربيءَ ۾ سرايا جو نالو ڏنو ويو ۽ مهمن ۾ پاڻ سڳورا ﷺ شريڪ هوندا هئا تہ انهن کي غزوه چيو ويندو هو ـ



Marfat.com

جيڪڏهن انهن سرايا ۽ غزوات کي تفصيل سان ڏٺو وڃي تہ فوج جا جيڪي مختلف ابتدائي ۽ تربيتي مسئلا ٿيندا آهن ، انهن کي هنن جي ذريعي حل ڪيو ويو ۽ ان سان گڏوگڏ پر ڏيهي پاليسي کي مظبوط بنايو ويو. مثال طور: غزوه ابواء ( صفر سنہ 2 هہ) جي دوران عمرو بن مخشني سان ڪنهن جو طرف نہ وٺڻ جو معاهدو ڪيو. اهڙيءَ ريت ( جمادي ال آخر سنہ 2 هہ ) ۾ غزوه ذوالعشيره جي دوران بني مدلج ۽ بني ضمره سان دوستاڻہ معاهدا ڪيا ويا۔

هجرت جي پهرين سال کان ئي مڪي جا قريش مدينې ڏانهن جنگ لاءِ وڏڻ لڳاهئا۔ انهن پهريون لشڪر 300 ماڻهن تي مشتمل ابو جهل جي اڳواڻي ۾ رمضان جي مهيني ۾ روانو ڪيو ، پر مسلمانن کي خبر پئجي ويئي ۽ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت امير حمزه رضہ جي اڳواڻي ۾ 30 ماڻهن جو لشڪر موڪليو. قريش مسلمانن کي باخبر ڏسي واپس موٽي ويا. ٻيهر( شوال 1 هہ) ۾ ابو سفيان جي قيادت ۾ ڪافرن جو لشڪر مديني روانو ٿيو هن دفعي مسلمان هوشيار هئا ۽ حضرت عبيد رضہ بن حارث جي قيادت ۾ 60 ماڻهن جو لشڪر تيار ڪيو ويو. حارث رضہ ايتري قدر فيض حاصل ڪيو جو وڏن وڏن لشڪرن کي شڪست ڏنائين ۽ فارس جو فاتح بڻيو.

اهڙيءَ ريت حضور اڪرم ﷺ جن اهڙا جنگجو گشتي دستا اڪثر روانا ڪندا هئا تہ جيئن مديني جي نئين مملڪت کي بيخبر ڄاڻي ڪٿي مشرڪ اوچتو حملو نہ ڪري ڇڏين. غزوه ذي امر سنہ 2 هہ جنهن کي غزوه غطفان بہ چيو ويندو آهي ۽ سريہ قطن سنہ 4 هہ اهڙين مهمن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. ائين بہ ٿيندو هو جو پاڻ سڳورا ﷺ قريش جي اوچتي حملي جي خبر ٻڌڻ ڪانپوءِ ميدان ۾ آيا پر دشمن ڀڄي ويو ۽ مقابلو نہ ٿي سگهيو۔ سنہ 2 هہ ۾ غزوه السويق جو اهڙين مهمن ۾ شمار آهي. انهيءَ موقعي تي ابو سفيان کي اها ڪاميابي ٿي جو هو مديني ويجهو پهچي ٻن مسلمانن کي شهيد ڪري ڀڄي ويو ۽ مسلمانن جي باغن جا ڪجهہ وڻ ڪٽي هليو ويو ، پاڻ سڳورا ﷺ سندس ڪڍ ويا پر دشمن هٿ نہ آيو.



Marfat.com

## جنگ جا اصول

مديني جي نئين مملڪت جو دفاع ڪو معمولي ڪم نہ هو. هڪ طرف پوري عرب جا لشڪر وڏين طاقتن سان ۽ ٻئي طرف پاڻ سڳورن ﷺ جا ڪجھ مجاهد جيڪڏهن غزوات ۽ سرايا جو سوچيل سمجهيل منصوبو عمل ۾ نہ آندو وڃي ها تہ مملڪت جو دفاع نا ممڪن هو. اها پاڻ سڳورن ﷺ جي دوراندیشي، معاملي جي سمجھ، صبر ۽ استقلال، خُلقِ عظيم ۽ الله پاڪ تي مڪمل ڀروسو هو جنهن تحت ڪامياب ٿيا.

حضور پاڪ ﷺ جن جنگ کان اڳ ڪمانڊرن کي ڪجھ اصول سيکاريا جيڪي جنگ جا اصول چوڻ گھرجن. يقين سان چئي سگھجي ٿو تہ جنهن فوج جو ڪمانڊر انهن اصولن تي عمل ڪندو ۽ پنهنجي فوج جي تربيت ڪندو تہ جنگ ۾ ڪاميابي ان جا قدم چمندي. انهن مان هڪ اصول اهو آهي تہ قوم لاءِ اهڙي فوج موجود هجي جنهن کان دشمن ڏڄن ۽ ان کان خطرو محسوس ڪن. يعني مسلمان ملڪن جون فوجون اهڙيون هجن جن جي موجوگي فقط ،دشمن کي فساد ۽ جهيڙي کان روڪي رکي.

### تعداد

حضور پاڪ جن جي غزوات مان خبر پوي ٿي تہ ان وقت قوم جو هر فرد سپاهيانہ خاصيتن جو حامل هو. پاڻ سڳورن ﷺ تربيتي ۽ معلوماتي سراين ۾ هر فرد کي واري واري سان شريڪ ڪيو -اسلامي ملڪن جي ڪمانڊرن جي لاءِ اها ڳالھ اهم آهي تہ اهي پنهنجي فوج کي صرف standing armed forces تائين محدود نہ رکن .پر اهڙو نظام قائم ڪن جو هر بالغ شخص کي سال جا ڪجھ ڏينهن فوجي تربيت ڏيئي سگھجي- هر مقامي ادارو پنهنجو دفاع پاڻ ڪري يعني پوري طرح دفاعي انتظام ڪيا وڃن ۽ ٿي سگھي تہ مسلمانن جي فوج جو تعداد ايترو هجي جو دشمن اڳتي نہ وڌي سگھي-

### تربيت

پاڻ سڳورن ﷺ جهڙيءَ طرح سخت سردين ۾ ۽ سخت اونهارن ۾ اهي سرايا موڪليا ان مان سبق ملي ٿو تہ مسلمانن کي فوجي تربيت



Marfat.com

اهڙي سختي سان ڪرڻ گھرجي جنهن ۾ ذهني ۽ جسماني محنت وڌيڪ هجي . خاص طرح رمضان جي مهيني ۾ تہ سخت کان سخت ترين محنت واري تربيت هجي.جنگ بدر کان پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي لشڪر جي سپاهين کي ڏسندي ئي دشمنن تي رعب طاري تي ويندو هو.اڄ بہ مسلمانن سپاهين متعلق بين الاقوامي ادارن ۾ اهڙي قسم جا احساس هجڻ ضروري ٿي ويا آهن.

## چانوٽيون

مسلمانن جون چانوٽيون دشمنن جي سرحدن ويجهو هجڻ گھرجن. جيڪڏهن مستقل چانوٽيون دشمنن جي سرحدن ويجهو نہ ٿي سگھن تہ ڪو اهڙو انتظام ڪجي جنهن سان دشمنن جو حملو جلدي روڪي سگھجي.حضور پاڪ جن مختلف سرايا موڪليا تہ جيئن انهن جي دل ۾ مسلمانن بابت غلط خيال نہ هجن ۽ مسلمان مديني ۾ آرام سان رهن.

## هٿيار

حضور اڪرم ﷺ جن مديني جي حڪومت جي مالي ڪمزوريءَ جي باوجود فوجي دستن کي هٿيار ۽ ٻيو سامان مهيا ڪرڻ تي خاص توجہ فرمايو.طائف ۽ حنين جي لڙاين ۾ پاڻ سڳورن منجنيق جو استعمال بہ ڪيو جيڪا ان وقت ٽينڪ جي برابر هوندي هئي . مسلماني لشڪر سنت نبوي تحت سزا جو لائق ٿيندو، جيڪڏهن پنهنجي دور جا بهترين ۽ اعليٰ قسم جا هٿيار ۽ بارود استعمال نہ ڪندو هٿيار اهڙا هجڻ گھرجن جيڪي دشمن جي دفاعي قوتن کي تباهہ ڪري سگھن.

## حق جي حمايت

ٻيو اصول جيڪو مسلمانن جي اڳواڻن کي هميشہ ذهن ۾ رکڻ گھرجي اهو آهي صداقت جو اصول.مطلب تہ مسلمانن جو لشڪر ڪڏهن بہ باطل قوتن ۽ ظلم و تشدد جي استحڪام لاءِ استعمال نہ ڪجي.جيڪڏهن مسلم مملڪت جي فوج حق جي خلاف هوندي تہ انهن جو ضمير انهن جو ساٿ نہ ڏيندو ۽ اهڙي ڪم ۾ مسلمان ڪامياب نہ ٿي سگھندا.حضور پاڪ ﷺ جن جا غزوات پڙهڻ سان خبر پوي ٿي تہ بدر ،احد ۽ حنين تہ ڇا پاڻ سڳورن ﷺ جا ننڍا ننڍا غزوات ۽ سرايا ۾ بہ



Marfat.com

تشدد ۽ اڳرائي جو الزام پاڻ سڳورن ﷺ جي لشڪر تي نٿو هڻي سگهجي. جنگ بدر کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ مسلمانن جو لشڪر وڃي رهيو هو ۽ ان لشڪر سان به اصحابي حذيفه بن اليمان ۽ ٻيو ان جو ساٿي اچي مليا. رستي ۾ قريشن انهن کي روڪي انهن کان اقرار ورتو ته اهي جنگ ۾ شريڪ نه ٿيندا. جڏهن پاڻ سڳورن کي اهو ٻڌايائون ته پاڻ سڳورن انهن کي جهاد جهڙي فرض کان روڪيو ۽ انهن کي جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت نه ڏني- انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته جهدللبقاءِ قوم جي تحفظ ۽ استحڪام جي دوران به ڪنهن اصول کان منهن موڙڻ جائز نه آهي.

## فقط مسلم سپاهي

جنگ جو ٽيون اصول اهو ٿيندو ته اسلامي لشڪر ۾ ڪنهن به غير مسلم کي شريڪ نه ڪيو ويندو- جهاد جي اصولن ۽ قرآن جي حڪمن مان به اهو ئي نتيجو حاصل ٿئي ٿو. ان کانسواءِ نبي ڪريم ﷺ جن جي جنگين جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته مسلمانن جي لشڪر ۾ غير مسلمن کي شريڪ نه ڪرڻ سنت نبوي تي عمل ڪرڻ آهي. عالمي تاريخ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته جڏهن به اسلامي لشڪرن ۾ غيرمسلمن کي ذميواريون ڏنيون ويون آهن تڏهن مسلمانن کي شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آهي -توهان مسلمان حڪومتن جي زوال جو سبب به اهو ئي ڏسندو.

## تحفظ

جنگ جو چوٿون اصول تحفظ آهي. هن اصول تحت سپاهين، سازو سامان ۽ اسلحي جو تحفظ هڪجهڙا مسلمانن جي لشڪر ۾ نظر اچن ٿا. ذڪر تي چڪو آهي ته پاڻ سڳورا خود راتين جو جاڳي پهرو ڏيندا هئا، اهو به مملڪت ۽ سپاهين جي تحفظ ڪري هو. فتح مڪ وقت حضور پاڪ جن جي غزوه متعلق هدايتون ساڙيون ويون ته جيئن مسلم لشڪر جي تعداد کي لڪ ۾ رکي سگهجي.

## انظباط ( نظم و ضبط )

جهاد جو پنجون اصول انظباط آهي. لشڪرن ۾ نظم و ضبط رکڻ جي



Marfat.com

اهميت جو هر شخص اقرار ڪري ٿو.پر پاڻ سڳورن جي لشڪر جي نظم و ضبط جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي.پاڻ هر مهم جو نئون ڪمانڊر مقرر ڪندا هئاءِ جيڪو اڳ ۾ ڪمانڊر رهي چڪو هوندو هو اهو بعد ۾ هڪ سپاهي جا فرض انجام ڏيڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو.تاريخ غزواتِ رسول جي مطالعي مان چاڻ پوي ٿي تہ هر غزوه ۽ سريہ ۾ مختلف صحابين کي ڪمانڊر مقرر ڪيو ويندو هو.سريہ سيف البحر ۾ حضرت حمزه ڪمانڊر هوءِ سريہ رابع ۾ عبيده بن الحارثءِ سريہ ضرار ۾ سعد بن ابي وقاص مطلب تہ سراين ۾ مختلف سپهہ سالار مقرر ڪيا ويا هئا.ايڏو وڏو نظم و ضبط صرف انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي پيو جڏهن جهاد في سبيل الله صحيح معنيٰ ۾ ، الله تعاليٰ جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ هجي . نظم و ضبط جي تباهي فوج ۾ ٻين خامين سان گڏوگڏ فرار جهڙين تباهہ ڪن خامين کي پيدا ڪري ٿي .

## ثابت قدمي

جهاد جو ڇهون اصول ثابت قدمي آهي. حضور پاڪ جن جي سيني غزوات ۾ هڪ شيءِ برابر ۽ هڪ جهڙي نظر اچي ٿي اها آهي پاڻ سڳورن جي ثابت قدمي.نہ سپاهين جي گهٽتائي پاڻ سڳورن کي خوفزده ڪيو نہ وقت جي ڪميءَ . خندق جي جنگ ۾ هڪ طرف پورو عرب هو تہ ٻئي طرف ڪجهہ ايمان وارا مسلمان ،جن کي خوراڪ جي قلت پيٽ سان پٿر ٻڌڻ تي مجبور ڪيو هو. جو ايتري نندي لشڪر کي دشمن سامهون هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو خيال بہ نہ آيو.انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو تہ حضور پاڪ جن جي غزوات ۾ خاص طور تي خندق ،احد ۽ حنين ۾ ثابت قدمي آخري دم تائين واضح آهي. غزوه حنين ۾ جڏهن فوج جا قدم اکڙي ويا تہ پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو:

" انا النبيُ (الله) لا ڪذب" (مان نبي آهيان الله جو ۽ اهو ڪوڙ نہ آهي)_اهو بلند آواز انهيءَ ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڏياري ٿو تہ پيغمبر اسلام جنگ ۾ اجان ثابت قدم آهن ،توهان پٺي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو جيڪي پٺي رهيا هئا اهي بہ بيهي رهيا. ماڻهن زرهون اڇلي ڇڏيون.گهوڙن تان ٽپا ڏئي سخت لڙائي برپا ڪري ڇڏيءِ انهيءَ سپهہ سالارِ اعظم ﷺ جي ثابت قدميءَ جنگين جي



Marfat.com

تاريخ ۾ ،ٻئي ڪنهن ۾ ،شايد ئي نظر اچي.اهو ئي سبب آهي جو اسين سيرت نبوي ﷺ جي ثابت قدمي کي جهاد جي اصولن ۾ شامل ڪرڻ جي حق ۾ آهيون.

## اقدامي يا اڳرائي ڪرڻ وارو دفاع(Offensive Act)

(Offensive Defence) اهڙا عمل آهن جن کي جهاد جي اصولن ۾ شامل ڪرڻ صحيح نہ آهي ،پر سيرت نبوي ۾ انهن عملن کي اهميت حاصل آهي . اهڙيءَ ريت ،حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجن غزوات ۾ جن ڳالهين جو خيال رکيو انهن کي تفصيل سان ڏٺو وڃي تہ لشڪر جي تنظيم ۽ دفاعي حڪمتِ عملي ۽ ڏاهپ چڱيءَ طرح نظر ايندي-ان مختصر جائزي مان ثابت ٿئي ٿو تہ پاڻ سڳورا عظيم سپہ سالار رهيا.



Marfat.com

# حضوراکرم ﷺ جن جو لباس

نعيم صديقي
مترجم: رانا محمد علي

انسان جي شخصيت جو واضع اظهار انجي لباس مان ظاهر ٿيندو آهي.پاڻ سڳورن ﷺ جي لباس جي باري ۾ حضور ﷺ جن جي ساٿين جيڪا معلومات ڏني آهي سا نبي ڪريم ﷺ جن جي لباس جي ذوق کي ظاهر ڪري ٿي.حضور ﷺ جن لباس جي معاملي ۾ در حقيقت هن آيت جي تشريح ڪئي آهي ته

” اي آدم جو اولاد !اسان توهان جي اوگهڙ ڍڪڻ ۽ زينت لاءِ لباس مقرر ڪيو آهي ۽ تقويٰ جو لباس ته مڙني لباسن کان بهتر آهي.“

پاڻ سڳورن ﷺ جن کي نت ۽ تانگر سان رهڻ پسند نه هو.ريشمي ڪپڙن کي مردن لاءِ پاڻ سڳورن ﷺ حرام قرار ڏنو آهي.پاڻ سڳورا ﷺ هميشه سادو لباس استعمال ڪندا هئا.پاڻ سڳورن ﷺ ڪڏهن به ڪو فيشن نه ڪيو.اچو ته سندن لباس تي هڪ نظر وجهون.

## پهراڻ:

پاڻ سڳورن ﷺ جن کي پهراڻ تمام پسند هو.پهراڻ جي آستين کي نه گهڻو تنگ ۽ نه گهڻو کليل رکندا هئا.گريبان سيني تائين رکندا هئا ، ان کي ڪڏهن موسم جي لحاظ کان کليو به رکندا هئا ۽ ان حالت ۾ نماز پڙهندا هئا.پهراڻ پائڻ وقت پهريان ساڄو هٿ ۽ پوءِ کاٻو هٿ وجهندا هئا.

## سلوار:

پاڻ سڳورن ﷺ جن سلوار ڏٺي ته پسند فرمايائون ۽ هڪ دفعو استعمال به ڪيائون.نبي ڪريم ﷺ جن جي خريداريءَ جو هڪ اهم ۽



Marfat.com

دلچسپ واقعو آهي. حضرت ابو هريره رضه سان گڏ پاڻ سڳورا ﷺ بازار ويا ۽ چئن درهمن ۾ سلوار خريد ڪيائون.

بازار ۾ شين کي تورڻ لاءِ هڪ وزن مقرر هئو. پاڻ سڳورن ﷺ ان کي فرمايو ته ان کي جهڪندي تور. دڪاندار چيو ته مان اهي لفظ ڪڏهن به نه ٻڌا آهن. حضرت ابو هريره فرمايو ته تون پنهنجي نبي ڪريم ﷺ کي نٿو سڃاڻين. اهو ٻڌي دڪاندار اڳتي وڌيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جا هٿ چمڻ چاهيائين ته پاڻ سڳورا ﷺ پوئتي ٿي ويا ۽ فرمايائون ته اهو غير اسلامي طريقو آهي. بهرحال سلوار خريد ڪيائون ۽ هليا ويا.

حضرت ابو هريره رضه تعجب کان پڇيو ته توهان ان کي پائيندو ڪيس تعجب ان ڪري ٿيو جو ان کان اڳ ڪڏهن سلوار ڪو نه پاتي هيائون. پاڻ ڪريم ﷺ جن جواب ڏنو ته ها پائيندم؟

اهو مان سفر ۾ ۽ حضر ۾ ۽ ڏينهن ۾ به ۽ رات ۾ به پائيندس ڇو جو مون کي ستر ڍڪڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي سلوار کان وڌيڪ ستر ڍڪيندڙ لباس ڪو به نه آهي.

مٿي تي پٽڪو ٻڌڻ به ڪين خاص پسند هو نه تمام گهٽو وزني نه تمام هلڪو بلڪ هڪ روايت مطابق ست گز ڊيگهه هوندي هئي.

## پٽڪي جو ترو:

پٽڪي جو ترو ڇيلهه تائين ضرور ڇڏيندا هئا. سج جي گرمي کان بچڻ لاءِ مٿي تي ويڙهي ڇڏيندا هئا ۽ موسم جي لحاظ کان ان کي مٿي کان گردن تائين ويڙهي به ڇڏيندا هئا. ڪڏهن پٽڪو نه هوندو هو ته ڪپڙو يا رومال مٿي تي ٻڌي ڇڏيندا هئا. پٽڪي کي تيل جي سٽيءَ کان بچائڻ لاءِ هڪ خاص ڪپڙو (عربي نالو قناع) پٽڪي هيٺيان استعمال ڪندا هئا. جيئن اڄ ڪلهه به ماڻهو ٽوپين ۾ ڪاغذ يا سلولائڊ جو ٽڪرو اندر رکندا آهن. ان سان ڪپڙو سٽيو نه ٿيندو هو پر ان کي ڪڏهن به ميرو يا گندو نه رکندا هئا.

سفيد يا ڳاڙهي رنگ جو پٽڪو به ٻڌندا هئا ۽ مڪي جي فتح جي موقعي تي ڪارو پٽڪو ٻڌل هين.

پٽڪي جي هيٺيان ڪپڙي جي ٽوپي به پائيندا هئا ۽ ان کي پسند ڪندا هئا. روايت مطابق پٽڪي سان ٽوپي جو استعمال ڇڻ ته



Marfat.com

اسلامي ثقافت جو خاص طريقو تي پيو. ان کي پاڻ ڪريم ﷺ مشرڪن جي مقابلي ۾ امتيازي فيشن قرار ڏنو آهي. پٽڪي جي جاءِ تي ڪڏهن سفيد ٽوپي به پائيندا هئا ۽ گهر ۾ پاڻ جي ٽوپي متي تان نه لاهيندا هئا.

اوڍڻ لاءِ چادر 4 گز ڊگهي اڍائي گز ويڪري هوندي هئي.اها چادر ڪڏهن ڪانڌ ۾ ڪڍي ويهڻ لاءِ به استعمال ڪندا هئا.

ڪنهن وقت ان کي وهاڻو ٺاهي به سمهندا هئا۔ ڪڏهن مهمانن جي عزت لاءِ اها چادر وڇائي به ڇڏيندا هئا.يمن جي چادر جنهن کي جبوه به چيو ويندو هو اها تمام گهڻي پسند ڪندا هئا ان ۾ ڳاڙهيون ۽ سايون لڪيرون هونديون هيون.

نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ ڏاس مان هڪ چادر به ٺهرائي وئي ان کي ويڙهيائون ته پگهر جي ڪري ان مان ڏپ اچڻ لڳي تنهنڪري ان کي بيهر نه اوڍيائون نوان ڪپڙا خدا جي حمد ۽ شڪر ڪرڻ سان جمعي جي ڏينهن پائيندا هئا.وڌيڪ ڪپڙا ٺهرائي نه رکندا هئا.ڪپڙن ۾ چتيون هڻندا هئا ۽ پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان هڻندا هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن جسم تي سنو لباس پائڻ پسند ڪندا هئا.

ڳاڙهي لڪيرن وارو اچو جوڙو به پسند ڪيائون سادن ڪپڙن سان گڏ قيمتي ڪپڙا به پاتائون.

هڪ دفعي 27 ڏاچين جي بدلي ۾ هڪ قيمتي جوڙو خريد ڪيو هئائون جنهن کي پاتائون ۽ ان ۾ نماز به پڙهيائون.

ڪپڙن ۾ سڀ کان گهڻو سفيد رنگ پسند ڪندا هئا چيائون ته توهان مسجدن ۾ وڃڻ لاءِ سڀ کان وڌيڪ سفيد ڪپڙا پائيندا ڪريو.اهو الله پاڪ جي سامهون وڃڻ لاءِ بهترين لباس آهي.سفيد ڪپڙن سان پنهنجن مُردن کي ڪفن ڏيو چوته اهو تمام گهڻو پاڪيزه ۽ پسنديده آهي.

سفيد کان پوءِ سائو رنگ به پسند هئن.

## جوراب:

جوراب به استعمال ڪندا هئا.ساده معمولي ۽ اعليٰ قسم جا به استعمال ڪيائون.حبشه جي بادشاهه نجاشيءَ ڪاري رنگ جا جوراب



Marfat.com

تحفي طور کين موڪليا.اهڙي طرح سان دِحيہ رضہ بہ جورابن جو جوڙو کين تحفي ۾ پيش ڪيو ۽ پاڻ سڳورن ﷺ ان کي بہ پاتو.

## چانديءَ جي منڊي:

چانديءَ جي منڊي بہ استعمال ڪيائون.جنهن ۾ ڪڏهن چانديءَ جو نگ هوندو هو تہ ڪڏهن حبشي پٿر جو ،بعض روايتن ۾ آهي تہ لوهہ جي منڊي تي چانديءَ جو ڪوپٽر يا پالش چڙهيل هوندي هئي.

روايت آهي تہ پاڻ سڳورن ﷺ لوهہ جي منڊي ۽ زيورن کان نفرت ڪئي آهي۔منڊي هميشہ ساڄي هٿ ۾ پائيندا هئا.ڪڏهن کابي هٿ ۾ يا وچين ۽ شهادت واري آڱر ۾ نہ پائيندا هئا.

## رفتار:

حضور ڪريم ﷺ جن جي چال ، عظمت،وقار،شان شرافت ۽ احساسِ ذميداريءَ جو ترجمان هوندي هئي.هلندا هئا تہ مظبوطي سان قدم ڄمائي هلندا هئا.ڏار ڏار ۽ پير گسائي نہ هلندا هئا.هيڏانهن هوڏانهن ڏسي پوءِ هلندا هئا.طاقت سان پير کي اڳتي کڻندا هئا.رفتار تيز هوندي هئي ۽ پير کولي کولي رکندا هئا.

پاڻ سڳورا ﷺ تيز هلندا هئا.حضرت ابو هريره رضہ چوي ٿو تہ "اسان پاڻ سڳورن ﷺ سان مشڪل سا ن هلڻ ۾ پڄي سگهندا هئاسون"نبي ڪريم ﷺ جن جي رفتار اهو پيغام بہ ڏيندي هئي تہ زمين تي غرور سان نہ هلو.



Marfat.com

# حضوراکرم ﷺ بطورِ طبيب

ڊاڪٽر لياقت علي خان نيازي
ترجمو: سعيداحمد شيخ

اڄڪلهه طب يا ڊاڪٽريءَ جو شعبو ترقيءَ جون منزلون طيءِ ڪري چڪو آهي، علمِ دوا، جراحي، عورتن جي مرضن، اکين ۽ ڪنن جي مرضن، دماغي مرضن ۽ پيٿالوجي وغيره مطلب تہ هر شعبي ۾ ترقي ٿي رهي آهي. جراحيءَ ڪي ئي ڏسو تہ ڪاسميٽڪ جراحيءَ تائين ايجاد ٿي چڪي آهي. معذورن جي علاج سان گڏ صحت جي حفاظت جا اصول بہ معلوم ٿي چڪا آهن پر ان سان گڏوگڏ ايڊز جهڙين بيمارين جو چيلينج بہ موجود آهي- منشيات جي مسئلي سڄي دنيا کي پريشان ڪري رکيو آهي. چرس ،آفيم ،هيروئن، الڪوحل ۽ مينڊرڪس جهڙين منشيات جي عادي ماڻهن جو تعداد پاڪستان ۾ 1980ع ۾ 25 لک هو. پر ان جي باوجود پاڪستان ايتري قدر ترقي ڪري چڪو آهي جو 6 جولاءِ 1989ع تائين پاڪستان، سعودي عرب، ڪويت، مصر، عراق، انڊونيشيا ۽ اُردن اهڙا اٺ اسلامي ملڪ آهن جتي ٽيسٽ ٽيوب بيبيءَ وارو تجربو ڪامياب ٿي چڪو آهي. ان تي تقريبا چاليهہ هزار روپيہ خرچ آيو آهي. پر اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن عورت جي عمر 35 سالن کان گهٽ ۽ وزن بہ 65 ڪلو گرام کان گهٽ هجي.

هن ترقي يافتہ زماني ۾ بہ نبي اڪرم ﷺ جن جا طبي اصول اسان لاءِ واٽ جي لاٽ آهن. طب جا اُهي اصول جن کي عبدالملڪ بن حبيب اندلسيءَ ٻي صدي هجريءَ ۾ ”طبِ نبوي“ جو نالو ڏنو. نبي اڪرم ﷺ جن هر بيماريءَ جي علاج جي پيش گوئي فرمائي آهي. ان لحاظ کان حضور ﷺ جن هن دنيا ۾ نہ صرف طبيبِ حاذق، طبيب اول پر طبيب اعظم



Marfat.com

ٻڌجي آيا ، قديم دنيا ۾ مصرين جي علاج ۾ مهارت،تاريخ ثابت ڪري ٿي.قديم هند ۾ علاج جا انيڪ طريقا موجود هئا.اسني ڪمارڪي علاج جا هڪ لک اشلوڪ ياد هئا.لقمان حڪيم علمِ طب جو باني هو.قرآن مجيد جي سورت الشعراء ۾ فرمايو ويو آهي :

ترجمو:"تہ جڏهن مان بيمار ٿيندو آهيان تہ الله تعاليٰ مونکي شفا ڏيندو آهي"

مسند احمد ۾ حديث آهي : " تہ تنهنجو ڪم مريضن کي اطمينان ڏيڻ آهي پر اصل طبيب تہ خدا آهي."

نبي اڪرم ﷺ جن اهي طبيب ِ اول آهن جن فرمايو :"جڏهن ڪنهن ڪوڙهيءَ سان گفتگو ڪريو تہ ان جي ۽ پنهنجي وچ ۾ ٻن ڪمانن جو مفاصلو رکو."

هي اصول پهريون دفعو تپ دق،ڪاري کنگهہ ، اسهال،ماتاءِ ڪوڙهہ ۾ صحيح ثابت ٿيو تہ اهڙين بيمارين ۾ مريضن کان مفاصلو رکجي.پاڻ ﷺ جن طوهر جي ذريعي ڪينسر جو علاج دنيا کي ٻڌايو.بواسير جو علاج ڪيو ۽ پيٽ مان پاڻي ٻاهر ڪڍڻ جو آپريشن ڪيو ۽ دل جي دوري جو علاج ۽ تشخيص بہ ڪئي.

نبي اڪرم ﷺ جن قرآن حڪيم جي ذريعي دنيا کي ڏٺي تعاليٰ جو هڪ عظيم پيغام ٻڌايو:

ترجمو: "اسين ڪين ڪائنات ۽ انساني جسم ۾ اهڙيون حقيقتون ٻڌائيندا سون جنهن سان اها حقيقت واضح ٿي ويندي تہ اهو حق آهي."

قرآن ڪريم انساني ٻار جي پيدائش جا ٽي مرحلا بيان ڪيا آهن تہ پيدائش کان اڳ ٻار ٽن تهن ۾ ويڙهيل هوندو آهي:

1) Abdominal wall

2) Uterinal wall

3) Extra -embryonic Membranes

ڊاڪٽر هاروي پهريون دفعو 1651ع ۾ اهو ثابت ڪيو تہ ٻار پيدائش کان اڳ متي جاٽايل ٽن تهن ۾ ورهايل هوندو آهي.پر نبي اڪرم ﷺ جن ان حقيقت کي 1400 سال اڳ بيان فرمايو هو.

انساني جسم هڪ معجزو آهي. دماغ ۾ هڪ سو ڪروڙ عصبي خانا



Marfat.com

آهن جيڪي 70 ميل في ڪلاڪ جي حساب سان پيغام پهچائڻ جو ڪم ڪن ٿا.هڪ عظيم الشان مواصلاتي نظام ٺهيل آهي.هيٺين عددن ۾ شمارن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

زبان: جنهن ۾ ٽي هزار ذائقي جون ڳوٺريون آهن.

ڪن: هن ۾ هڪ لک سماعتي خانا آهن.

اک: هن ۾ ويهه لک رڳون ۽ ٽيرنهن ڪروڙ ڪيمرائون Light Receptors آهن.

چمڙي: هن ۾ ٽيهه هزار گرم.خانا ۽ اڍائي لک سرد خانا آهن.

پگهر جا غدود: ڪل ٽيهه لک آهن.

جسم جا جملي تعداد ۾ ويهه پد م آهن.

سوراخ:

دماغ ۾ پيغام پهچائڻ لاءِ هڪ سو بلين نيوران آهن.

نبي ڪريم ﷺ جن سبزين ،ميون،جڙين ٻوٽين ۽ ٻي نباتات سان انسانيت جي گهڻي خدمت ڪئي آهي.تفصيل لاءِ ڊاڪٽر خالد غزنويءَ جو ڪتاب "طبِ نبوي اور جديد سائنس(الفيصل ناشران، لاهور- مارچ 1988ع)"پڙهي سگهجي ٿو.

1) انجير: پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته هن مان ڪجهه کائو جو هي بواسير ختم ڪري ڇڏيندو آهي.

2) ٻهي (ٻهيداڻو): پاڻ ﷺ جن فرمايو ته ٻهي کائو جو هي دل جو دورو ٺيڪ ڪري ٿو ۽ سيني تان بار لاهي ٿو.

3) هنداڻو: پاڻ سڳورن ﷺ جن هن جون ڏهه خوبيون بيان فرمايون آهن.حديثِ پاڪ ۾ آهي ته "هنداڻو کاڌو به آهي ته مشروب به.هي مثاني ۽ پيٽ کي ڌوئي صاف ڪري ٿو ۽ چهري تي رونق آڻي ٿو."

4) جَوَ: جون جي ماني ،ڏار ۽ ستو سندن دستر خوان هو.بو علي سينا جَوَن جي گرم پاڻيءَ کي 100 بيمارين جو علاج چيو آهي.

5) حب الرشاد: هي اهڙو گاهه آهي جيڪو حضور ﷺ جن گهرن ۾ دونهين لاءِ استعمال ڪرايو هو.مشهور جرمن ڊاڪٽر هوئنگ برگر ( Hoing Berger ) انکي دمر لاءِ مفيد قرار ڏنو آهي.



Marfat.com

6) مهندي: حضور ﷺ جن ان کي زخمن پرڻ لاءِ مفيد قرار ڏنو آهي.

7)ذيرو: ان جي خوشبوءِ کي پاڻ سڳورن ﷺ جن جگر جي سوزش ۽ معدي لاءِ مفيد قرارڏنو آهي.

8)زيتون جو تيل: سورت النور جي آيت نمبر 30 ۾ هن کي "شجرِ مبارڪ" چيو ويو آهي .نبي ڪريم ﷺ جن ان کي 70 بيمارين جو علاج ٻڌايو آهي. حضور ﷺ جن نمونيہ، ڪوڙهہ ، تپ دق،۽ دل جي مريضن جو ان سان علاج فرمايو آهي.جاپان جي مشهور طبيبن مطابق هي بيحد مفيد آهي.

9) سرڪو: حضور ﷺ جن فرمايو "تہ اهو گهر ڪڏهن بہ غريب نہ ٿيندو جنهن ۾ سرڪو موجود هجي."هي جراثيمن کي مارينداڙ۽ هاضمي لاءِ مفيد آهي.

10) سرمو: 1400 سالن کان ڪروڙين انسان ان کي استعمال ڪري چڪا آهن.حضور ﷺ جن ان کي اکين جي بينائيءَ لاءِ مفيد چيو آهي.بشرطيڪ اصل هجي يعني اينٽيموني (Antimony) پٿر مان ٺهيل هجي.جيڪو اصفهان ۽ چترال ۾ ملي ٿو.

11)سنامڪي: حضور ﷺ جن ان کي موت کان سواءِ هر بيماريءَ جو علاج چيو آهي. هيءَ جراثيمن لاءِ مفيد آهي.

12)ماکي: مصري، لاشن کي ماکيءَ سان محفوظ ڪندا هئا ۽ قبرن ۾ مُردن سان گڏ ماکي رکندا هئا.مصر ۾ پنج ۽ اٺ هزار سال پراڻي ماکي ملي آهي جيڪا خراب نہ ٿي آهي.اڄڪلهہ دنيا ۾ ماکيءَ جي پيداوار 50 ڪروڙ ڪلو گرام آهي.جنهن مان صرف آمريڪا۽ روس جي پيداوار 30 ڪروڙ ڪلو گرام آهي.نبي اڪرم ﷺ جن ماکيءَ کي ذيابيطس، يرقان، جگر جي مرضن،نمونيہ ۽ جراثيم ختم ڪرڻ لاءِ مفيد قرار ڏنو آهي.



Marfat.com

ان کان علاوه حضور ﷺ جن هيٺين دوائن جا هي فائدا بيان فرمايا آهن:

13) صعنز: زميني جيتن کي هن جي دونهين سان ختم ڪري سگهجي ٿو.

14) قُسط (ڪُٺُ): هي پلورسيءَ جو علاج آهي.

15) ڪاسني: زهر لاءِ ترياق آهي.

16) ڪلونجي: ڇتي ڪتي جي چڪ ۽ فالج جو علاج آهي.

17) قَثَل: حديث مبارڪ ۾ هن کي مومن وڻ چيو ويو آهي . ڇو ته هن جون بيشمار خاصيتون آهن. مسند احمد ۾ آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن هن سان هڪ دل جي مريض جو علاج ڪيو. حديث ۾ آهي ته هي کائڻ سان قولنج نه ٿو ٿئي. هي توسيع قلب يعني وسيع النظريءَ لاءِ مفيد آهي. مطلب ته هيءَ هڪ مڪمل خوراڪ آهي. جديد طبي تحقيق تحت هن ۾ هيٺيان جزا شامل آهن :

| | | | |
|---|---|---|---|
| فولاد: | 1.21 | پوٽيشيم : | 7.54 |
| سلفر: | 51.4 | فاسفورس : | 638 |
| ڪيلشم: | 67.9 | ڪلوري 100 جي ايم: | 270 |
| ميگنيشيم: | 58.9 | سيئي وٽامنس | |
| سوڊيم: | 4.8 | ڪلو رائيڊز: | 290 |
| پروٽين: | 2 | ٽامو : | 0.21 |

18) ڪنيي: هن جي پاڻيءَ کي پاڻ سڳورن ﷺ اکين لاءِ شفا قرار ڏنو آهي. برٽش ريسرچ ڪائونسل وارن به ان جي تصديق ڪئي آهي.

19) ڪُندرُ: هي بياباني وڻ مثاني مان پٿري ڪڍي ٿو ۽ جيت ماري ٿو.



Marfat.com

20) لوبيا: يورپ ۾ هن جي استعمال جو تعارف 1399ع ۾ ابن بطوطه ڪرايو هو.نبي ڪريمﷺ جن ان کي تپ دق،پراڻي کنگهه ۽ سنڌن جي سور وغيره لاءِ مفيد چيو آهي.

21) ٿوم: پاڻ ﷺ جن فرمايو" اها کائو ، ان سان علاج ڪريو ڇوته اها ستر بيمارين جو علاج آهي". پر بدبوءِ سبب ان کي مسجد ۾ اچڻ کان اڳ استعمال نه ڪجي.

22) مُر مَڪي: حضور ﷺ جن ان جي دونهين کي جراثيمن لاءِ قاتل قرار ڏنو آهي.

23) مرزنجُوش: حضور ﷺ جن ان کي مرگهي ۽ زڪام وغيره لاءِ موثر قرار ڏنو آهي.

24) منقا ( وڏي ڪشمش): سيني موذي مرضن جو علاج آهي.

25) هُربو: ارشاد آهي ته "هربي مان شفا حاصل ڪريو." هڪ ٻي حديث مبارڪ ۾ هن کي گُهٽ ،ٻوسٽ،ورم ۽ ڳلي جي سوزش لاءِ مفيد ٻڌايو ويو آهي. ابن القيم هڪ حديث مبارڪ ۾ لکن ٿا ته " منهنجي امت جيڪڏهن هربي جي فائدن کي معلوم ڪري وٺي ته ان کي سون ۾ توري به خريد ڪري".

26) ٻِيِڇناگ: حضور ﷺ جن پلورسيءَ ( ٽي -بيءَ جو هڪ قسم) جو علاج هن ٻوٽي کي چيو آهي.هي جراثيمن لاءِ زهر آهي.

ان کان علاوه حضورﷺ جن سبزين ۾ ڪدوءَ کي پسند فرمايو آهي.

هي سڀ طبِ نبوي ﷺ جو سبب هو جو مسلمان سائنسدانن ،ڪيميادانن ۽ طبيبن فائدو حاصل ڪيو.عهدِ اميه ۽ عهدِ عباسيه خصوصي طورتي هارون الرشيد ۽ مامون الرشيد جي دور ۾ ان سائنس جو بنياد رکيو ويو. ابن سينا ، عريب بن سعد، يوحنا،ابوالقاسم زهراوي، ابن رشد،اسحاق بن سليمان اسرائيلي، ابن الخطيب، البيروني، عريب بن سعد الڪاتب، ابن جلجل ، عبدالمالڪ بن ربي العلاء ، ابن ماجہ،



Marfat.com

ابن طفيل ۽ جعفر بن خاتمہ طبِ نبوي سان پنهنجن پنهنجن دورن ۾ انسانيت جي خدمت ڪندا رهيا.ابن بيطار 1248ع ۾ 3330 کان وڌيڪ غذائي نباتات سان بيمارين جو علاج ڪيو ۽ 1400 کان وڌيڪ طبي نباتات کي پنهنجي ڪتابن ۾ بيان ڪيو. ابن الخطيب (1313_1374ع) طب تي 60 ڪتاب تحرير ڪيا. ابن الرشد (1126_1198ع) طب تي 25 ڪتاب لکيا.

ابن وافد پهريون سرجن هو جنهن ٻليءَ جي آنڊن ۽ ريشمي تانڪن جو علاج نئين طريقي جي آپريشن سان ڪيو ۽ پيشاب خارج ڪرڻ جو اوزار ايجاد ڪيو. الرازيءَ کانپوءِ ابنِ مروان وڏي ۾ وڏو طبيب هو. جنهن دل جي مرضن جو علاج ڪيو.ابن وافد سرجريءَ ۾ نشي لاءِ Anasthe-sia جو اُستعمال ڪيو جنهن سان جراحيءَ جي ميدان ۾ انقلاب آيو. اها الڳ ڳالهہ آهي تہ فرانسيسي جراحن ان کي Pare ambroise جو نالو ڏنو ۽ اطالوي جراح فريڊرڪ ان کي ٽي برگ جي نالي سان منسوب ڪيو. اڄ بہ دنيا ۾ ابن سينا ۽ ابن رشد جي ڪتابن تي انگلينڊ ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ تحقيقون جاري آهن. انهن جي ڪتابن جا انگريزيءَ ۽ عبرانيءَ ۾ ترجما آڪسفورڊ ۽ ڪيمبرج يونيورسٽين ۽ ٻين درسگاهن ۾ درس وتدريس جو حصو رهيا آهن.

تاجدارِ انبياء ﷺ جن اهي پهريان طبيب آهن جن ساديون غذائون ۽ دوائون تجويز ڪري انسانيت لاءِ صحت جا اصول مرتب فرمايا. ڪٻڙ جي ڏندڻ کي وٺو پاڻ دنيا مان رحلت فرمائڻ وقت هن کي استعمال ڪري رهيا هئا. جديد سائنس بہ اهو ثابت ڪري چڪي آهي تہ ڪٻڙ جو ڏندڻ ، ڏندن جي بيمارين لاءِ مفيد آهي. ان جي استعمال سان مهارن جي بيماري Gin ginitus کان نجات ملي ٿي.

اڄ کان تقريبا 1400 سال اڳ نبي اڪرم ﷺ جن هم جنس پرستيءَ کان منع فرمايو هو تہ جيئن ايندڙ انسان خطرناڪ بيمارين کان بچي سگهن . برطانيہ جي پارليامينٽ 1967ع ۾ هڪ شرمناڪ قانون تحت ان فعلِ بد کي جائز قرار ڏنو هو. پر اڄ برطانيہ ايڊز جهڙين خطرناڪ بيمارين ڪري سخت پريشان آهي.

اڄ بہ وقت آهي تہ اسين نبي ڪريم ﷺ جن جي ٻڌايل راهہ تي هلي زماني جي تفڪرات، آفتن ۽ بلائن کان بچڻ جا طريقا سکي وٺون.



Marfat.com

# حجته الوداع

محمد يونس رند

سن 10 هجري جي مهيني رمضان شريف ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام قرآن کي مڪمل ترتيب ۾ آڻي حضور اڪرم ﷺ جن کي ٻڌايو ۽ حضور اڪرم ﷺ جن ساڳي ئي ترتيب سان انهيءَ مهيني ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام کي ٻڌايو . اهو دين جي تڪميل طرف اشارو هو، جنهن مان پاڻ ڪريم ﷺ جن کي اندازو ٿي ويو هو ته سندن مشن پورو ٿيڻ وارو آهي.

غزوه تبوڪ کانپوءِ پوري عرب ۾ اسلام قبول ڪرڻ وارن جو تعداد تيزي سان وڌي رهيو هو ـ ان نشانيءَ مان پاڻ ڄاڻي ورتو هئائون ته هاڻي هن فاني دنيا کي ڇڏڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن کي هدايت ڪئي وئي هئي ته،

"جڏهن الله طرفان نصرت اچي وڃي ۽ (مڪو)فتح ٿي وڃي ۽ توهان ڏسو ته ماڻهو ڌڙا ڌڙا الله جي دين ۾ داخل ٿي رهيا آهن ته تون حمد سان ان جي تسبيح ڪجان ۽ مغفرت طلب ڪجان. بيشڪ هو قبول ڪرڻ وارو آهي".. (نصر 110:1-3)

جيئن ته عرب تازوئي اسلام ۾ داخل ٿيا هئا تنهن ڪري انهن کي خطبو ڏيڻ لاءِ حضور ﷺ جن ان سال ئي حج جو فيصلو ڪيو ۽ قبيلن ۾ اهو اعلان ڪرايائون ته هن سال حج ادا ڪرڻ لاءِ مڪ مڪرمه هلبو. تنهن ڪري گهڻي کان گهڻا مسلمان ڪوشش ڪن ته جيئن هن عظيم عبادت ۾ شريڪ ٿي سگهن . مشرڪن کي هڪ سال اڳوات ئي حج تي اچڻ ۽ پنهنجن طور طريقن سان حج ڪرڻ کان منع ڪئي وئي هئي.

اعلان ٻڌندي ئي هزارين مسلمانن حج جو ارادو ڪيو. هڪ وڏي تعداد حضور اڪرم ﷺ جن جي رواني ٿيڻ کان اڳ ئي پيدل ۽ سوار ٿي



Marfat.com

مديني ڏانهن رخ ڪيو. پاڻ سڳورن ﷺ جن هن حج ڪي مناسڪ جي تعليم جو ذريعو بڻائي ماڻهن سامهون هر عمل جو پاڻ خود عملي مظاهرو ڪيائون. سفر شروع ڪرڻ کان پهريان پاڻ مسلمانن جي مڪ مڪرم جي ميقاتن بابت پڻ حڪم ڏنا ته جيئن آئنده لاءِ انهن جڳهن کان احرام ٻڌو وڃي ۽ لبيڪ جو ورد شروع ڪيو وڃي.

## حج جي لاءِ روانگي ۽ مناسڪِ حج جي ادائگي:

ذوالقعد ۾ اڃان پنج ڏينهن باقي هئا ته حضور اڪرم ﷺ جن تيار ٿي ڪري مسلمانن جي ميڙ سان گڏ مديني مان نڪتا ۽ ذوالحليفہ (جنهن کي اڄڪلهہ "ابيارِ علي" جو نالو ڏنو ويو آهي) ۾ وڃي احرام ٻڌائون منلي ۾ قرباني ڪرڻ لاءِ قربانيءَ جا جانور ساڻ ڪيائون ۽ حج جي نيت ڪري سفر تي روانا ٿيا. ذوالحج جي چوٿين تاريخ تي مڪي ۾ پهتا، اتي طواف ۽ سعي ڪيائون پر احرام نہ ڇوڙيائون. جڏهن تہ ساٿين کي حڪم ڏنائون تہ هو عمرو ادا ڪري احرام ڇوڙي ڇڏين ۽ وري ٻيهر احرام ان وقت ٻڌن جڏهن منلي ڏي روانگي جو وقت اچي. پاڻ بابت فرمايائون تہ مان قرباني جا جانور ساڻ ڪري آيو آهيان تنهن ڪري قرباني ڪرڻ کانپوءِ ئي احرام کوليندس ٻيا ماڻهو پنهنجي حج کي تمتع قرار ڏئي عمري جا مناسڪ ادا ڪري احرام کولي ڇڏين.

8 ذوالحج تي پاڻ منلي پهتاءِ ٻئي ڏينهن سج اڀرڻ کانپوءِ عرفات لاءِ روانا ٿيا. اتي پاڻ ان جڳهہ تي خيمو کوڙيائون جتي هاڻي مسجد نمره تعمير ٿيل آهي. سج لهڻ کانپوءِ پاڻ ڏاچي تي سوار ٿي ميدان ۾ نڪتا اتي ماڻهن کي جمع ڪري نهايت ئي فصيح ۽ بليغ انداز ۾ خطبو ڏنائون. ان خطبي ۾ پاڻ سڳورن رسالت جي مشن جي پوري ٿيڻ جي خبر پڻ ڏني. اهم موضوعن تي اسلام جا حڪم ٻڌايائون. ڪمزورن جا حق ادا ڪرڻ تي خاص توجہ ڏيڻ جي هدايت ڪيائون. حج لاءِ جيڪو عيسوي ڪئلينڊر وارو رواج مقرر هو ان کي رد ڪيائون ۽ مسلمانن کان ان ڳالهہ جي گواهي ورتائون تہ هن پنهنجي دين جي تبليغ جو حق پورو ڪري ڇڏيو آهي. سموري ميڙ هڪ آواز ٿي ڪري گواهي ڏني ۽ پاڻ فرمايائون تہ اي الله ! ان تي گواهہ رهجان.



Marfat.com

## حج جو خطبو:

هن حج ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي جيئن ته ايتري هجوم ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو آواز پري تائين نه پئي پهچي سگهيو، ان لاءِ پاڻ ربيعه رض بن اميه بن خلف کي ڪجهه مفاصلي تي بيهاريائون ۽ جيڪي ڪجهه پاڻ فرمائيندا ٿي ويا ، ربيعه اُن کي وڏي واڪي ماڻهن سامهون ورجائيندو ٿي ويو. پاڻ سڳورن ﷺ جن جو خطبو ان وقت قلمبند نه ٿيو هو پر ان جا مختلف حصا ماڻهن جي حافظي ۾ محفوظ رهيا ۽ اُتائين اهي حديث جي ڪتابن ۾ نقل ٿيل آهن. انهن روايتن کي سهيڙي خطبي جي بنيادي نڪتن کي پيش ڪيو ويو آهي.

سڀ کان پهريان پاڻ ﷺ جن ماڻهن کي خاموشيءَ سان خطبي ٻڌڻ جي تلقين ڪيائون ۽ ٻڌايائون ته شايد هن جڳهه تي هيءُ منهنجو آخري خطبو هجي." اي انسانو ! منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو، ڇو ته مان نه ٿو سمجهان ته هن جڳهه تي ، هن سال کانپوءِ وري اوهان سان ملي سگهان".

## جان ۽ مال جو تحفظ:

جڏهن ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جن ڏانهن متوجه ٿيا ته پاڻ اُنهن کان سوال پڇيائون ته هيءُ ڪهڙو مهينو آهي؟ ماڻهن جواب ڏنو ته " ذوالحج جو مبارڪ مهينو آهي." ان تي پاڻ فرمايائون ته " جهڙيءَ طرح هيءُ مهينو حرمت وارو آهي اهڙيءَ طرح توهان جي جان ۽ مال به الله تعاليٰ هڪ ٻئي تي حرام قرار ڏنو آهي.ايسيتائين جو توهان وڃي پنهنجي رب سان ملو" پاڻ وري سوال پڇيو ته " اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ " ته ماڻهن جواب ڏنو ته "هيءُ حج جو ڏينهن آهي". ته ان تي فرمايائون ته "الله تعاليٰ توهان تي توهان جي جان۽ مال به هن مهيني جي حرمت وانگر حرام ڪري ڇڏيا آهن، ايسيتائين جو توهان وڃي پنهنجي رب سان ملو."

پاڻ ڪريمن ﷺ جن وري ماڻهن کان پڇيو ته "هيءُ ڪهڙو شهر آهي؟" ته ماڻهن جواب ڏنو ته " هيءُ مڪي مڪرمه جو شهر آهي." ان تي پاڻ فرمايائون ته " الله تعاليٰ توهان جون جانيون ۽ مال هن مهيني جي حرمت وانگر حرام ڪري ڇڏيون آهن.ايسيتائين جو توهان وڃي پنهنجي رب سان ملو."

توهان جلد ئي پنهنجي مالڪ حقيقيءَ سان ملندو ۽ توهان کان



Marfat.com

توهان جي اعمالن بابت پڇا ڪنديو. مان توهان تائين هي ڳالهه صحيح نموني پهچائي ڇڏي آهي.

دور جاهليت جي ٿيل سيني خونن جي دعوائن کي ختم ڪيو وڃي. ان جي شروعات مان پنهنجي مائٽ ربيع بن الحارث جي خون معاف ڪرڻ سان ڪريان آئنده ڄاڻي واڻي ڪيل خون جو بدلو ورتو ويندو. اهو قتل جيڪو لٺ يا پٿر جي ڌڪ سان ٿئي ته ان جي معاوضي طور هڪ سو اُٺ ڏيڻا پوندا. جنهن ان کان وڌيڪ مطالبو ڪيو ته اهو جاهلن ۾ ليکيو ويندو.

جنهن شخص وٽ ڪا امانت هجي ته اها مالڪ کي واپس ڪري جنهن ان کي امين سمجهي ان وٽ امانت رکي هجي. وياج کي ختم ڪيو وڃي پر توهان پنهنجي اصل مال جا حقدار آهيو نه توهان ڪنهن تي ظلم ڪيو نه ئي توهان جا حق ماريا ويندا. اهو الله جو فيصلو آهي ته هاڻي وياج جو ڪاروبار نه هلندو. تنهن ڪري مان سڀ کان پهرين عباس رضه بن عبدالمطلب جو سمورو وياج ختم ٿو ڪيان".

## زالن جا حق

" اي انسانو! توهان جي زالن تي هڪ حق توهان جو به آهي ۽ توهان تي هڪ حق زالن جو پڻ ، انهن تي توهان جو اهو حق آهي ته اهي توهان جي بسترن تي ٻين مردن کي نه سمهارين. جيڪو توهان کي قطعي پسند نه آهي. انهن جي اِ ها به ذميداري آهي ته اهي ڪنهن بي حيائي جو مظاهرو نه ڪن. جيڪڏهن هو ائين ڪن ته انهن کي پنهنجي بستري کان پري ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي اهڙي جسماني سزا ڏيو جيڪا انهن جي جسم تي ڪو نشان نه ڇڏي . پوءِ جيڪڏهن اهي سڌري وڃن ته انهن کي رواج مطابق کارايو ۽ پارايو."

" منهنجي هي وصيت ياد ڪري ڇڏيو ته زالن سان ڀلائي ڪريو ڇو ته هو توهان جي نگرانيءَ هيٺ آهن ۽ پاڻ ڪجهه نٿيون ڪري سگهن . ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته الله جي امانت طور اهي اوهان کي مليون آهن ۽ انهن سان ازدواجي تعلقات الله پاڪ جي حڪم تحت ئي حلال ڪيا ويا آهن."



Marfat.com

## غلامن سان حسن سلوڪ:

. ڏسو! غلامن جو خيال رکجو پنهنجي غلامن کي ترجيح ڏيو جيڪو پاڻ کائو انهن کي کارايو جهڙو لباس توهان پاڻ پهريو اهڙو ئي انهن کي پهرايو. انسانو منهنجي ڳالهه کي صحيح طرح سان سمجهو ڇو جو مون پيغام پهچائي ڇڏيو"

## ڪتاب ۽ سنت:

اي انسانو! شيطان ان ڳالهه کان مايوس ٿي چڪو آهي ته وري ڪڏهن به هِن سر زمين تي، اُن جي عبادت ڪئي ويندي، پر هو ان ڳالهه تي قانع آهي ته جيڪي به ڪڏا ڪم يا عمل آهن توهان کان انهن جي اطاعت ڪرائي. تنهنڪري پنهنجي دين جي معاملي ۾ هوشيار رهجو. مان توهان جي وچ ۾ هڪ واضح شيءِ ڇڏي وڃي رهيو آهيان جيڪڏهن توهان ان کي مظبوطيءَ سان جهلي ورتو يا ان تي عمل پيرا رهيو ته ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندوءِ.

اهو آهي الله جو ڪتاب ۽ نبيءَ جي سنت . اي انسانو منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌوءِ چڱيءَ طرح سمجهو."

## انساني مساوات:

" اي انسانو ! توهان جو رب هڪ آهي ، توهان جو پيءُ هڪ آهي ، توهان سڀ آدم مان پيدا ڪيا ويا آهيو ۽ آدم ۽ حوا مٽيءَ مان پيدا ڪيا ويا هئا. الله وٽ توهان مان سيني کان گهڻو عزتدار اُهو آهي جيڪو توهان سيني مان گهڻو متقي آهي. ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي ۽ ڪنهن عجميءَ کي عربيءَ تي ڪابه برتري حاصل نه آهي يا ڪنهن گوري کي ڪاري تي ڪابه برتري يا فوقيت حاصل ناهي. سواءِ ان جي ته اُنهن کي تقويٰ جي بنياد تي هڪ ٻئي کان برتري حاصل هجي. اهو سمجهي ڇڏيو ته هر مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي. تنهنڪري ڪنهن شخص کي پنهنجي ڀاءُ جي ڪا شيءِ کڻڻ صحيح نه آهي ايستائين جو هُو ان کي پاڻ خوشيءَ سان نه ڏئي. هڪ ٻئي جا ڪڏهن به حق نه کائجو- مون کان پوءِ ڪفر نه ڪجو جو هڪ ٻئي کي مارڻ لڳو".

اي انسانو! الله تعاليٰ هر وارث جو حصو ميراث ۾ مقرر فرمايو آهي.



Marfat.com

مال ۾ وصيت ٽئين حصي مال کان وڌيڪ ڪرڻ جائز نہ آهي. اولاد جنهن جي پلنگ تي ڄمندو اُن جو ٿي چورائيندو ۽ زانيءَ کي محرومي جو منهن ڏسڻو پوندو. جنهن شخص پاڻ کي پنهنجي پيءُ کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو پٽ سڏرايو يا پاڻ کي ڪنهن ٻئي ڏانهن منسوب ڪيائين يا وري ڪنهن غلام پنهنجي آزاد ڪندڙ جي بدران ڪنهن ٻئي سان تعلق رکيو تہ ان تي الله ، ان جي فرشتن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي. قيامت جي ڏينهن ان جرم جو ڪوبہ فديو يا بدلو قبول نہ ڪيو ويندو. اي انسانو ! مون کان پوءِ ڪوبہ نبي نہ ايندو ۽ نہ ئي توهان کانپوءِ ڪا ٻي امت ايندي. خبردار رهو. پنهنجي پروردگار جي عبادت ڪريو، پنج وقت نماز پڙهو، رمضان المبارڪ جي مهيني جا روزا رکو، دلي خوشي سان پنهنجي مال مان زڪوات ڏيو، خدا پاڪ جي گهر جو حج ڪيو ۽ پنهنجي اڳواڻن جي اطاعت ڪريو. توهان پنهنجي رب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندوءِ."

## نسيءَ جي ممانعت

اي انسانو! نسيءَ جو طريقو ڪفر ۾ وڌيڪ اضافو ڪندو آهي. جنهن جي ڪري ڪافر گمراهہ ٿي پوندا آهن اهي هڪ سال اضافي مهيني کي حلال ڪري ڇڏيندا آهن تہ وري ٻئي سال انهيءَ ئي مهيني کي حرام قرار ڏيندا آهن تہ جيئن هو مهينن جي ان تعداد کي پورو ڪندا رهن جنهن کي خدا تعاليٰ حرام قرار ڏنو آهي. بس پوءِ اهڙيءَ طرح سان هو الله تعاليٰ جي حرام ڪيل شين کي حلال ۽ حلال ڪيل شين کي حرام ڪري ڇڏيندا آهن. اڄ وقت پنهنجو ڦيرو پورو ڪري وري ساڳي شڪل ۾ اچي ويو آهي جهڙي طرح اهو آسمان ۽ زمين جي ٺهڻ واري ڏينهن هو. بيشڪ الله وٽ مهينن جو تعداد ٻارنهن آهي ۽ انهن ٻارنهن مان بہ چار مهينا احترام وارا آهن- ٽي تہ لڳاتار آهن ( يعني ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم) ۽ چوٿون رجب جو مهينو آهي جيڪو جمادي الآخر ۽ شعبان جي وچ ۾ اچي ٿو."

ان کانپوءِ رسول ﷺ جن چيو تہ " اي منهنجا رب ڇا مان تنهنجو پيغام پهچائي ناهي ڇڏيو؟." ان تي ميڙ مان آواز آيو تہ " ها اوهان پيغام پهچائي ڇڏيو." ان تي رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو " اي الله! تون پاڻ گواهہ رهہ." پوءِ مجمع کي خطاب ڪندي فرمايائون تہ " توهان کان



Marfat.com

منهنجي باري ۾ سوال ڪيو ويندو ته ڪهڙو جواب ڏيندؤ؟" ماڻهن جواب ڏنو ته "اسان گواهي ڏينداسين ته اوهان پيغام پهچائڻ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، امت جي خير خواهي ڪيو، جهالت جي اونداهيءَ مان ڪڍي حق جي نور سان روشن ڪيو، امانت کي ان طرح ادا ڪيو جهڙي طرح ان کي ادا ڪرڻ جو حق آهي." ان تي پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته "اي الله ! گواهه رهجان، اي الله گواهه رهجان، اي الله گواهه رهجان."

ان کانپوءِ پاڻ تلقين ڪيائون ته "جيڪي ماڻهو هتي موجود آهن اهي هي سڀ ڳالهيون انهن ماڻهن تائين پهچائين جيڪي هتي موجود ناهن."

## ڪجهه وضاحتون:

حضور اڪرم ﷺ جن جي خطبي ۾ ڪجهه ڳالهيون وضاحت طلب آهن:

سندن هجوم کان پڇڻ ته هي ڏينهن، مهينو ۽ شهر ڪهڙو آهي ته انهن جو مقصد مجمعي جو سڄو ڌيان خطبي ڏانهن ڇڪرائڻ لاءِ هو. ٻي ڳالهه ته جاهليت واري دور ۾ به عرفات واري ڏينهن، مڪي شريف ۽ شهر حرام جو تقدس رکيو ويندو هو ۽ انهن جي حرمت کي ضايع ڪرڻ سڀ کان وڏو گناهه هو. ان ڪري حضور ﷺ ٻين جي جان ۽ مال جي تقدس کي به حج ۽ ڪعبت الله جي تقدس برابر قرار ڏنو.

حضور اڪرم ﷺ جن ربيع بن الحارث جي قتل کي معاف ڪري ڇڏيو. هي قتل دور جهالت ۾ ٿيو هو جڏهن ربيعه کي کير پيارڻ لاءِ بنو ليث موڪليو ويو هو ته هذيل ان ٻار کي قتل ڪري ڇڏيو. هن قتل جو بنو هاشم ۾ اڃان تائين فيصلو ٿيڻو هو. ساڳيءَ طرح عباس رض بن عبدالمطلب جو مڪي ۾ وڏو وياج جو ڪاروبار هوندو هو. پاڻ سيني کان پهرين ان کي ختم ڪري وياج جي خاتمي جو پهريون مثال قائم ڪيائون.

نسي قريشن جي مروج ٿيل رسمن مان هڪ رسم هئي. هو هر ائن سالن کانپوءِ سال ۾ ٽن مهينن جو اضافو ڪري قمري مهينن کي شمسي مهينن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندا هئا. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته حج هميشه هڪ ئي خوشگوار موسم ۾ ايندو هو. پر ٻئي طرف عظمت پريا مهينا پنهنجن جڳهن کان هٽي ويندا هئا. اهڙيءَ طرح حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال ۾ تبديل ڪيو ويندو هئو. مهينن جو هي چڪر ٺيڪ

Marfat.com

36 سالن ڪانپوءِ رسول الله ﷺ جن جي حج جي موقعي تي پورو ٿي ويو ۽ سن 10 هه جو حج ، ان وقت ٿيو جڏهن ذوالحج اصل ۾ ٿي ذوالحج هو۔انهيءَ ڪري رسول ﷺ جن فرمايو تہ وقت چڪر ڪاٽي وري پنهنجي اصلي جڳهہ تي اچي پهتو آهي. آئنده لاءِ نسيءَ جو رواج ختم ٿو ڪيو وڃي ۽ حج قمري سن مطابق ٿيندو۔

خطبي کان فارغ ٿي پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت بلال رضہ کي آذان جو حڪم ڏنائون ۽ ظهر ۽ عصر جون نمازون الڳ الڳ اقامتن سان هڪ ئي وقت ۾ جمع ڪري پڙهايائون. پوءِ پاڻ جبلِ رحمت طرف ويا ۽ اتي ئي ترسيا ايتري تائين جو سج لهڻ لڳو ۽ سج لهڻ ڪانپوءِ پاڻ مزدلفا روانا ٿيا. ماڻهو سندن ڏاچيءَ سان گڏ پڳا پئي تہ پاڻ انهن کي آرام ۽ سڪون سان هلڻ جي هدايت تي ڪئي. مزدلفا پهچي پاڻ مغرب ۽ عشاءَ جون نمازون الڳ الڳ اقامتن سان گڏ پڙهايائون. ۽ فجر جي نماز تائين مڪمل آرام فرمايائون. فجر جي نماز ڪانپوءِ پاڻ مشعرِ حرام جي پرسان پهاڙي تي وقف ڪيائون ايسيتائين جو روشني ڦهلجي وئي پوءِ پاڻ منيٰ روانا ٿيا. رمي جمره (شيطان کي پٿريون هڻڻ جو عمل) ڪانپوءِ پاڻ قربانيءَ جي 63 اٺن کي پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪُنائون ۽ بيا جانور حضرت علي رضہ جي حوالي ڪيائون تہ جيئن هو انهن کي ذبح ڪري. منيٰ ۾ قيام دوران حضور اڪرم ﷺ جن ماڻهن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. حج جي رڪنن ۽ بين مناسڪن جي ادائيگي ڪانپوءِ پاڻ مديني منوره طرف واپس روانا ٿيا.



Marfat.com

# قدسي ظهور

مولانا حفظ الرحمٰن سيوهاروي
ترجمو: فضل الرحمٰن

دين ۽ قومن جي تاريخ شاهد آهي تہ حضرت عيسيٰ ع جي اچڻ کي اٽڪل ڇهہ صديون گذري چڪيون هيون . معمورہِ عالم خدا جي پيغمبرن ذريعي حاصل ڪيل حق جي سچائي کي فراموش ڪري چڪو هو . سمورو انساني نسل خدا بدران ظاهري شين جي پوڄا ۾ قاتل هو ۽ هر قوم ۽ هر ملڪ ۾ انسان کان وٺي جمادات پوڄا تائين وڏو ناز سمجهيو ويندو هو. ڪو انسان کي خدا جو اوتار سڏي رهيو هو تہ ڪو خدا جو پٽ. جيڪڏهن هڪ گروهہ ماده پرست هو تہ ٻيو خود پنهنجي ئي روح کي خدا سمجهي رهيو هو.ڪٿي سج جي پوڄا هئي تہ ڪٿي چنڊ ۽ ستارن جي. ڪٿي حيوانن، وڻن ۽ پٿرن جي پوڄا آهي ڪٿي باهہ ، پاڻي،هواءِ مٽيءَ جي سامهون مٿو جهڪايو ٿي ويو . مطلب تہ ڪائنات جي هر شيءِ عبادت جي لائق ٻڌيل هئي ۽ جيڪڏهن نہ هئي تہ رڳو خدا جي ذات عبادت جي لائق نہ هئي. نہ ئي ان جي اڪيلي هئڻ جو تصور هو ۽ نہ ئي بي نياز هئڻ جو. جيڪڏهن ان کي مڃيو بہ ويو ٿي تڏهن بہ ٻين جي پوڄا ۽ عبادت ذريعي. اهو جيڪڏهن خالقِ موجودات هو تڏهن بہ ٻين جي واسطي ۽ محتاج هئڻ سان گڏ مادي بہ. روح ۽ ترڪيب ۾ سيني جو محتاج هو. جيڪڏهن مالڪ موجودات هو تڏهن بہ تہ انسانن، وڻن۽ پٿرن جي زور تي. مطلب تہ سموري دنيا ۾ اصل ڪارنامو ظاهري شين جو هو ۽ ذات حق لاءِ رڳو نالو. حقيقتن کان نظرون هٽيل هيون . حق جي ذات کان دوري هئي، ۽ ظاهري شين جي پوڄا جو مقصد سعادت حاصل ڪرڻ هو. خالق کان دوري هئي، پر مخلوق جي عبادت ڪرڻ عام شعار سمجهيو ٿي ويو .



Marfat.com

اهو هو اهو اونداهون دور، جنهن ۾ " سنت الله " يعني خدا جي قانونِ هدايت و ضلالت، ڪي ورڻ دهرايو ويو ۽ غيرتِ حق، فطرت جي قانون رد عمل ڪي حرڪت ڏني هدايت جو سج ، برج سعادت ڪان اڀريو ۽ هرپاسي شرڪ و ڪفر، جهالت ۽ رسم و رواج جي ڇانيل اونداهين ڪي ختم ڪري عالمِ هستي ڪي علم يقين جي روشني سان منور ڪري ڇڏيو. 9 ربيع الاول بمطابق 20 اپريل 571ع ( جديد تحقيق مطابق 17 جون سومر)اها صبح سعادت هئي ، جڏهن تهذيب ۽ تمدن ڪان محروم، سر زمين مڪي جي هڪ معزز قبيلي بنو هاشم ۾ عبدالله بن عبدالمطلب وٽ بي بي آمنہ بنت وهب جي مشڪوهِ معليٰ ڪان رسالت جو سج محمد ﷺ اڀريو.

خدايا ! اهو صبح ڪيڏو نہ سعادت وارو هو جنهن ڪائنات رشد ۽ هدايت جي ظاهر ٿيڻ جو نغمو ٻڌايو. اهو لمحو ڪيڏو نہ مبارڪ ۽ ساراهہ جوڳو هو ، جيڪو سڄي دنيا لاءِ خوشي جو پيغام بڻيو. دنيا جو ذرو ذرو زبانِ حال سان گيت ڳائي رهيو هو تہ وقت اچي پهتو آهي جو عالمِ هستي جي بدبختي دور ٿي ۽ سعادتِ مجسم سان دنيا معمور ٿي . شرڪ ۽ ڪفر جي اونداهي جو پردو ڦاٽي پيو. هدايت ۽ روشنيءَ جو سج اڀري ظاهر ٿيو. مظاهر پرستي هٽي ويئي ۽ واحد خدا جي توحيد زندهہ ٿي. دنيا تہ ڇا ملڪ قبيلي ۽ خاندان ڪي بہ اها خبر نہ هئي تہ دنيا جا مذهب جنهن رسالت جي سج اڀرڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن اهو هن غير متمدن سر زمين ۽ عبدالمطلب جي گهراڻي مان منور ٿيندو تہ ان جي ولادتِ با سعادت ڪي خاص اهميت ڏين ها ۽ تاريخ ولادت ڪي پنهنجن سينن ۾ محفوظ رکن ها، پر جنهن ڪائنات جي خالق جي تقدير ڪيس مقدس هستي بڻائڻ جو فيصلو ڪيو، ان ئي قدرت سندس ولادتِ با سعادت لاءِ هڪ تاريخي نشان بہ ظاهر ڪري ڏيکاريو ۽ اهو " اصحاب الفيل جو واقعو" هو.

معتبر ۽ مستند روايتون شاهد آهن تہ حضور ﷺ جن جي ولادت ان واقعي ڪان ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ ٿي . هي واقعو جن خاصيتن سان سمايل آهي، ان ڏس ۾ هي واقعو عرب وارن خاص ڪري اهل حجاز وارن لاءِ نهايت عجيب ۽ حيران ڪندڙ هو ۽ ان ڪري اهي ان ڪي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهيا، ان لاءِ انهن ان سال جو نالو ئي "عام الفيل"رکي



Marfat.com

ڇڏيو (يعني هاٿين وارو سال) پر اهي اهو سمجهڻ کان بي خبر رهيا تہ هيءُ واقعو ڪنهن جليل القدر هستيءَ جي اچڻ جي نشاني آهي. جيڪا هڪ ڏينهن سيني انسانن کي توحيد جي مرڪز ۽ ابراهيم ع جي قبلي ڏانهن جمع ڪري ڇڏيندي ۽ ان کي غير الله (يعني بتن) جي ناپاڪاين کان پاڪ ڪري الله جي توحيد جي نصرت لاءِ خاص ڪري ڇڏيندي ڇو تہ اها ئي پهرين جاءِ هئي جيڪا الله واحد جي عبادت لاءِ ٺاهي ويئي هئي. هيءُ ڪو مندر نہ هو، جنهن ۾ مورتين جي پوڄا ڪئي ويجي. هي گرجا يا ڪليسا بہ نہ هو، جو مريم ع ۽ يسوع مسيح ع جي مجسمن آڏو سر جهڪايو وڃي ۽ نہ ئي هي آتش ڪدو هو، جو باهہ کي نور جو مظهر سمجهي، ان جي پرستش ڪئي وڃي ۽ نہ ئي هي صلوتِ يهود هو. جو حضرت عزير عليه السلام کي خدا جو پٽ ٻڌائي، ان جي احترام جا نغما ڳايا وڃن. پر هي فقط خدا ۽ رڳو هڪ خدا جي عبادت لاءِ ٺاهيو ويو هو.

مطلب تہ بعثت کان پوءِ جڏهن قدرت "عام الفيل" کي پاڻ سڳورن ﷺ جي ولادت جو راز ٻڌائي ڇڏيو. تڏهن دنيا سمجهيو تہ ابرهہ ۽ ان جي لشڪر کان ڪعبتہ الله جي حفاظت ان لاءِ هئي جو اهو وقت قريب هو جڏهن ٻيهر هيءُ مقدس مقام خداءِ واحد جي عبادت ۽ خالص توحيد جي مرڪز هئڻ جو شرف حاصل ڪرڻ وارو آهي پوءِ جيڪا بہ طاقت ان عظيم مقصد سان ٽڪرائيندي تہ پاڻ ئي پورا پورا ٿي ويندي.

ابرهہ عيسائي هو ۽ عرب مشرڪ، پوءِ ڪير ٿي چئي سگهيو تہ ابرهہ ۽ سندس لشڪر جي بربادي قريش جي نصرت ۽ حمايت لاءِ هئي؟ نہ، پر ان لاءِ تہ ابرهہ جي خواهش الله جي مرضي جي خلاف هئي تہ يمن (صنعا) ۾ جيڪا خوبصورت گرجا پٽ، پيءُ ۽ روح القدس جي تثليث کي ڦهلائڻ لاءِ ٺاهي وئي هئي، اتي ڪعبتہ الله کان ڏيان هٽائي ان ڏانهن ڏيان ڇڪايو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ هن ڪعبتہ الله تي فوج جي چڙهائي ڪئي. قريش تہ ڇا، سڄو عرب ان اڳيان عاجز هو. ابرهہ، وقت جي سيني هٿيارن ۽ سامان سان گڏ ۽ قريش هر شيءِ کان وانجهيل. تڏهن خدا جي قدرت تحرڪ ۾ آئي ۽ دنيا ڏٺو تہ دنياوي طاقت جي تڪبر تي الله جي قوت سان ٽڪرائڻ وارو فنا جي ور چڙهي ويو ۽ توحيد جو مرڪز، ڪعبو، خدا جي حفاظت ۾ قائم ۽ دائم رهيو. بيشڪ! ان ڳالهہ ۾ وڏي عبرت آهي، ان شخص لاءِ، جيڪو خدا جو خوف رکي ٿو! .



Marfat.com

تائين پهچايو ۽ سندن ذميواري ختم ٿي وئي هاڻ اسين آزاد آهيون ته اسين ان پيغام کي ڪيئن ٿا ڏسون.

مسلمانن جو ٽيون طبقو حضور ﷺ جن سان محبت ۽ عقيدت رکندو آهي. انهن جو تصور اهو آهي ته حضور ﷺ جن ۾ الله واريون صفتون هيون ، هو بشر کان ايترو ته بلند مقام تي فائز هئا جو ڪائنات جي خالق جهڙا ٿي هيا. پاڻ سڳورا ﷺ هاڻ به حاضر ۽ ناظر آهن ۽ دنيا ۾ ماڻهن جي مدد ڪن ٿا.اهو طبقو خوشفهمين ۾ مبتلا آهي ۽ رسول جي اصل مقام ۽ سندن فرائضن کان نا واقف آهي.

چوٿون طبقو صوفين جو طبقو آهي جيڪو وري رسول الله ﷺ جي آندل وحيءَ کي ظاهري علم ۽ شريعت کي کنهن ميوي جي کل وانگر غير اهم قرار ڏئي ٿو. ان جي برعکس انهن وٽ اصل علم باطني علم آهي جيڪو سيني به سيني منتقل ٿيندو ۽ ميوي جي مغز وانگر هوندو آهي ان کي علمِ طريقت چئبو آهي جيڪو کنهن مرشد جي اجازت کانسواءِ حاصل نه ٿيندو آهي. ۽ مرشد ان طريقت جي رازن جو امين هوندو آهي.

مٿي ذکر ڪيل چئني طبقن جو رسالت جو تصور، قرآن کان بي خبري ، رسول الله ﷺ جن جي جدوجهد کان نا واقفيت ، حضور ﷺ جن سان انڌي ۽ بوڙي عقيدت ۽ پاڻ سڳورن جي حيثيت ۽ فرضن جي باري ۾ قياس آرائين تي مشتمل آهي. جڏهن بنياد ئي غلط هجي ته ان تي تعمير ڪيل عمارت ڪيئن صحيح ٿي سگهندي ؟ ان ڪري اهو ضروري آهي ته پاڻ سڳورن ﷺ جي فرضن ۽ ذميوارين کي چڱيءَ طرح واضح ڪيو وڃي.

## رسول الله ﷺ جن جون منصبي ذميواريون:

حضرت اسماعيل ۽ حضرت ابراهيم ع جن جڏهن ، پنهنجي نسل ۾ ، هڪ عظيم نبيءَ جي پيدائش جي دعا گهري هئي ته ان جون ذميواريون به ٻڌايون هيون يعني آيتن جي تلاوت، پاڪ ڪتاب جي تعليم ، حڪمت جي تعليم ۽ نفسن جي پاڪائي. انهن ذميوارين کي جنهن عظيم شخصيت پرپور انداز ۾ پورو ڪيو اُها نبي ڪريم ﷺ جن جي پاڪ ذات هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن تي جيڪي آيتون نازل ٿيون



Marfat.com

انهن جو ئي مجموعو قرآنِ مجيد آهي ۽ جنهن جي حيثيت اُها ئي آهي جيڪا حضرت موسيٰ عہ جن تي نازل ڪيل ڪتاب توريت ۽ حضرت عيسيٰ عہ جن تي نازل ڪيل تعليم انجيل جي هئي. اهي سڀ آسماني ڪتاب هئا جيڪي الله تعاليٰ جي طرفان انسانذات جي ڀلائيءَ لاءِ مختلف دورن ۾ نازل ٿيا.

## قرآن جي تلاوت:

آيتن جي تلاوت جو مفهوم الله تعاليٰ طرفان نازل ڪيل آيتن کي پڙهڻ آهي.

پاڻ سڳورن ﷺ جن جي بعثت جيئن تہ اُمين ڏانهن هئي، جنهن مان مراد بني اسماعيل کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ناهي،تنهنڪري پاڻ سڳورن جي اصل ذميواري انهن جي سامهون آيتون پڙهڻ يا ٻوري ٻين لفظن ۾ انهن جي سامهون آيتون ٻڌائڻ هئي. جڏهن تہ مڪي جي اڪابر قريشن کي قرآن ٻڌائڻ ۽ ان جي تعليم کي قبول ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ پاڻ سڳورن ﷺ جن جو معمول هيو. پاڻ مسجد حرام ۾ خانہ ڪعبہ جي ديوارن جي ڀاڇي هيٺ بلند آواز سان تلاوت فرمائيندا هئا تہ جيئن قرآن جو پيغام قريشن جي ڪنن تائين پهچي ، جڏهن ڪجھ ماڻهو پاڻ سڳورن ﷺ جن سان ڪنهن معاملي ۾ الجهندا هئا تہ پاڻ ﷺ انهن کي بہ قرآن جون آيتون ٻڌائي تعليم سان آراستا ڪندا هئا . ڪجھ ماڻهو پاڻ اهو ڪلام ٻڌڻ جا خواهشمند هوندا هئا ۽ جن ماڻهن ۾ اها جرئت نہ هوندي هئي تہ ٻين ماڻهن جي سامهون ٻُڌن، اهي ان انتظار ۾ رهندا هئا تہ پاڻ سڳورا رات جي وقت خانہ ڪعبہ ۾ نماز ادا ڪرڻ لاءِ اچن تہ اهي ماڻهو بيت الله غلاف جي پويان لڪي قرآن ٻڌي پنهنجون خواهشون پوريون ڪندا هئا.

پاڻ سڳورن ﷺ جن تي ايما ن آڻڻ وارن لاءِ قرآن مجيد جو پڙهڻ ۽ ان کي ياد ڪرڻ تمام ضروري هو - دارِ ارقم ۾ تربيت حاصل ڪرڻ واري جماعت اسلام جي بهترين جانثار جماعت ثابت ٿي ۽ ان بہ قرآنِ ڪريم جي آيتن جي تلاوت جي ڪم ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو ساٿ ڏنو-

قريش اڳواڻن کي آيتن جي تلاوت تي تمام گهڻي ڪاوڙ ايندي هئي تنهنڪري اهي پنهنجي ڪنن ۾ ڪپھ وجهي ڇڏيندا هئا. حضرت ابو



Marfat.com

بڪر رضہ جن جڏهن پنهنجي گهرجي اڳڻ ۾ قرآن جي آيتن جي تلاوت ڪندا هئا تہ ڪجهہ ماڻهو ان کي ٻڌڻ لاءِ ٽولا ٽاهي ويهندا هئا.

نبي ڪريم ﷺ جن کي قريش ٽوڪيندا هئا تہ هو پنهنجي دعوت ڦهلائڻ بند ڪري ، ان تي پاڻ سڳورا ﷺ کين چوندا هئا تہ "مونکي حڪم آهي تہ مان قرآن ٻڌائيندو رهان . جيڪو شخص ان مان هدايت حاصل ڪندو تہ اهو پنهنجي فائدي لاءِ ائين ڪندو." پر قريش اڳواڻ جيڪڏهن قرآن ٻڌي بہ وٺندا هئا تہ بہ تڪبر جو مظاهرو ڪري ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندا هئا پر جيڪڏهن ٻڌڻ جو اقرار بہ ڪندا هئا تہ ڪڏهن انکي جادو چوندا هئا تہ ڪڏهن وري پوئين قومن جي قصن ۽ افسانن جو هڪ مجموعو ، اهي ان کي الله جو ڪلام چوڻ لاءِ تيار نہ هوندا هئا.

حضور ﷺ جن رمضان المبارڪ ۾ تمام ڪثرت سان تلاوت فرمائيندا هئا. اهو ئي ذوق ۽ شوق اُمت ۾ بہ منتقل ٿيو ۽ اڄ بہ پوري دنيا ۾ مسلمان قرآن جي تلاوت ۽ قرآن حفظ ڪرڻ کي هڪ سعادت جو ڪم سمجهندا آهن۔

## قرآن جي تعليم:

رسولن جي حوالي سان ، قرآن جو هڪ مفهوم آسماني وحي ۽ ان تي مشتمل ڪتاب آهي. قرآن مجيد جي باري ۾ آهي تہ هيءُ آسماني ڪتاب آهي جنهن جي آسماني ڪتاب هجڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي شڪ جي گنجائش ناهي. قرآن جو ٻيو مفهوم شريعت جو قانون آهي مثلاً فرمايو ويو آهي "۽ ويجها مائٽ الله جي قانون ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو آهن" تعليم مان مراد ڪنهن کي وڏي اهتمام سان علم سيکارڻ آهي ، ان اهتمام جي تقاضا آهي تہ قرآن جڏهن ٻڌايو ۽ پڑهايو وڃي تہ ان کي هر پهلوءَ کان واضح ڪيو وڃي . ٻڌڻ وارن جو جيڪڏهن سوال هجي تہ ان جو جواب ڏنو وڃي ، انهن مان جيڪڏهن ڪوئي اعتراض ڪري تہ ان کي ختم ڪرڻ لاءِ وضاحتون پيش ڪجن. حديثن ۾ ماڻهن جا سوال ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جا جواب نقل ٿيل آهن. ساڳيءَ طرح مدينہ جا يهودي پاڻ سڳورن ﷺ کان طرح طرح جون وضاحتون طلب ڪندا هئا ۽ پاڻ سڳورا نهايت خشوع ۽ خضوع سان انهن جا جواب ڏيندا هئا ۽ کين



Marfat.com

مطمئن ڪندا هئا. سوال و جواب جي اها عادت ماڻهوءَ کي غلط تربيت به ڏيندي آهي ۽ اهو غير ضروري سوال پڇي معاملا مشڪل به بڻائي سگهي ٿو. انڪري جڏهن ايمان وارن وٽان ڪجهه نا مناسب سوال آيا ته قرآن انهن کي اِن ڪان روڪيو ۽ هدايو ته قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ کي ڏکيو بڻائي ڇڏيندئو.

قرآن جي تعليم جي ان فرض کي پورو ڪندي حضور ﷺ جن تمام عبادتون ۽ اصلاح مثلاً وضوء ، صلوات، زڪوات، روزو، حج،طواف، قرباني ۽ عمري وغيره جي عملي صورت مقرر ڪئي ۽ سموريءَ امت کي ان جي تربيت ڏني.اهڙيءَ طرح دينِ اسلام قرآن ڪريم جي اصلي تعليم ۽ سنتِ نبوي جي روشني جي وضاحت سان مڪمل ٿيو آهي ، انهن مان ڪنهن هڪ کي به جيڪڏهن توهان غير ضروري قرار ڏنو ته پنهنجي دين جي عمارت کي توهان قائم نه ڪري سگهندئو.

قرآني تعليم جو فرض ادا ڪندي حضور ﷺ جن اُمت کي جيڪو دين سيکاريو اهو قيامت تائين دين اسلام جي نالي سان قائم رهندو.جيڪو شخص اسلام قبول ڪري ٿو ۽ اهو پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ انجي ڪنهن حصي کان انڪار ڪري ٿو ته اهو مسلمان نه ٿو رهي سگهي پلي اهو حضور ﷺ جن سان ڪيتري به عقيدت جو اظهار ڪري.

## تعليمِ حڪمت:

حڪمت مان مراد عقل ۽ دانشوري جي اها پختگي آهي جنهن سان صحيح فڪر ۽ صحيح عمل وجود ۾ ايندو آهي، آسماني هدايت ۾ جيئن شريعت جا حڪم ڏنا ويڃن ٿا اهڙيءَ طرح زندگيءَ جو صحيح فلسفو ۽ هر ضروري معاملي ۾ درست فڪر به واضح ڪيو وڃي ٿو.هن هدايت کي قبول ڪرڻ وارو شخص زندگيءَ جي سڀني مسئلن ۾ صحيح سوچ اختيار ڪري ۽ الجي روشنيءَ ۾ قدم کڻندو آهي.حڪمت الله تعاليٰ جو هڪ عطيو آهي ۽ نبي سائين جن کي انجو معلم بڻايو ويو. پاڻ ﷺ جن ان حوالي سان پنهنجي حيثيت هن طرح بيان فرمائي ته "مان ته تقسيم ڪرڻ وارو آهيان ۽ عطا ڪرڻ وارو صرف الله تعاليٰ آهي." حڪمتي تعليم جو طريقو عقلن جي تربيت ۽ ڪردارن جي تعمير آهي. ڪنهن ۾ حڪمت منتقل ڪرڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي ته انجي مشق



Marfat.com

ڪرائي وڃي. فهم جي لاءِ روشني مهيا ڪئي وڃي ۽ غور و فڪر جي عادت وڌي وڃي.

رسول ﷺ جن قرآن تي غور و فڪر ۽ تدبر جي تربيت ڏيڻ ائين فرمائيندا هئا جو اصحابن سڳورن کان مجلسن ۾ اهڙا سوال پڇندا هئا جيڪي انهن کي سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏين ۽ انهن ۾ قرآن جي تعليم ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي. مثال طور پاڻ سڳورن ﷺ جن هڪ دفعو اصحابن سڳورن کان پڇيو ته اهو ڪهڙو وڻ آهي جيڪو مومن وانگر آهي. ماڻهو ريگستاني وڻن تي غور ڪرڻ لڳا پر حضور ﷺ جن فرمايو ته کجيءَ جو وڻ هڪ مومن وانگر آهي. قرآن مجيد ۾ ڪلمي جو مطلب هن ريت بيان ٿيل آهي ته جيئن هڪ بلند ترين ميويدار وڻ هجي جنهن جون پاڙون تمام گهرائيءَ ۾ هجن ۽ اهو الله تعاليٰ جي توفيق سان هر وقت ميوو ڏيندو رهي. هڪ مومن ماڻهو ان ڪلمي طيب تي ايمان رکندو آهي، ان جا عمل ۽ اخلاق نهايت بلند هوندا آهن جڏهن ته هڪ مومن جي مشابهت کجيءَ جي وڻ سان تمام واضح هوندي آهي.

حضور ﷺ جن ڳجهين شين جي وضاحت اهڙن مثالن سان سمجهائي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جو طريقو اهو هو ته جڏهن مسجد شريف ۾ ويندا هئا ۽ ڏسندا هئا ته صحابي سڳورا دين جي مسئلن تي غور و فڪر ڪري رهيا آهن ته انهن جي پرسان ويهي انهن جي گفتگو ۾ حصو وٺندا هئا. هڪ دفعو ڪنهن شخص پاڻ سڳورن ﷺ کي عرض ڪيو ته " اي پيغمبر مونکي ٻڌاءِ ته اهو ڪهڙو عمل آهي جيڪو مونکي جنت جي قريب ۽ جهنم کان ڏور ڪري ؟" پاڻ سڳورن فرمايو ته " تون الله جي عبادت ڪر، انکي ڪنهن سان شريڪ نه ڪر، نماز وقت تي ادا ڪر، زڪوات ڪڍ ۽ ٻين تي رحم ڪر". ڪنهن شخص وري پڇيو ته " مونکي ٿورن لفظن ۾ اها تعليم ڏي، جيڪا منهنجي نجات لاءِ ڪافي هجي." پاڻ ﷺ جن فرمايو " تون اها شاهدي ڏي ته مون الله تي ايمان آندو ۽ پوءِ ان تي قائم رھ" ڪنهن شخص دين جي حقيقت پڇڻ چاهي ته پاڻ ﷺ فرمايائون ته "دين خير خواهيءَ جو نالو آهي". ان پڇيو" ڪنهنجي ؟ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو" الله جي ، ان جي رسول جي ۽ هر عام مسلمان جي



Marfat.com

خير خواهي".

نبي سائينءَ جا ڪيترائي اصحابي سڀورا تمام وڏا دانشور هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ پنهنجي خلافت جي دور ۾ اهو اعلان ڪيو تہ " جيڪو شخص زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪندو تہ مان انکي قتل ڪندس ايستائين جو هو بيت المال ۾ پنهنجي پوري زڪوات جمع نہ ٿو ڪرائي". جڏهن صحابي سڀورن اهو چيو تہ زڪوات جا منڪر نماز پڙهڻ لاءِ تيار آهن، تنهنڪري مجبوريءَ تحت انهن کي معافي ڏني وڃي تہ سيدنا ابو بڪر رضہ فرمايو تہ "قرآن ۾ نمازءِ زڪوات جو ذڪر گڏو گڏ آيل آهي تنهنڪري مان بہ انهن ٻنهي ۾ فرق نہ ٿو ڪري سگهان ، ٻنهي جي منڪرن سان هڪجهڙو سلوڪ ٿيندو."

## نفسن جي پاڪائي-تزڪيہ نفوس:

رسول ﷺ جن جي مٿي ڏنل تمام فرضن ، آيتن جي تلاوت، قرآني تعليم ۽ تعليم حڪمت جو اصل مقصد تزڪيو آهي، جيڪو سڀني ئي نبين جي بعثت ۽ جدو جهد جو اصل مقصد رهيو آهي، نبين جي جدوجهد جو اصلي مقصد انسان ۽ معاشري جو تزڪيو هوندو آهي. آخرت ۾ نجات ۽ فلاح حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري قرار ڏنو ويو آهي تہ انسان پنهنجو تزڪيو ڪري. انڪانسواءِ جيڪڏهن ڪو جنت جي خواهش رکي ٿو تہ اُهو احمق آهي . ان لاءِ تزڪيو هڪ عام ضرورت جي شيءِ آهي. انجي علم کي صرف چند ماڻهن تائين محدود نہ ڪيو ويو آهي ۽ نہ ئي انکي راز بڻايو ويو آهي. نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجن ساٿين جي تربيت فرمائيندا ۽ انهن جي علم ، اخلاق ۽ ڪردار جي تعليم لاءِ انهن کي راهہ ڏيکاريندا هئا. پاڻ سڀورا اصحابن کي اهو تاڪيد فرمائيندا هئا تہ اُهي جيڪو ڪجهہ سندن صحبت ۾ ٻڌن ۽ ڏسن ، اهو ٻين تائين پهچائين.

تزڪيي جو مطلب ڪنهن شيءِ کي صاف سٿرو بڻائڻ. انکي نشو نما ڏيڻ ۽ تمام مٿي چاڙهڻ آهي.نفسي تزڪيي جو مفهوم هي آهي تہ نفس ۾ جيڪي غلط نظريہ آهن انهن کي پاڙن کان پٽيو وڃي. عادتن ۽ اخلاق جون جيڪي ڪمزوريون انهن ۾ پيدا ٿيون هجن انهن کي ٺيڪ ڪيو وڃي. فاني ۽ نفساني خواهشن جي جار مان ماڻهوءَ کي ڪڍيو



Marfat.com

وڃي ۽ انجو رجحان تبديل ڪيو وڃي ۽ انکي نيڪيءَ ۽ خدا تعاليٰ جي سچي راھہ تي هلايو وڃي . انسان کي ان قابل بڻايو وڃي تہ هو نيڪي ۽ بديءَ جي لڙائيءَ ۾ نيڪيءَ جو ساٿي ٿئي ۽ ان کي بديءَ جي مٿان غالب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري.

تزڪيو هڪ تمام وسيع عمل آهي ، ان ۾ زندگيءَ جو هر پهلو، خواه اهو ظاهري هجي يا باطني، عقلي هجي يا عملي، اخلاقي هجي يا اجتماعي۽ سياسي،زيرِ بحث اچن ٿا. انسان اهڙا قسمين قسمين ڪم ڪري جنهن سان انکي پنهنجي پروردگار جو قرب حاصل ٿي سگهي ۽ هو ٻين انسانن جا حق حاصل ۽ ادا ڪرڻ جي قابل ٿئي. تزڪيي جي عمل مان نڪرڻ کانپوءِ هڪ انسان ڪامل ٿيندو آهي ۽ پيغمبر اهڙي ئي قسم جا انسان تيار ڪندا آهن جن جي دم سان هيءَ دنيا قائم رهي.

رسول ﷺ جن جا بنيادي فرض اهي ئي آهن جن کي پاڻ سڳورن پورو ڪيو ۽ انهن کي اُمت ۾ رائج ڪيو.مسلمانن نبي سائينءَ جن جي ٻڌايل رستي کي اختيار ڪيو ۽ هر زماني ۾ انکي زنده رکيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ ان شخص تي حضور ﷺ جن جي هدايت سج وانگر روشن آهي جيڪو انجو طالب آهي . اُمت ان خزاني جي حفاظت پنهنجي جان کان بہ وڌيڪ ڪئي ۽ اڄ بہ هر طالب ان خزاني مان فائدو وٺي سگهي ٿو. جڏهن ان حقيقت کي نظر ۾ رکبو تہ حضور ﷺ جن الله تعاليٰ جا آخري نبي آهن ۽ قرآن قيامت جي ڏينهن تائين رهڻ وارو آسماني ڪتاب آهي تہ اُمت جي مختلف طبقن جا اهي رويا، جن جو ذڪر مٿي ٿيو ، ڪنهن بہ طرح سان صحيح نہ آهن. اهي نہ تہ رسول الله ﷺ جي حيثيت سان مطابقت رکن ٿا ۽ نہ ئي آسماني هدايت کي اهو مقام ڏين ٿا جيڪو الله تعاليٰ جي ٺاهيل نظام ۾ انهن کي بخشيل ۽ نوازيل آهي.



Marfat.com

# حضور اڪرم ﷺ جن جا اخلاق ۽ خوبيون

حافظ اسلم جيراج پوري
ترجمو: غلام حسين چانڊيو.

حضرت محمد ﷺ جن جي ڪوشش جي ڪامياب ٿيڻ جو سبب سندن صورت جو جمال ۽ اخلاق جو ڪمال هو. جيتوڻيڪ سندن رستي ۾ ڪيترين ئي مخالفتون ۽ رڪاوٽون آيون، اهڙو جمال ۽ ڪمال اڄ تائين دنيا ۾ ڪنهن کي به نصيب نه ٿيو آهي. ڪيترائي ماڻهو رڳو سندن چهرو مبارڪ ڏسي ئي مسلمان ٿي ويندا هئا ۽ پاڻ سڳورن جي دعويٰ جي سچائي تي ڪنهن به دليل جي ضرورت نه سمجهندا هئا.

جڏهن حضرت خديجه رضه کي پاڻ سڳورن غارِ حرا جو واقعو ٻڌايو ته ان جواب ڏنو ته "الله تعاليٰ توهان کي هرگز خوار نه ڪندو، ڇاڪاڻ ته توهان ٻين جون ذميواريون کڻندا آهيو، مسڪينن تي ٻاجهه فرمائيندا آهيو ۽ مصيبت ۾ ڦاٿلن جي مدد ڪندا آهيو."

الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جن کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو "جيڪڏهن تون سخت مزاج ۽ تنگ دل هجين ها ته ماڻهو تنهنجي ويجهو به نه اچن ها."

حضور اڪرم ﷺ جن جو اخلاق ۽ خوبيون مختصراً بيان ڪجن ٿيون-

پاڻ سڳورا صفائي ۽ پاڪيزگي جو وڏو خيال رکندا هئا ۽ کين خوشبو پسند هوندي هئي، جنهن به رستي کان گذرندا هئا اهو رستو خوشبودار ٿي ويندو هو. جيڪو به پاڻ سڳورن سان مصافحو ڪندو هو، اُن جا هٿ سڄو ڏينهن خوشبودار رهندا هئا- حديث ۾ آهي ته " دين جو دارومدار پاڪيزگي تي آهي."



Marfat.com

پاڻ سڳورن جي صورت مبارڪ ۾ قدرت وڏو حسن رکيو هو. ڪجهه اصحابي بيان ڪن ٿا ته جڏهن هو گرمي جي موسم دوران ريگستان ۾ ڪم ڪندي ٿڪجي پوندا هئا ته مسجد ۾ اچي هڪ نظر چهري مبارڪ تي وجهڻ ڪانپوءِ تازه توانا ٿي ويندا هئا.

## فصاحت ۽ بلاغت:

پاڻ سڳورا عرب قبيلن جو سڀ زبانون ڄاڻندا هئا ۽ هر ماڻهوءَ سان ان جي ئي زبان ۾ گفتگو ڪندا هئا. جيڪو به فقرو سندن وات مان نڪرندو هو، اهو بامعنيٰ ۽ سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويندو هو، وڏن عالمن انهن ڏاهپ وارن فقرن کي جمع ڪري ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪيو آهي.

پاڻ سڳورن تمام وڏي نصيح هجڻ جي دعويٰ ڪئي ۽ سيئي ماڻهو ان تي متفق راءِ هئا. عرب جا ڪيترائي وڏا خطيب جيئن سحبان وائل ۽ قس بن ساعده وغيره سندن اڳيان ڪجهه به نه هئا. انهن جا سمورا ڪارناما پاڻ سڳورن صه جي بلاغت آڏو فنا ٿي ويا.

## برد باري:

الله تعاليٰ پاڻ سڳورن ﷺ کي ٻين نبين وانگر صبر ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي جيتوڻيڪ پاڻ سڳورن صبر جي ميدان کي ڪڏهن به نه ڇڏيو. جيڪو ماڻهو ساڻن ناتو ٽوڙيندو هو پاڻ ان سان ناتو جوڙيندا هئا ۽ جيڪو تڪليفون ڏيندو هو پاڻ ان کان درگزر ڪندا هئا ۽ دشمن سان پڻ احسان سان پيش ايندا هئا.

حضرت عائشه رضه فرمائي ٿي ته ”پاڻ سڳورن ڪڏهن به ڪنهن کي ذاتي مسئلي تي سزا نه ڏني. پر جيڪڏهن ڪوئي دين جي خلاف سازش ڪندو هو ته ان کي سزا ڏيندا هئا.“ اُحد جي جنگ ۾ جڏهن سندن جسم مبارڪ مان رت وهڻ شروع ٿيو ته اصحاب سڳورن عرض ڪيو ته يا رسول الله ! توهان حضرت نوح عليه السلام وانگر انهن کي بد دعا ڇو نه ٿا ڏيو. پاڻ سڳورن وراڻيو ته ”مان لعنت ڪرڻ لاءِ نه موڪليو ويو آهيان پر مون کي رحمت بڻائي موڪليو ويو آهي“. ان کان بعد هيءَ دعا گهري ته ” اي الله ! منهنجي قوم سمجهي نه ٿي، کين هدايت ڏي.“



Marfat.com

پاڻ سڳورن ﷺ کي ڪاوڙ دير سان ايندي هئي، پر راضي جلد ٿي ويندا هئا- منافق ڏينهن رات کين ستائيندا رهندا هئا پر پاڻ ڪڏهن به انهن کان انتقام نه ورتائون بلڪ هميشه ساڻن سهڻو ورتاءُ ڪندا هئا. جڏهن ته قريش پاڻ سڳورن کي ڪيترين ئي تڪليفون ڏيندا رهندا هئا، پرا نهن تي قابو پائيندا هئا ته پوءِ کين معاف ڪري ڇڏيندا هئا-

## سخاوت، ڪرم:

پاڻ سڳورا ﷺ وڏا سخي هئا ۽ سندن سخاوت رمضان مهيني ۾ وڌي ويندي هئي.

ڪڏهن به ڪوئي سائل سندن در تان خالي هٿين نه موٽيو ۽ منجهن اها خوبي ڀريان ڪان ئي موجود هئي-

هڪ دفعي هڪ شخص کي ٻڪرين جو سڄو ڌڻ ڏئي ڇڏيائون ۽ ڪيترن ئي ماڻهن کي سَو سَو اُٺ ڏئي ڇڏيندا هئا- نبوت ملڻ کان پوءِ گهر ۾ ڪوبه سامان رکڻ پسند نه ڪندا هئا ۽ جيڪو ڪجهه هوندو هو، اهو شام تائين ختم ڪري ڇڏيندا هئا- هڪ دفعي نوي هزار درهم حاجتمندن کي ڏئي ڇڏيائون ۽ ان کان پوءِ هڪ شخص آيو. پاڻ سڳورن فرمايو ته" هاڻي مون وٽ ته ڪجهه به نه آهي،پر تون منهنجي نالي سان قرض وٺ، مان ادا ڪندس." حضرت عمر رضه عرض ڪيو ته الله تعاليٰ ڪنهن کي به حد کان وڌيڪ تڪليف نه ڏني آهي. جنهن تي پاڻ سڳورا ناراض ٿيا- ان کان پوءِ هڪ انصاري عرض ڪيو ته "يا رسول الله! توهان خرچ ڪندا رهو. ڇاڪاڻ ته الله تعاليٰ وڏو مهربان آهي."

اهو ٻڌي پاڻ سڳورن فرمايو ته ،"مون کي اهڙي صلاح ڏيندا ڪريو."

## بهادري:

پاڻ سڳورا وڏا بهادر هئا ۽ جنگين جي اهڙين سخت حالتن ۾ به ثابت قد م رهيا، جن دوران ڪيترائي وڏا بهادر ڀڄي ويا- حضرت علي رضه فرمائن ٿا ته جنگ جي سخت جهڙپن دوران اسان پاڻ سڳورن جي پٺيان پناهه وٺندا هئاسين،۽ پاڻ سڳورا ئي دشمن جي قريب هوندا هئا.

مديني ۾ هڪ رات خوف پکڙيل هو ته غساني بادشاهه اچي ويو آهي-پاڻ سڳورا اڪيلا گهوڙي تي سوار ٿي مديني جو چڪر لڳائي آيا ۽ ماڻهن کي اطمينان ڏنو ته خطري جي ڪا به ڳالهه نه آهي-



Marfat.com

## حياء:

حضرت ابو سعيد رضہ ٻڌائي ٿو تہ پاڻ سڳورا حياء جا مالڪ هئا۔ ڪڏهن بہ ڪنهن کي اهڙي ڳالهہ نہ چياڻون جيڪا ان کي بري لڳي. جڏهن بہ ڪائي ڳالهہ مزاج جي خلاف هوندي هئن تہ اسان سندن چهري مان سمجهي ويندا هئاسين۔

حضرت عائشہ رضہ بيان ڪري ٿي تہ " جڏهن ڪنهن جي ڳالهہ نا پسند لڳندي هئن تہ سندن نالو وٺي نہ چوندا هئا پر اشاري ۾ فرمائيندا هئا تہ "ماڻهنکي ڇا ٿيو آهي جو اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا." ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪاوڙ سان نہ ڏٺائون ۽ سدائين اکيون جهڪائي رکندا هئا. جڏهن کل ايندي هئن تہ صرف مسڪرائيندا هئا۔

## معاشري سان سهڻو سلوڪ:

هر ننڍي وڏي سان محبت وارو سلوڪ ڪندا هئا جنهن جي ڪري ماڻهو پنهنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ کين سمجهندا هئا. جيڪو بہ شخص مهمان ٿي پاڻ سڳورن ﷺ وٽ ايندو هو ، ان جي تعظيم ڪندا هئا ۽ پنهنجو ڪمبل ۽ گدو سندس لاءِ وڇائيندا هئا۔ پاڻ سڳورا هر ماڻهوءَ کي سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا هئا. جنهن بہ ماڻهوءَ کي سڏڻو هوندو هئن تہ کيس سٺي نالي سان سڏيندا هئا۔ ڪنهن جي بہ ڳالهہ وچ ۾ نہ ڪٽيندا هئا۔ جيڪڏهن ڪو حاجتمند نماز دوران اچي ويندو هو تہ نماز مختصر ڪري ڇڏيندا هئا۔

قرآن جي لهڻ دوران خطبي کان سواءِ ٻين حالتن ۾ خوش مزاج هوندا هئا ۽ مسڪرائيندا رهندا هئا. سندن محفل ۾ عيب ڪيڻ ، غيبت ۽ حد کان وڌيڪ مذاق نہ ٿيندي هئي.

پاڻ سڳورا هر شخص جي عزت جو خيال رکندا هئا. ايستائين جو هر صحابي اهو سمجهندو هو تہ پاڻ مون کان وڌيڪ ڪنهن کي بہ نہ ٿا چاهين ۔ ڪوبہ شخص سندن ذات کان مايوس نہ هوندو هو۔

پاڻ سڳورا ﷺ هر ماڻهو جو هديو قبول فرمائيندا هئا ۽ کين پاڻ بہ تحفا ڏيندا هئا.خادمن ، نوڪرن،غلامن ، مسڪينن ۽ محتاجن جي دعوت پڻ قبول فرمائيندا هئا . جڏهن ڪوئي بيمار ٿيندو هو تہ سندس عيادت لاءِ ضرور ويندا هئا۔ ڪوئي احسان ڪندو هو تہ ان جي بدلي



Marfat.com

کيس وڏيک عنايت ڪندا هئا۔قبيلي جي معزز ماڻهن جي سندن درجي آهر عزت ڪندا هئا۔اهڙي شفقت، رحم ۽ مهرباني باوجود ماڻهن جي دلين ۾ سندن هيبت ايتري ته هئي جو ڪو به شخص نظرون کڻي ڏانهن ڏسي نه سگهندو هو ۽ اهڙي رعب ۽ دٻدٻي باوجود به سندن محفل موهيندڙ ۽ دکين کي تسلي ڏيندڙ هئي۔

نرمي ۽ رحم:

پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ذات نه رڳو پنهنجي اصحاب سڳورن ۽ امت لاءِ رحمت جو باعث هئي،بلڪ پاڻ بد خواهن ۽ دشمنن سان پڻ مهرباني سان پيش ايندا هئا۔ الله تعاليٰ کين رئوف ، رحيم ۽ رحمته اللعامين سڏيو آهي.

حضرت ابوهريره رضہ بيان ڪري ٿو ته هڪ ڀيري کيس بک ڪاٽيندي ڪيترا ئي ڏينهن گذري ويا هئا ۽ منجهس سوال ڪرڻ جي همت به نه هئي ان ڪري گهر کان ٻاهر نڪري رستي تي وينس ته جيئن ڪو راهگير منهنجي حالت ڏسي ڪجهه ڪارائي.

حضرت ابوبڪررضہ جو اوچتو ان رستي تان گذر ٿيو، پر پاڻ سلام ڪندي اڳتي وڌيا ته کائنس هڪ آيت جو مطلب سمجهائڻ لاءِ عرض ڪيم ته جيئن هو گفتگو دوران منهنجي حالت سمجهي سگهن۔جيئنتوڻيڪ مون ان آيت جو مطلب چڱي طرح ڄاڻتو ٿي. حضرت ابوبڪر رضہ آيت جو مطلب سمجهائي جنهن پاسي وڃڻ پيا ، ان پاسي هليا ويا۔حضرت عمر رضہ آيو، انهيءَ سان به ساڳي صورت پيش آئي ۽ اهي به ڪيفيت کي سمجهي نه سگهيا۔ ڪجهه دير کان پوءِ رحمت عالم اتان گذريا ۽ پري کان ئي مسڪرايائون. پوءِ پاڻ سڳورا مون کي هٿ کان جهلي گهر وٺي ويا.

حضرت عائشه رضہ کان گهر ۾ ڪا کائڻ جي شيءِ پڇيائون. اُم المومنين ٻڌايو ته گهر ۾ ڪجهه به موجود نه آهي سواءِ هڪ کير جي پيالي جي جيڪو تحفي طور مليو آهي۔پاڻ سڳورن اهو کير گهرائي مون ڏانهن وڌايو. مون ضد ڪيو ته پاڻ سڳورا ڀريان پيئن ۔پاڻ سڳورن ڍڪ پي مون کي ڏنائون۔



Marfat.com

## وعدي وفائي:

حضرت محمد ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ " جيڪو واعدي پاڙڻ جو پابند نہ آهي،ان جو ڪوئي دين نہ آهي."پاڻ سڳورن جي فطرت هئي تہ واعدو ڪري پاڙيندا هئا ۽ اهو نہ صرف دوستن سان بلڪ دشمنن سان بہ واعدو پاڙيندا هئا.

## احسان:

جنهن شخص سان بہ ڪين تعلق هوندو هو ، ان جو احترام ڪندا هئا. جنگِ حنين ۾ جيڪي قيدي گرفتار ٿي آيا انهن ۾ دائي حليمہ جي ڌيءَ شيما بہ هئي. جڏهن ڪين اطلاع مليو تہ ڪيس سڏايائون ۽ پنهنجي چادر وڇائي ڪيس ويهاريائون. ڪافي دير تائين گفتگو ڪندا رهيا وري پوءِ گهڻا ئي تحفا ڏئي احترام سان اجازت ڏنائون.

حضرت انس رضہ بيان ڪري ٿو تہ سندن گهر ۾ ڪا سٺي شيءِ ايندي هئي تہ حڪم ڏيندا هئا تہ هيءَ فلاڻي عورت کي ڏئي اچو ڇو تہ حضرت بيبي خديجہ رضہ ان عورت کي عزيز رکندي هئي.

بيبي ثويبہ رضہ ابو لهب جي نوڪرياڻي هئي ۽ ان عورت ڪين کجهہ کير پياريو هو . ان ڪري هر سال ڪين وڳو ۽ انعام موڪليندا هئا. جڏهن فوت ٿي وئي تہ دريافت ڪيائون تہ ڪوئي ان جو وارث آهي؟ معلوم ٿيو تہ ڪوبہ نہ آهي.

نجاشي وٽان جڏهن وفد آيو تہ پاڻ اهل وفد جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويا. اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ اسان حاضر آهيون .پاڻ سڳورن فرمايو،"انهن ماڻهن منهنجي مصيبتن جي ماريل اصحابن کي راحت پهچائي ۽ انهن کي عزت سان رکيو،ان لاءِ آئون چاهيان ٿو تہ ان احسان جي بدلي انهن جي خدمت ڪريان."

## تواضع:

ڪيفيت هيءَ هوندي هئي جو فقيرن ۽ مسڪينن سان گڏ ويهندا هئا ۽ انهن جي عيادت لاءِ ويندا هئا. جڏهن ڪوئي ادب ۾ اٿي بيهندو هو تہ فرمائيندا هئا تہ " عجمين وانگر تعظيم لاءِ اٿي نہ بيهندا ڪريو."

پاڻ سڳورا اصحابن سان رلي ملي ويهندا هئا. اجنبي ماڻهو سڃاڻي



Marfat.com

نہ سگھندو هو تہ انهن ۾ ڪير رسول الله ﷺ آهي.

حجتہ الوداع جي سفر ۾ سندن اٺ تي تتل ڪجاوو هو جنهن تي هڪ پراڻي چادر هئي جيتوڻيڪ انهيءَ حج ۾ سو اُٺن جي قرباني ڪيائون.

انهي تواضع جو اثر هو جو صحابين کي منع فرمايائون تہ" مون کي يونس عليه السلام تي فضيلت نہ ڏيو ۽ نہ ئي حضرت موسيٰ عليه السلام کان وڏايو."

هڪ ڀيري هڪ شخص وٽن آيو ۽ رعب ۽ دٻدٻي کان ڏڪڻ لڳو تہ ان جي تسلي لاءِ فرمايائون تہ گھٻراءِ نہ ، مان ڪو بادشاهہ نہ پر قريش جي هڪ عورت جو پٽ آهيان جيڪا سُڪل گوشت کائيندي هئي-".

## ديانتداري:

پاڻ سڳورن جي عدل ۽ انصاف، امانت ۽ ديانت جا دشمن بہ قائل هئا. ان ڪري نبوت کان پهريان ئي امين جي لقب سان مشهور هئا ۽ ان وقت بہ ماڻهو پنهنجا جهڳڙا کانئن حل ڪرائيندا هئا-

سندن ديانت کان ابو جهل جهڙي سخت دشمن کي بہ انڪار ڪين هو- جڏهن ابو سفيان کان جيڪو مڪي ۾ اسلام جو سڀ کان وڏو دشمن هو ، هرقل بيت المقدس ۾ سوال ڪيو تہ ڇا ان شخص (رسول الله ﷺ) کي ان جي ان دعويٰ کان اڳ ڪوڙو سمجهيو ويندو هو؟

ابو سفيان کي اهو جواب ڏيڻو پيو تہ" نہ."

## وقار:

خارجہ بن يزيد چوي ٿو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن محفل ۾ سدائين باوقار رهندا هئا ۽ بنا ضرورت جي ڪڏهن بہ ڳالهہ نہ ڪيائون. جيڪڏهن ڪو اڻوڻندڙ ڳالهہ ڪندو هو تہ پاڻ چهرو ڦيرائي ڇڏيندا هئا. پاڻ سڳورن ﷺ جن جي محفل ۾ ڪو بہ وڏي آواز سان نہ ڳالهائيندو هو.ويٺل ماڻهو اهڙي طرح ڪنڌ جهڪائي ويهندا هئا جڻ سندن مٿان پکي ويٺل هجن- ڪنهن جي شڪايت ٻڌڻ نا پسند ڪندا هئا. پر جيڪڏهن ڪٿي ڪو ڪندو بہ هو تہ گهٽ ڪري اثر نہ وٺندا هئا.

مطلب تہ حضور اڪرم ﷺ اخلاق ۽ خوبين جي لحاظ کان اهڙي



Marfat.com

مرتبي تي پهتل هئا جيڪو اڄ تائين دنيا جي وڏي ۾ وڏي نبي کي به نصيب نه ٿي سگهيو.

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ پاڻ سڳورن جي تعريف ۾ ارشاد فرمايو ته ”۽ بيشڪ تون اخلاق جي وڏي درجي تي پهتل آهين.“

ڪنهن به انسان کي طاقت نه آهي ته هو پاڻ سڳورن ﷺ جي خلق عظيم واري ڪيفيت بيان ڪري سگهي.

اسان رڳو ڪجهه ڳالهيون نصيحت پرائڻ لاءِ لکيون آهن.

پاڻ سڳورن جي ان خوبين جو اثر هو جو اهل عرب وڏي دشمني ڪرڻ جي باوجود به نيٺ سندن آڏو جهڪيا ۽ ان دين کي قبول ڪيائون جنهن جي مخالفت ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر نه ڇڏي هيائون.

پاڻ سڳورن ﷺ کان اهي معجزا جيڪي آسماني تائيد سان ظاهر ٿيا، جيڪڏهن نه به ٿين ها تڏهن به سندن خلق عظيم سندن دعويٰ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي هو.



Marfat.com

# سيرتِ رسول هڪ نظر ۾

عمران بدر سولنگي

| | واقعو | نبي ﷺ جن جي عمران وقت | قمري سال | شمسي سال |
|---|---|---|---|---|
| 1 | پيدائش | 9 ربيع الاول | 1 عام الفيل | 22اپريل 571ع |
| 2 | حليمہ سعديہ رضہ جي گود ۾ | ڇهن مهينن جي عمر ۾ | 1 عام الفيل | سن 571ع |
| 3 | پيهر ماءُ جي آغوش ۾ | پنج سالن جي عمر ۾ | 6 عام الفيل | سن576ع |
| 4 | والده جي وفات | ڇهہ سالن جي عمر ۾ | 7 عام الفيل | سن 577ع |
| 5 | ڏاڏي عبدالمطلب جو انتقال | اٺن سالن جي عمر ۾ | 9 عام الفيل | سن579ع |
| 6 | پهريون تجارتي سفر شام ڏانهن | ٻارنهن سالن جي عمر ۾ | 13 عام الفيل | سن 583ع |
| 7 | جنگ فجار ۾ شرڪت | پندرهن سالن جي عمر ۾ | 16 عام الفيل | سن 584ع |
| 8 | حلف الفضول ۾ شرڪت | سورنهن سالن جي عمر ۾ | 17 عام الفيل | سن 587ع |



Marfat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 9 | حضرت خديجہ سان نڪاح | پنجويهہ سالن جي عمر ۾ | 24 عام الفيل | سن 596ع |
| 10 | قوم جي طرف کان امين جو خطاب | ٽيهہ سالن جي عمر ۾ | 31 عام الفيل | سن601ع |
| 11 | تنصيب حجراسود جو واقعو | پنجٽيهہ سالن جي عمر ۾ | 36 عام الفيل | سن 606ع |
| 12 | حضرت علي رضہ جي ڪفالت جي ذميواري ڪرڻ | پنجٽيهہ سالن جي عمر ۾ | 36 عام الفيل | سن 606ع |
| 13 | غارِ حرا ۾ عبادت ۾ مشغول ٿيڻ جو آغاز | ستٽيهہ سالن جي عمر ۾ | 38 عام الفيل | سن 608ع |
| 14 | وحي جو آغاز | چاليهہ سالن جي عمر ۾ | 41 عام الفيل | سن 611ع |
| 15 | فجرءِ عصر جي نمازن جو فرض ٿيڻ | چاليهہ سالن جي عمر ۾ | 41عام الفيل | سن611ع |
| 16 | خفيہ دعوت جو آغاز | ايڪيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 1 نبوي | سن 612ع |
| 17 | چاليهہ ماڻهن جو اسلام قبول ڪرڻ | ٽيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 3 نبوي | سن 614ع |
| 18 | عام اعلان | ٽيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 3 نبوي | سن 641ع |
| 19 | حبش ڏانهن اصحابن جي هجرت | پنجيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 5 نبوي | سن 616ع |
| 20 | حضرت عمرءِ حمزه جو قبول اسلام | ڇائيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 6 نبوي | سن 617ع |
| 21 | شعب ابي طالب ۾ محصوري | ستيتاليهہ سالن جي عمر ۾ | 7 نبوي | سن 618ع |
| 22 | مقاطعي جو خاتمو | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10نبوي | سن 621ع |



Marfat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 23 | حضرت خديجہ جي وفات | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10 نبوي | سن 621ع |
| 24 | چاچي ابو طالب جي رحلت | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10 نبوي | سن 621ع |
| 25 | طائف جو سفر | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10 نبوي | سن 621ع |
| 26 | حضرت عائشه سان نڪاح | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10نبوي | سن 621ع |
| 27 | واقعہ معراج | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10نبوي | سن621ع |
| 28 | پنج وقت نماز فرض ٿيڻ | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10نبوي | سن 621ع |
| 29 | مديني ۾ اسلام جو آغاز | پنجاهہ سالن جي عمر ۾ | 10نبوي | سن 621ع |
| 30 | مديني جي 16 ماڻهن جو اسلام قبول ڪرڻ | ايڪونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 11نبوي | سن 622ع |
| 31 | مديني جي 12 ماڻهن جو اسلام قبول ڪرڻ | ٻاونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 12نبوي | سن 623ع |
| 32 | مديني جي ماڻهن 75ماڻهن جو اسلام قبول ڪرڻ | ٽيونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 13نبوي | سن 624ع |
| 33 | مديني ڏانهن هجرت | ٽيونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 13نبوي | سن 625ع |
| 34 | مسجد نبوي جو سنگ بنياد رکڻ | چونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 1هجري | سن 625ع |
| 35 | مواخاتِ مهاجرين و انصار | چونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 1 هجري | سن 625ع |
| 36 | دفاع ڏانهن توجه | چونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 1 هجري | سن 625ع |



Marfat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 37 | جهاد جو حڪم | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن 626ع |
| 38 | غزوه ودان | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن 626ع |
| 39 | ڪرزبن جابر جو مديني تي راتاهو | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن 626ع |
| 40 | عمر حضرمي جي قافلي سان تصادم | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن 626ع |
| 41 | قبلي جو تبديل ٿيڻ | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن 626ع |
| 42 | روزن جو فرض ٿيڻ | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2 هجري | سن626ع |
| 43 | نماز عيدالفطر جو حڪم | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2هجري | سن626ع |
| 44 | غزوه بدر | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2هجري | سن626ع |
| 45 | بنو قينقاع جو معاهدو | پنجونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 2هجري | سن626ع |
| 46 | غزوه احد | ڇاونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 3هجري | سن627ع |
| 47 | رجيع جو واقعو | ستونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 4هجري | سن 628ع |
| 48 | غزوه دومته الجندل | اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 5هجري | سن629ع |
| 49 | غزوه مصطلق | اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 5 هجري | سن629ع |
| 50 | افڪ جو واقعو | اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 5هجري | سن 629ع |
| 51 | غزوه خندق | اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 5هجري | سن629ع |

محمد اللہ بي وفا بلند ذخيره



Marfat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 52 | بنو قريظہ جي سر ڪوبي | اٺونجاهہ سالن جي عمر ۾ | 5هجري | سن629ع |
| 53 | صلح حديبيہ | اٺهٺ سالن جي عمر ۾ | 6هجري | سن630ع |
| 54 | خالد بن وليد جو اسلام قبول ڪرڻ | اٺهٺ سالن جي عمر ۾ | 6هجري | سن 630ع |
| 55 | بادشاهن کي اسلام جي دعوت ڏيڻ | سٺ سالن جي عمر ۾ | 7هجري | سن 631ع |
| 56 | غزوه خيبر | سٺ سالن جي عمر ۾ | 7هجري | سن 631ع |
| 57 | عمرة القضاء | سٺ سالن جي عمر ۾ | 7هجري | سن 631ع |
| 58 | حديبيہ جي ٺاهہ جو خاتمو | ايڪهٺ سالن جي عمر ۾ | 8هجري | سن 632ع |
| 59 | فتح مڪہ | ايڪهٺ سالن جي عمر ۾ | 8هجري | سن632ع |
| 60 | طائف جو محاصرو | ايڪهٺ سالن جي عمر ۾ | 8هجري | سن 632ع |
| 61 | فرزندِ رسول حضرت ابراهيم جو انتقال | ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ | 9هجري | سن 632ع |
| 62 | غزوه تبوڪ | ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ | 9هجري | سن633ع |
| 63 | مسجدِ ضرار جو ڍاٿو ويڄڻ | ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ | 9هجري | سن 633ع |
| 64 | حج جو فرض ٿيڻ | ٻاهٺ سالن جي عمر ۾ | 9هجري | سن633ع |
| 65 | حجتہ الوداع ۾ آخري خطبو | ٽيهٺ سالن جي عمر ۾ | 10هجري | سن624ع |
| 66 | علالت ۽ وصال | ٽيهٺ سالن جي عمر ۾ | 11هجري | سن 635ع |



Marfat.com




8292

Marfat.com